

سنڌ ۾ مارڪسزم-ليننزم جو پرچارڪ
ٻه ماهي
سماجواد
نومبر - ڊسمبر 2012
8
چارلس ڊارون
حياتياتي ارتقا جي نظريي جو ابو
پي پي ءِ جي غير عوامي سياست ۽ SPLGO اشو
سانحہ علی انٹرپرائز: سرمایہ داری کا بھیانک چہرا
وينز ويلا: شاويز جي چوٿون ڀيرو چونڊ
حياتياتي ارتقا جي نظريي جي اوسر

سنڌ ۾ مارڪسزم – ليننزم جو پرچارڪ

ٻه ماهي

سماجواد

حيدرآباد

(اڻين ڪڙي) نومبر / ڊسمبر 2012ع

قيمت: =/50

لکپڙهه لاءِ ايڊريس
گهر نمبر C-337 نزد بحريه
فائونڊيشن ڪاليج
گلستانِ سجاد حيدرآباد.
Cell # 03443333888

فهرست

شخصيت

هند ۽ سنڌ جو عظيم ڪميونسٽ ليڊر ۽ اداڪار ڪامريڊ اي ڪي هينگل جو وڇوڙو

سجاد ظهير

ايڊيٽوريل

ڪاٻي ڌر جي پارٽين جو انضمام ۽ انقلابي لفاظي

پاڪستان ۾ جهڙي تهڙي حال ۾ موجود ڪاٻي ڌر جو انهيءَ مامري تي ڪوبه اختلاف نه هوندو ته ملڪ اندر سول توڙي فوجي بورجوا حڪمراني، مذهبي انتها پسندي ۽ نسل پرستي جي صورت ۾ ساڄي ڌر جي سماج جي روحاني ۽ مادي بنيادن تي پڪڙ پهرين کان به وڌيڪ مضبوط آهي. پر ساڄي ڌر جي انهيءَ پڪڙ کي ڍري ڪرڻ ۽ سماج اندر طاقت جو توازن پنهنجي حق ۾ ڪرڻ واري مقصد کي بنياد بڻائيندي به ڪاٻي ڌر حڪمت عملين جي مامري تي ورهايل آهي. تازو 2 نومبر تي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪري ليبر پارٽي، ورڪرز پارٽي ۽ عوامي پارٽي کي ضم ڪري عوامي ورڪرز پارٽي جو اعلان ڪيو ويو آهي. هن انضمام جتي سماج جي مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندڙ ڪيترن ئي روشن خيال ۽ ترقي پسند ماڻهن کي اتساهيو آهي اتي ڪميونسٽ پارٽي پاڪستان سميت ڪجهه اهڙا گروپ به آهن، جن هن انضمام تي چوهه چنديا آهن. سندن تنقيد جا اهم پاسا ڪجهه هيئن آهن. انضمام ڪندڙ پارٽين جي غير مارڪسي- لينني بنياد نئين ٺهندڙ پارٽي جو نظرياتي اساس واري مامري کان اجتناب ۽ پرولتاريه آمريت جو نه هئڻ وغيره وغيره.

اسان سمجهون ٿا ته جن اهم نقطن کي اڳيان رکي تنقيد ڪئي وئي آهي، اهي هڪ انقلابي پارٽي لاءِ لازمي حيثيت رکن ٿا. مٿين بنيادن جي کوٽ ۾ هي امڪان هميشه رهن ٿا ته ڪا پارٽي صرف ڪاٻي ڌر جي رنگ سان سماج جي ساڄي ڌر جي ڍنگ کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ اهو به ٺيڪ آهي ته سندن جائزي جي اڪثر تنقيدي پاسن سان متفق به ٿي سگهجي ٿو پر نتيجن سان نه. ڇاڪاڻ ته ضروري ڪونهي ته جزيات ۾ رد ڪيل حقيقت کي ڪليات (ڪُل) به رد ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ ته جدليات ۾ ڪُل صرف جزن جو ميڪانڪي ميڙ ڪونهي ۽ ٻي ڳالهه ته انقلابي پارٽي جي موضوعي نهيل نڪيل سانچي سان هر معروضي حالت جي فرق کي درگذر ڪري، سياست ڪرڻ نه مارڪسزم آهي ۽ نه وري ليننزم. مارڪسزم جو بنيادي اصول آهي ته ماڻهو جو دنيا سان پهريون لاڳاپو درسي نه پر عملي آهي ۽ انهيءَ سرگرم لاڳاپي ۾ غلطين ۽ حاصلاتن جا ٻئي امڪان موجود رهن ٿا. اهو ٺيڪ آهي ته مارڪسزم جي تخليقي انداز ۾ پنهنجي سماج تي اطلاق ۾ معروضي حالتن جي دٻاءُ هيٺ ڪجهه نئون يا هٽيل ڪرڻ جي مجبوري جهڙن مقصدن ۽ لفظن پٺيان ئي ترميم پسندن تاريخ ۾ مارڪسي- ليني بنيادن کي ڇيهو رسائڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهن. پر مارڪسزم- ليننزم جي سائنس جو دفاع مٿي ڄاڻايل اٽڪر مجبوري کان منهن موڙي مونن ۾ هٽي، صرف ڪلاسڪس جي وضاحتن ذريعي ممڪن ڪونهي. اسان سمجهون ٿا ته هي انضمام بالشويڪزم، لبرلزم، سوشل ڊيموڪريسي سميت ڪيترائي رجحان رکندي به مارڪسي تحريڪ کي وڌيڪ قوت ڏيندي. ان سچي پڪي ليني پارٽي جي پيٽ ۾ جيڪا پنهنجي موضوعي انقلابيت جي موهه ۾ ايتري موهيل آهي جو راڻي کي ريجهائڻ جو مقصد به منجهند جي ماڪ ٿي ويو آهي. معروضي حالتن سان مختلف دائرن ۾ محدود سرگرميءَ جا امڪاني طور مختلف نتيجا نڪرندا آهن جنهن ۾ عملي ٺوس سائنس جو تجريدي اصولن ۾ بدلجڻ، موضوعي انقلابيت ۽ هر مامري ۾ خالصيت Purist رجحان اهم آهن. پاڪستان ۾ ڪاٻي ڌر جي اندر به انتهائون ڏسڻ لاءِ مليو وڃن. هڪڙو رجحان جيڪو موضوعي طور انقلابي اصولن ۽ علم کان وانجهيل هڪ اهڙي ترقي پسندي جي ويڙهه جا داعي آهي جيڪا هميشه نسبتي حيثيت ۾ موجود هوندي آهي. اهڙن ڌڙن لاءِ چئي سگهجي ٿو.

اپنی مرضی سے کہاں اپنے سفر کے ہم ہیں
رخ ہوائوں کا جدھر کا ہے ادھر کے ہم ہیں

هي اهو ڌڙو آهي جيڪو لبرلزم جي نانءَ ۾ نئين ٺهندڙ پارٽي اندر ساڄي ڌر جو ڪردار ادا

ڪندا. هي ٿي اهو ڏڍو آهي جيڪو هن رياست ڏانهن سڌار پسند رويو رکي ٿو. ساڳي وقت هڪ ٻيو انتهاپسند رجحان انهن موضوعيت پسند انقلابين جو آهي جيڪي هر نئين تبديلي کي رد ڪريو ڇڏين جيڪا سندن ڪابي ڌر جي انتها پسند لائين سان ٺهڪي ڪونه. بدليل حالتن ۾ حڪمت عملي طور به نه بدلجڻ ۽ حالتن منجهان نه سکڻ سندن امتيازي خاصيت آهي. سماجي ته ڇڏيو پر حياتياتي اصول آهي ته جيڪي قوتون پنهنجي معروض منجهان زندگي حاصل شين کي مستقل طور جسم ۾ موضوع جو حصو بنائڻ جي اهليت ۾ ڪمزور هونديون آهن. اهي آهستي آهستي پنهنجي جسم جي نامياتي ذخيرن کي کائي، ڪمزور ٿي هلڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي ويندين آهن. هن صورتحال ۾ ليبر پارٽي سنڌ، لينن جي ٻڌايل اصول ٻه قدم پوئتي هڪ قدم اڳتي تي ڪارآمد رهندي، ڪابي ڌر جي اتحاد کي لازمي ۽ اٽٽر سمجهندي ۽ پنهنجي مارڪسي ليننيِ اصولن کي هيانءَ سان هنڊائيندي انهيءَ جو حصو بڻجي ٿي پر جيئن ته نئين ٺهندڙ پارٽي جي مارڪسي- ليننيِ ڪونه آهي تنهنڪري سماجواد ميگزين آئينده ان پارٽي جي نمائندگي نه پر مارڪسي ليننيِ فڪر جي ترويج جو ڪم ڪندو رهندو ۽ انهيءَ ڪري بورڊ ۾ به انتظامي تبديليون ڪيون ويون آهن. اميد ته اوهان جو ساٿ هميشه جيئن ساڻ هوندو.

ڏيهي سياسي صورتحال

پي پي جي غير عوامي سياست ۽ SPLGO اشو

بخشل ٿلهو



مڪاني نظام وارو مامرو ۽ عوامي نقطئه نظر

موجوده پي پي حڪومت، پاڪستان جي پوري تاريخ ۾ ٻي (Second) سولين حڪومت هوندي، جيڪا پنهنجو آئيني مدو پورو ڪندي. رياست جي بحران سبب هڪ پاسي عسڪري قوتون ڪنهن مهم جوئي جي رسڪ کڻڻ جي پوزيشن ۾ نه هيون ۽ ٻئي پاسي پي پي جي حڪومت مفاهمت جي نالي ۾ عوامي گهرجن کي پٺي ڏئي، عالمي سرمائي، رياستي ۽ غير جمهوري قوتن جي مفادن کي اوليت ڏئي، اقتدار کي يقيني بڻايو. هيءَ ٻڌي ۽ مفاهمت لازمي طور تي اختلافن ۽ تضادن کان آجي ڪونه هئي. پر هٺندي ماريندي رياست جا سمورا ادارا (فوج، عدليه، پارليامينٽ، نوڪرشاهي) آخر ۾ رياست جي وسيع تر مفاد ۾ هڪ ٿيو وڃن. جنهنجو تازو مثال سوئيس اختيارين ڏانهن خط لکڻ واري مامري جو وچين طريقي سان نبرجي وڃڻ آهي. هڪ اهڙي صورتحال ۾ پي پي جهڙي بورجوا پارٽي لاءِ پنهنجي عوامي رنگ جي ڪوڙي ڍنگ کي بچائڻ ، اجا ڏکيو ڪم ٿي پوندو آهي. عوامي رنگ جي اها محرومي ئي هئي جيڪا تڪراري بل (SPLGO) واري اشو تي نظر آئي ۽ملڪ جي سڀ کان وڏي پارٽي پوري سرڪاري مشينري کي استعمال ڪرڻ ڪانپوءِ به حيدرآباد ۾ 15 تاريخ واري جلسي ۾ ڪو وڏو عوامي ميڙ گڏ ڪرڻ ۾ ناڪام وئي.

سنڌ جي ويجهي سياسي وايومنڊل ۾ SPLGO جهڙو شايد ئي ڪو ٻيو اشو هجي ، جيڪو تمام گهٽو پيچيده ۽ ٽيڪنڪل هوندي به، نه صرف تمام گهٽو بحث هيٺ آيو آهي پر جنهن مستقل سياسي تحرڪ به پيدا ڪيو هجي. توٽي جو 297 صفحن تي آڌاريل، انگريزي ۾ لکيل اهو بل، تڏهن عام لاءِ ظاهر ڪيو ويو، جڏهن انهيءَ کي ايڪٽ جي شڪل ڏني وئي. اهڙي صورتحال ۾ بل جي مخالفت جا ٽيڪنڪي بنياد لازمي طور ڪمزور رهڻا هئا. (جن ڏانهن پي پي حڪومت ٺٺول واري انداز ۾ ڳالهائيندي رهي آهي ۽ جنهن جو خاطر خواهه حد تائين تدارڪ به ٿي چڪو آهي.) پر سنڌ جي عوامي سياست شروعات کان ئي پنهنجي ڀرپور مزاحمت ۽ بل مخالفت سان سامهون آئي. مخالفت جو اهو عوامي سينس به پيپلز پارٽيءَ جي پوئين دور جي سموري حڪومتي ڪارڪردگيءَ جو نتيجو آهي. جنهن ۾ سندن غير عوامي سياست، حڪمتِ عملين ۽ فيصلن جي موٽ ۾ عوام لاڳاپيل، صحيح ۽ گهري ڄاڻ ملڻ کان پهرين ئي انهن فيصلن خلاف، پنهنجي بيهڪ کي طئي ڪرڻ ۾ ڪنهن قدر ڪامياب ويندو رهيو آهي. ڄاڪاڻ ته پي پي جي حڪومتي دور ۾ سندن ڪارڪردگيءَ جي عوامي چارٽ ۾ 18هين ترميم ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه ناهي لکيل. باقي سندن غير عوامي ڪارڪردگيءَ وارو پاسو پورو جو پورو ڀريل آهي. جنهن ۾ ڪيترين

ٿي عوامي تحريڪون ۽ گهرجون آهن، جن ڪي اقتدار جي ڪيهه ڪنن ۾ وجهي ٻڌو اڻٻڌو ڪيو ويو. جنهن ۾ ڀاٽي ڪوٽ خلاف هارين، پڇڙيلن وارن جا احتجاج، پنين سالن ۾ آيل ٻن وڏين ٻوڏن ۾ انتظامي نااهلي ۽ ڪرپشن، سنڌ اندر ڪرندڙ تعليمي معيار خلاف تعليم دوست قوتن جون دانهون، KEC جي پورهتن ڪانوني ڪري، ليڊي هيلٿ ورڪرن جي تحريڪن کي اڻٻڌو ڪرڻ، 300 پروهيتن جا لاشا سندن گهرن ڏانهن موڪلڻ ڪانپوءِ به ليبر قانونن جي اطلاق ۾ سرد مهري، اٽلندو ٽريڊ يونين اڳواڻن تي اينٽي ٽيررسٽ ڪورٽ ۾ ڪيس، سنڌ اندر نسل پرست سياست جو اڀار، ۽ ڪراچي جي امن جي مسلسل خراب صورتحال، مذهبي انتها پسندن خلاف ڏينهن به ڏينهن ميدان ڇڏڻ واري روش ۽ ميان مٺو جهڙن ماڻهن جي پشت پناهي، پي پي جي عوامي هجڻ واري دعويٰ سان ابتي نسبت ۾ لاڳاپيل ۽ مستقل وڌندڙ مهانگائي، بيروزگاري ۽ آخر ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي قاتل ۽ ڪرپٽ وي سي کي نه هٽائڻ واري هوڏ، اهم آهن. اهڙو ساڳئي هوڏ پي پي جي حڪمرانن SPLGO واري اشو تي ڏيکاري آهي. لڳي ائين ٿو ته عوامي پسند ۽ نا پسند واري رهنما قطب نما (COMPASS) جي جاءِ تي اتحادي قوتن جي ۽ جاگيردار ميمبرن جي مفادن جي رهنمائي ۾ ئي هاٺوڪا حڪمران پنهنجي بچاءَ جو دڳ ڳولهي رهيا آهن. قطب نما جي اها تبديلي پي پي جي اقتدارڪي ته يقيني بڻائي ٿي پر سندس عوامي، جمهوري ۽ سيڪيولر ٻاهرين رنگ روپ تي ڪاري مس به هاري ڇڏي ٿي. اڄ پي پي جي حڪومت SPLGA ايڪٽ کي سنڌ جي وڏي خدمت ۽ پنهنجي تمام وڏي ڪاميابي قرار ڏئي ٿي ۽ انهيءَ جي مخالفت ڪندڙن کي تنگ نظر، عقل کان عاري، ۽ غير جمهوري هئڻ جا القاب عطا ڪري ٿي، پر هو ڪنهن به عوامي نموني انهيءَ ايڪٽ جو دفاع ڪري نه ٿي سگهي. ملڪ جي صدر به ان ڳالهه جو اعتراف ڪندي صرف پٽي جي دور واري ٽيم نه هجڻ جو عذر ڄاڻايو آهي. ساڳي وقت اهو به سچ آهي ته ڪو به مرڪز مخالف، ترقي پسند ۽ جمهوري ماڻهو عمومي طور اختيارن جي هيٺ منتقليءَ جو مخالف نه هوندو آهي پر بل جي ٽيڪنڪي ۽ سنڌ جي سماجي، سياسي حالتن جي نوس جائزي ڪانپوءِ پوزيشن مختلف ٿيو وڃي.

اختيار جي هيٺ تائين منتقلي،

هڪ جمهوري گهر جا غير جمهوري نتيجا

عا م طور تي پاڪستان ۾ حڪومت ۽ اختيار جا ٽي ڏاڪا، درجا (TIERS) ٽين ٽا. جن ۾وفاقي يا مرڪزي، صوبائي يا قومي، علاقائي يا لوڪل شامل آهن. هن رياست جي پهرين ڏينهن کان ئي اصل حڪمرانن گهڻا تڻا اختيار مرڪز يا پاڻ وٽ رکيا آهن. جيستائين صوبائي ۽ لوڪل اختيارن جو مامرو آهي ته انهن جو بنيادي ڪم مرڪز جي اختيار کي جسٽيفاءِ ڪرڻ رهيو آهي يا مليل اختيارن تان به مرڪز جي هڪ هٿي سبب هٿ ڪٽڻ رهيو آهي. لوڪل گورنمينٽ جي مامري کي ئي ڏسجي جيڪو 1973 جي آئين ۾ نه ته وفاق جي اختيار ۾ ٿي آيو ۽ نه وري ڪنڪرنٽ لسٽ ۾. نتيجي طور صوبن (قومن) کي ئي انهيءَ تي دسترس حاصل هئي. پر رياست جي غير جمهوري بيهڪ سبب صوبا (قومون) پنهنجو اختيار استعمال ڪرڻ جي قوت کان آجا رهيا ۽ صرف مرڪز طرفان طئي ٿيندڙ مڪاني نظام کي قبول ڪندا رهيا. اهڙي ريت غير جمهوري مرڪز، جڏهن به جمهوريت کي هيٺ لاهڻ جو منصوبو رٿيو يا لوڪل

گورنمينٽ کي اڃا بااختيار بڻايو آهي ته انهيءَ جو هڪ اهم مقصد صوبائي يا قومي حڪومتن کي اڃا ڪمزور ڪرڻ رهيو آهي. پوءِ اهو ايوب جو بي ڊي سسٽم هجي يا مشرف جو ناظمي نظام. انهيءَ ۾ ڪا به حيرت نه ٿيڻ گهرجي ته پاڪستان جي تاريخ ۾ صرف هڪ دفعو لوڪل گورنمينٽ جا اليڪشن نواز شريف جي سولين گورنمينٽ ۾ ٿيا نه ته سمورا اليڪشن فوجي آمريتن جي دور ۾ ٿيا آهن. هي پهريون دفعو هوندو جو ارڙهين ترميم ڪانپوءِ لوڪل گورنمينٽ جي نظام جو اختيار صوبن (قومن) کي ڏنو ويو آهي ۽ SPLGA جي صورت ۾ پي پي حڪومت هڪ اهڙو نظام ٺاهيو آهي جيڪو ماضي جي مشرفي نظام وانگي ڪوڙ سارن عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن ٽڪساٽن کي آئيني ۽ قانوني شڪل ڏئي ٿو.

عام طور تي اختيارن جي هيٺين سطح تائين منتقليءَ کي جمهوري مطالبن منجهان هڪ اهم گُهر ڄاڻايو ويندو آهي ۽ بلڪل جائز ڄاڻايو ويندو آهي پر هتي اسان وٽ رياستي آشيرواد سان مضبوط ڪيل جاگيرداراڻي تاڃي پيٽي سبب، اختيارن جي علائقائي سطح تائين منتقلي هن ڳرنڊڙ ، مرنڊڙ رجعتي طبقي جي قوت منجهه اظافي جو ڪم ڪندي رهي آهي. درحقيقت جاگيرداري ۽ جمهوريت نه صرف هڪٻئي جا مخالف پر متضاد لقاءُ آهن جنهن ۾ هڪ جي موجودگي، ٻي جي اٿهوند کي اظهاريندي آهي پر هي ٿين دنيا جي سرمائيداريءَ جو ڪمال آهي ته ترقي پسنديءَ جو جهنڊو رجعت پسندن جي هٿ ۾، حق ۽ امن جو جهنڊو فاشسٽن جي هٿ ۾ ۽ جمهوريت جو جهنڊو جاگيردارن جي هٿ ۾ آهي. هن رياست اندر مرڪزي قوت کي اختيارن جي هيٺ منتقليءَجا ٻيا به ڪوڙ سارا جمهوري (؟) فائدا نظر ايندا آهن، جن ۾ سماج کي غير سياسي بنائڻ، قومي وحدتن کي مختلف علائقن ۽ ضلعن ۾ تقسيم ڪرڻ (صرف انتظامي نه پر سياسي بنيادن تي)، مرڪز جي يونين ڪائونسل جي سطح تائين مداخلت کي يقيني بنائڻ ۽ تعلقي سطح تائين ڪرپٽ ۽ چاڙٽُو/ ڳيجهو طبقي جي جوڙجڪ اهم آهن. ٿوري گهٽي فرق سان ايوب جو بي ڊي سسٽم، مشرف جو ناظمي نظام ۽ زرداريءَ جو SPLGA اهو ئي ڪم ڪن ٿا.

جيسيتائين سوال آهي SPLGA جي بٽي (DUAL) بيهڪ جو ته انهيءَ جو واحد ڪارڻ سنڌ جي سماج جي ثقافتي ۽ ڊيموگرافڪ ڪان وڏيڪ سياسي تفريق آهي. (جنهن جا سگهارا بنياد آمر ضيا وڏا ۽ اوسر هڪ ٻي آمر، جنرل مشرف ڪئي). هونئن عام طور تي هر سرمائيدار سماج ۾ شهر ۽ ٻهراڙيءَ جو تضاد هڪ لازمي حقيقت هوندو آهي. پر سنڌ ۾ 80 جي ڏهاڪي ڪانوئي، رياست جي نوازشن سان شهر ۽ ٻهراڙيءَ جي مختلف عنصرن (پيداوار،ثقافت) جي فرق کي هڪ نئين غالب صورت ۾ اظهاريو ويو، جنهن کي اڄ اسان نسل پرستي سڏيون ٿا. جاگيرداريءَ سان گڏ نسل پرستي ئي اهو ٻيو رياستي هٿيار آهي جيڪو عوامي سياست لاءِ موتمار آهي ۽ جن جي موجودگيءَ ۾ اختيارن جي هيٺ منتقليءَ جو جمهوري تحفو ائين آهي جيئن شگرجي مريض لاءِ لبِ شيرين جي مٺائي. هي ته ٿيو حڪمرانن جو محڪومن کي تحفو، پر پريشانيءَ ان امر جي آهي ته هن ايڪٽ مخالف هلندڙ تحريڪ ۾ شامل سياسي قوتن وٽ به مٿي ڄاڻايل ٻن عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن عنصرن سان ويڙهه جو نه پروگرام آهي ۽

نه وري اهڙي سندن ڪا منشا نظر ٿي اچي.

انهيءَ مامري تي ڪجهه وڌيڪ لکڻ کان پهرين SPLGA جو جائزو انهن ٽيڪنيڪي ۽ جمهوري دائرن ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪبي جن جون حد بنديون، هي رياست پنهنجي آئين ۽ اڄوڪا حڪمران پنهنجي عوام دوست لفاظي ذريعي مقرر ڪن ٿا.

SPLGA ۽ عوامي، جمهوري تقاضائون

جمهوري گهرجن مطابق جڏهن ڪوبه آرڊيننس، اسيمبلي ۾ پاس ٿيڻ لاءِ ايندو آهي ته انهيءَ کي ايڪٽ جي شڪل ڏيڻ کان پهرين هيٺين چند پاسن جو ڌيان لازمي رکيو ويندو آهي.

1. لوڪل گورنمينٽ جو هي نظام صوبائي گورنمينٽ جي ايڪسٽينشن آهي يا نفي؟

2. ڪٿي اهو آرڊيننس امتيازي (Discriminatory) ته ڪونهي.؟

3. آرڊيننس ملڪ جي آئين سان ٽڪراءُ ۾ آهي يا نهڪاءُ ۾.؟

4. ڇا آرڊيننس کي پارليامينٽ ۾ جمهوري طريقي سان ايڪٽ جي شڪل ڏني وئي يا جمهوري قدرن کي لتاڙيو ويو؟.

5. آرڊيننس کي قانون جي شڪل ڏيڻ کان پهرين ڇا عوامي راءِ کي انهيءَ جو حصو بڻايو ويو يا انهيءَ کي بڌو ئي نه ويو؟.

انهن مٿين بنيادن جي روشني ۾ جڏهن اسان SPLGA جو جائزو وٺنداسين ته انهيءَ جي غير جمهوري، غير عوامي ۽ قوم دشمن بيهڪ واضح ٿي اچي ٿي.

SPLGA، صوبائي حڪومت جي ايڪسٽينشين يا نفي

عام طور لوڪل گورنمينٽ جي ڪاتي ۽ لوڪل سطح جا انتظامي مامرا جهڙوڪ صفائي سٿرائي، بنيادي صحت ۽ تعليم اچي ٿي ويا. پر موجوده SPLGA جي حساب سان صوبي جي 43 اختيارن/ ادارن منجهان 40 اختيار/ ادارا هيٺ ميئر يا چيئرمين کي ڏنا ويا آهن جن ۾ تعليم ۽ صحت سان گڏ سول دفاع، فشريز، ثقافت، ايڪسائيز، رهائش، ٽرانسپورٽ، امن امان، لينڊ رووينيو، توانائي وغيره اچيو وڃن. اهڙي ريت هن نظام مشرف دور جي ناظمن کان به وڌيڪ ميئر/چيئرمين کي بااختيار بنائي سنڌ ۾ هڪ بجاءِ ڇهه وڏا انتظامي يونٽ (Metropolitan) ٺاهي ڇڏيا آهن. پاڻ پوئتي مڪاني نظام کي بااختيار ڪري، قومي صوبائي حڪومتن کي ڪمزور ڪرڻ واري رياستي حڪمت عملي تي ڳالهائي آيا آهيون.

قانوني ماهر بيرسٽر ضمير گهمرو جي بقول ته هي واحد حڪومت آهي جيڪا پنهنجي اختيار وڃائڻ تي خوش ٿي رهي آهي پر سچ اهو به آهي ته اهو اختيار لازمي طور شهرن ۾ سندن اتحادين ۽ ٻهراڙي ۾ سندن جاگيردار ميمبرن جي هٿ ۾ اچڻو آهي. ڇهه ميٽروپوليٽن شهر (ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، خيرپور ۽ ميرپور خاص) ٺاهي، ميئر کي مئجسٽريٽ جا اختيار ڏئي، سياڻي جي جرڳن کي قانوني شڪل ڏني وئي آهي. جنهن سان سنڌ جو جاگيردار پرت اڃان مضبوط ٿي پنهنجي علائقي ۾ مطلق حڪمراني کي يقيني بڻائيندو. سنڌ اڃا وڌيڪ نسلن ۽ قبيلن واري جنگ ۽ سڃاڻپ ۾ گم ٿي ويندي. ايتريقدر جو ضلعي چيئرمين يا ميئر کي پوليس فورس ٺاهڻ جو به اختيار آهي. تنهن ڪري حيرت نه ٿيڻ گهرجي جيڪڏهن سياڻي ڪو جاگيردار يا پير صاحب وفاقي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ کان وڌيڪ اهميت ضلعي چيئرمين ٿيڻ کي ڏي. جيستائين سوال ميئر/ چيئرمين ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي تقابلي قوت يا اختيار جو آهي ته SPLGA جي شق 44 مطابق ضلعي يا ميٽروپوليٽن جي ڪنهن به قرارداد کي وڏو وزير تڏهن رد ڪري سگهي ٿو جڏهن انهيءَ جي رد

ڪرڻ جا سبب هڪ نئين جوڙيل اداري سنڌ پيپلز گورنمينٽ ڪائونسل SPGC کي ٻڌايا ويندا ۽ اهي به 90 ڏينهن جي اندر اندر نه ته قرارداد کي بحال سمجهيو ويندو. ۽ هن نئين اداري جي جوڙجڪ ۽ اختيار سيڪشن 151 ۽ 152 ۾ ٻڌايا ويا آهن. اهڙي ريت بل مخالف هڪ پارليامينٽرين جي بقول وڏي وزير کي پارليامينٽ جي اڪثريت جڏهن چاهي هٽائي سگهي ٿي پر ميئر/ چيئرمين کي هٽائڻ جا اختيار ٻين چونڊيل نمائندن کان وڌيڪ ڪائونسل ڏانهن ڏنا ويا آهن. هاڻي انهيءَ ۾ ڪا عربي فارسي ڪونهي ته سپاٽي جيڪي قوتون ميٽرو پوليٽن جون منتظم هونديون اهي ئي هن ڪائونسل جي ميمبرن جي چونڊ کي متاثر به ڪنديون. انهيءَ ڪانسواءِ SPLGA جو هڪ اهم نقطو سيڪشن 14 جي شق نمبر 5 آهي، جيڪا مڪاني نظام جي تمام گهڻن اختيارن کي اظهاري ٿي. هِن شق ۾ ميٽروپوليٽن ۽ هر ڪائونسل کي پنهنجي معاشي بيهڪ آڌار هر ان شهر جي سرگرمي ۽ آفيس جي اجازت مليل آهي جيڪا SPLGA جي تحت مڪاني گورنمينٽ ڏانهن منتقل ٿيل به ڪونهي. هي اها تڪراري شق اهي جيڪا ڪراچي جهڙي اهم شهر کي، جيڪو سڀ کان وڌيڪ ناٽو پيدا ڪندڙ آهي، صوبائي يا قومي حڪومتن جي مدِمقابل يا ڏار ڪري بيهاري ٿي. اسان کي سمجهڻ گهرجي ته اڄ جيڪڏهن ايم ڪيو ايم مهاجر صوبا تحريڪ تان عارضي طور هٽ ڪنيو آهي ته ان جا ڪهڙا عالمي ۽ ڏيهي ڪارڻ آهن؟ چاڪاڻ ته عالمي طور تي آمريڪي ۽ چيني سرمائي جي ٽين دنيا ۾ توانائي جي ذريعن ۽ انهن جي پنهنجي ملڪن تائين رسد جي سستي ۽ محفوظ رستن لاءِ چٽاپيٽي اسان جي اڳيان آهي. آفريڪا، لاطيني آمريڪا، وچ اير ڪانپوءِ هاڻي سنڌ انهيءَ جو مرڪز ٽيڻ ڏانهن وڃي پئي. سنڌ جي بندرگاهن ۽ ساحلي پٽي جي اهميت پهرين کان وڌي چڪي آهي. ذوالفقارآباد پروجيڪٽ ۽ ڪراچي جي پهرين ڏاڪي ۾ انتظامي عليحدگيءَ کي ان پسمنظر ۾ سمجهڻ گهرجي. عالمي سامراجي مفادن جو تحفظ ۽ اينڊڙ اليڪشن ۾ وري اقتدار ۾ رهڻ جهڙا محرڪ ئي پي پي ، ايم ڪيو ايم اتحاد ۽ هن تڪراري نظام جي پٺيان اصل ڪارڻ آهن.

SPLGA جي امتيازي (Discriminatory) ۽ ٻٽي (Dual) بيهڪ

اسين سڀ چڱي ريت ڄاڻون ٿا ته موجوده لوڪل گورنمينٽ جو نظام مرڪز ۾ پنهنجي پي پي حڪومت/ اقتدار جي بچاءُ لاءِ ايم ڪيو ايم کي هڪ رعايت (Concession) آهي. ٻين لفظن ۾ ڀاڙي جي پيٽ ۾ شهرن ۽ شهرن ۾ هڪ خاص سياسي تنظيم جي هڪ هٽي (Hegemony) کي قانوني شڪل ڏني وئي آهي. مثال طور مٿين مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ مشرف دور جي ڪراچي جي 18 ٽائونز جي حدبندين کي ساڳيو رکيو ويو آهي ۽ اهڙي ريت سيڪشن 18 جي شق 1 ميئر يا چيئرمين کي ضلعي، تعلقي، ٽائون ۽ يوسي مٿان اٺ ڳٽيا اختيار ڏئي ڇڏي ٿي. سيڪشن 8 مطابق ڪراچي جي پنج ضلعن کي (جنهن ۾ ايم ڪيو ايم جو غالب اثر رسوخ صرف ٻن ضلعن ۾ موجود هو) هڪ ضلعو ۽ حيدرآباد کي مختلف ضلعن ۾ ورهائڻ وارو فيصلو ساڳيو رکي هن نظام جي ٻٽي ۽ امتيازي ڪردار کي واضح ڪيو ويو آهي. مڪاني نظام جي اهڙي انتظامي فرق سان سنڌ اندر موجود لساني ۽ ثقافتي فرق گهٽجڻ بجاءِ وڌيڪ وڌڻ جا امڪان پيدا ٿين ٿا.

SPLGA جو آئين مخالف قانون

آئين جي آرٽيڪل 137 تحت لوڪل گورنمينٽ ڏانهن ادارا يا شعبا منتقل نه ٿا

ٿي سگهن پر آئين جي آرٽيڪل 138 مطابق اهي ڪم (نه ڪي ادارا يا شعبا) منتقل ٿي سگهن ٿا جيڪي لاڳاپيل (Related) هجن. پر سنڌ حڪومت طرفان 43 منجهان 40 کاتن جي منتقلي ۽ انهن مٿان ميئر/چيئرمين جو تمام گهڻو اختيار آئين سان متصادم آهي. نه صرف ايترو پر منتقل ادارن جي ملازمن کي به ضلعي ۽ ميٽرپوليٽن جي هٿ هيٺ ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ ريت سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جهڙن ادارن جي به هاٿي پهرين جهڙي اهميت نه رهندي ۽ انهيءَ سان تمام وڏو نقصان اهو ٿيندو ته مختلف ادارن ۽ شعبن جي هڪ صوبي اندر ڪارڪردگي هڪجهڙي (Homogeneous) ۽ منظم به نه رهي سگهندي. انهيءَ ڏس ۾ اخباري رپورٽن مطابق ڪراچي الائنس طرفان ڪورٽ ۾ هِن بل خلاف هڪ پٽيشن به جمع ڪرائي وئي آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته SPLGA آئين جي آرٽيڪل 4، 8، 5، 25، 32 ۽ 140 جي خلاف آهي. ٻيو اهو ته 18 ترميم کان پوءِ لوڪل گورنمينٽ جو مامرو سڌي ريت صوبائي حڪومت جي دائري اختيار ۾ اچي چڪو آهي. پر SPLGA جي شقن ۾ مرڪز جي مداخلت کي به قانوني شڪل ڏني وئي آهي جنهن ۾ پاڪستان جي صدر جو به عمل دخل موجود آهي. سيڪشن 123 ضلعي ڪائونسل جي فنانشل (معاشي) آڊٽ يا جانچ پڙتال جو آخري ۽ سڀ کان وڏو حق آڊيٽر جنرل پاڪستان کي ڏني ٿو. اهڙي ريت اها شق به آئين ۽ ارڙهين ترميم جي روح جي خلاف آهي.

بل جي ايڪٽ ۾ تبديلي ۽ جمهوري گهرجون

حقيقت اها آهي ته اسيمبليءَ ۾ پيش ڪيل بل کي پهرين جائزي لاءِ اسٽينڊنگ ڪاميٽي ڏانهن موڪليو ويندو آهي. توڻي جو انهيءَ بل جي منظوري جا اختيار به اسپيڪر وٽ اڪثريتي راءِ کان پوءِ هوندا آهن. پر SPLGA جهڙو تڪراري بل، نه صرف اسٽينڊنگ ڪاميٽي ڏانهن نه موڪليو ويو پر انهيءَ کي بنا ڪنهن بحث مباحثي جي پنج منٽن اندر قبول ڪيو ويو. ٻڌڻ ۾ اهو به اچي پيو ته اسيمبلي ۾ پاس ٿيندڙ بل 105 صفحن وارو جڏهن ته اصل بل 297 صفحن تي ٻڌل آهي ۽ ڪجهه بنيادي معاشي مامرن تي ڪي وضاحتون اجا اچڻ باقي آهن. اهڙيءَ ريت انهن جمهوري گهرجن جو خيال به نه رکيو ويو جيڪي آئيني طور هنن نام نهاد جمهوريت پسندن کي ونڻ گهربيون هيون.

عوامي راءِ جو احترام

هي عوامي اعتراض به درحقيقت مٿئين ڄاڻايل مامري سان ڳنڍيل آهي. مهينن کان سنڌ جو عوام مختلف سطحن ۽ جاين تي هِن بل خلاف پنهنجي اعتراضن کي اظهاريندو آيو آهي ۽ انهيءَ کي رد ڪرڻ جو مطالبو ڪندو آيو آهي. پر انهيءَ آواز کي ڪڏهن به ڪٿي به ڪنايو نه ويو ۽ سنڌ کي هڪ ڪارڊ جي حيثيت ڏئي ۽ انهيءَ جي هميشه ڪيسي ۾ رهڻ واري خوشفهمي هيٺ بل کي غير عوامي طريقن سان ايڪٽ جي شڪل ڏني وئي. اسان اڳ لکي چڪا آهيون ته پي پي جي قيادت، اڳين پيري وري زرداري جي ايجنڊا تي عمل پيرا آهي ۽ انهي مقصد لاءِ عالمي قوتون، فوج ۽ ايم ڪيو ايم وڏيڪ ڪارآمد آهن نه ڪي عوام، سو ٻڌبو به انهن کي نه ڪي عوام کي.

SPLGA مخالف تحريڪ جا ڪمزور عوامي بنياد

ٿيڻ ته ائين گهربو هو ته SPLGA جي مخالفت کي هڪ جمهوري عمل جو حصو سمجهندي انهيءَ بل تي تنقيد کي ائين جاءِ ڏيڻ (Incorporate) گهرجي ها جيئن پي پي حڪومت پارليامينٽ اندر حقيقي حزب اختلاف کي صرف نالي ماتر بچائي رکيو آهي. پر ان جي ابتڙ پي پي حڪومت هِن

ايڪٽ مخالف تحريڪ جي غير جمهوري طريقن تي تنقيدي ٽيڻ بجاءِ، سموري تحريڪ تي رياستي مدد سان حملي آور ٿي ۽ سياسي محاذ آرائي جو ميدان چونڊيو. اها سندن مجبوري به هئي ڇاڪاڻ ته عوام ۽ رياستي، اقتداري مفادن جا به گدرا هڪ هٿ ۾ اچي نه ٿا سگهن. انهي شيءِ جي نتيجي طور سنڌ جي سياسي ماحول ۾ انتهاپسند غير جمهوري روين کي اجان قوت ملي. خود ايڪٽ مخالف تحريڪ جي ڪمزور عوامي بنيادن، عام ماڻهوءَ لاءِ انهيءَ سموري ڇڪتاڻ کي، اليڪشن کان اڳ جي هڪ ريهرسل قرار ڏيڻ ۾ مدد ڏني. بل مخالف تحريڪ جا عوامي بنياد تڏهن سگهارا پئي ٿي سگهيا جڏهن اها نه صرف بل، پر هن خطي ۾ سامراجي مفادن ۽ سماج ۾ موجود نسل پرست سياست ۽ جاگيرداري جي مخالفت ڪري، عوام کي ساڻ ڪري ها. ڇاڪاڻ ته اهو شهرن اندر نسل پرست قوت ايم ڪيو ايم ۽ ٻهراڙي اندر جاگيردارن جي غالب سماجي، سياسي ٻيهڪ جو نتيجو آهي، جو اختيارن جي هيٺ تائين منتقلي کو فائدو ڏيڻ بجاءِ اجان نقصان ڏئي رهي آهي. پر هن نظام خلاف جڙيل سنڌ بچايو ڪاميٽي پهرين گڏجاڻي ۾ ئي جاگيردار مخالف ۽ ترقي پسند سياسي رجحانن جي نندا ڪئي. ايتري قدر جو انهيءَ گڏجاڻي ۾ سامراجيت جي ذڪر کي ئي شجرِ ممنوع قرار ڏئي، کاٻي ڌر جي تنظيمن کي اتحاد کان پري رکيو ويو. اڄ جيڪڏهن پيپلز پارٽي تي اها تنقيد آهي ته اها جمهوريت جي دعويٰ سان گڏ فاشسٽ ۽ غير جمهوري قوتن جي اتحادي آهي ته ساڳي ڪرت پي پي مخالف محاذ ”سنڌ بچايو ڪاميٽي“ جي به آهي جنهن جو پورو پورو جهڪاءُ تنگ نظر عوام دشمن ساڄي ڌر ڏانهن آهي جنهن ۾ جماعت اسلامي، سني تحريڪ جهڙيون تنظيمون شامل آهن.

سنڌ بچايو ڪاميٽي جي اهم پارٽين جي



مسلم ليگ (ن) ۽ مسلم ليگ (ف) سان به ڪافي مامرن تي جڙت جا ڊڪيل ڳالهه ڪونهي. تازو سنڌ بچايو ڪاميٽيءَ جي اڳواڻ ارباب غلام رحيم سان ملاقات ڪري ٻڌايو ته پي پي مخالف سندن جمهوريت پسنديءَ جون ڪهڙيون صورتون آهن. انهيءَ جو مقصد اهو ڪونهي ته هي تحريڪ ڪو عوامي رنگ نه ٿي رکي . اسانجي تنقيد جو مقصد هن تحريڪ جي خلاف نه پر انهيءَ جي بنيادن کي اجا عوامي ٻڻائڻ آهي.

سچ اهو آهي ته هِن بل خلاف تحريڪ ۾ نه صرف سياسي پارٽيون پر سماج جي ٻين ادارن ۽ تظمين به وڏي چڙهي حصو ورتو، جنهن ۾ اديبن، فيمينسٽن، دانشورن سان گڏ بار ايسوسيئيشن به تمام گهڻو سرگرم رهي. خيرپور ۾ پي پي جي ايم پي اي سيد بچل شاهه جي ميمبرشپ جي خاتمي ۽ سندس بار ۾ داخلا تي پابندي جي گهر ڪئي وئي. دادو ۽ لاڙڪاڻي جي ضلعي بار ۾، پير مظهر ۽ قانون جي صوبائي وزير اياز سومرو جي ميمبرشپ ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. پر انهيءَ عوامي احتجاج کي ڪنهن خاص چينل طرف موڙڻ ۽ انهن قربانين جو پٽڪو ڪنهن منظورِ نظر ماڻهو/

تنظيم کي پارائڻ جون ڪوششون به تيز ٿي رهيون آهن. نئين بدلجندڙ صورتحال ۾ قلابازي کائي مخالف بينچن جي گهُر ڪندڙ پارٽي مسلم ليگ (ف) جا ثنا خوان ليکاري اخبارن ۾ پيرن ۽ ميرن جي ثنا خواني اتاري رهيا آهن ۽ ارباب دؤر جي مراعاتي صحافت جي ياد به ڏياري رهيا آهن. پر عوام کي ياد رهي ته اها فنڪشنل ليگ ئي هئي جنهن مشرف جي ناظمي نظام جي حمايت ڪئي هئي. پر جيڪڏهن اهو ثابت ٿي وڃي ٿو ته پي پي هڪ سنڌ دشمن پارٽي آهي ته پوءِ سنڌ دوستي جي پڳ وري انهن کي پارائڻ ۾ ئي فائدو آهي جيڪي ٿورو گهڻو وس وارن جي چئي آڪي ۾ آهن. اهو ٺيڪ آهي ته موجوده پارليامينٽ ۾ فنڪشنل ليگ جو بل جي حوالي سان ڪردار ساراهه جوڳو آهي. پر حزبِ اقتدار ۽ حزبِ اختلاف جي سياست ۽ تضادن کي سنڌ دوستي ۽ سنڌ دشمني جي فرق سمجهائڻ ۽ سنڌ جي روايتي مزاحمتي شعور کان قبول ڪرائڻ ڪو ايڏو آسان ڪم ڪونهي. تازو سول سوسائٽي جي مهنداري جي دعويٰ ڪندڙ ڪجهه دانشور حضرت انهي تنظيم جي اڳواڻن کي تعريفن جا هار پارايا آهن ۽ ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ اخبار ۾ اڳواڻ جو بيان به پڙهجي ٿو ته سمورا پوئلڳ فوج ۾ شامل ٿين ۽ ملڪ نازڪ دور مان گذري رهيو آهي تنهڪري دعائون گهريون وڃن.

هڪڙابيا ليڪ سنڌ ۾ پي پي ۽ مسلم ليگ (ف) جي فرق کي تاريخ جي تبديلي قرار ڏين ٿا. جنهن ۾ ڪلهه جا عوام دوست اڄ عوام دشمن ۽ ڪلهه جا عوام دشمن اڄ عوام دوست ٿي ظاهر ٿيا آهن.هڪ طبقاتي سماج جي پارليامينٽ اندر نه صرف جاگيردار ۽ سرمائيدار بدلبا رهندا آهن ۽ پارٽين جو ڪردار به حزب اقتدار ۽ حزب اختلاف جي سياست ۾ بدلجندو رهندو آهي (يا بدليل پاسندو آهي) پر تاريخ تڏهن بدلجندي آهي جڏهن پارليامينٽ ۾ عوام پنهنجي نمائندگي پاڻ ڪندو آهي.

هن بل خلاف تحريڪ ۾ سڀ کان وڏو ڪردار وچولي هيٺين طبقي جي ڪارڪنن تي آڌاريندڙ قومپرست پارٽين جو آهي. توڻي جو قومپرست سياست جي هڪ ٻي سخت گير، تنگ نظر ڌر انهيءَ SPLGA جي اشو ۽ تحريڪ ڏانهن لعل خاني ڪميونسٽن جهڙو انتها پسند رويو رکي ٿي ۽ انهيءَ اِن سموري مامري کي شروع ۾ نان اشو قرار ڏنو پر بعد ۾ نالي ماتر سرگرم رهي.

جيستائين سوال آهي هن تحريڪ ۾ شامل قومپرست پارٽين جو ته انهيءَ اشو تي سندن سرگرمي ۽ ڪردار تعريف لائق آهي. ۽ اهو ڪريڊٽ به سندن کاتي ۾ وڃي ٿوته اهي مختلف اشوز تي ڪنهن قدرعوامي راءِ جوڙائڻ ۾ ڪامياب وڃن ٿا پر هڪ اتحاد ۾ گڏ ويهندي به گڏيل سرگرمي ۽ اتفاق جي کوٽ، سندن تنظيمي تاجي پيٽي ۾ عوامي بنيادن جي ڪمزوري ۽ سندن تحريڪ جي طريقه ڪار، ڇڻ ته تحريڪ جي نتيجن کي پهرين کان واضح ڪري ڇڏيو آهي. چاڪاڻ ته سنڌ بچايو ڪاميٽيءَ جو ساڄي ڌر ڏانهن جهڪاءُ، انهن سمورن پارٽين جي ترقي پسنديءَ تي سوال اٿاري ٿو. جڏهن ته سنڌ جي وحدت کي حقيقي طور نقصان ڏيندڙ عنصرن جهڙوڪ نسل پرستي ۽ جاگيرداري خلاف سندن نه ڪا سرگرمي آهي ۽ نه وري ڪو پروگرام. تنهنڪري SPLGA خلاف سندن تحريڪ جا سنڌ جي سماجي تاجي پيٽي تي نه هجڻ جهڙا اثر آهن ۽ سندن سرگرميءَ صرف ايم ڪيو ايم ۽ پي پي مخالف هجڻ ۽ ايندڙ اليڪشن جي تيارين کان وڌيڪ ڪو ٻيو ڏيک نه ٿي ڏئي. نه صرف ايترو پر مڪاني نظام خلاف جڙيل سنڌ بچايو ڪاميٽيءَ جون ڪجهه اهم تنظيمون پي

پي وانگي انهيءَ جاگيردار پرت تي پاڙڻ لاءِ بخوشي تيار آهن. جڏهن ته سنڌ جو اهو پاڙيتو جاگيردار پرت هميشه چڙهيل سج جو سلامي رهيو آهي. تازو پي پي ۾ مهرن ۽ شيرازين جي شموليت اهو ئي ڪجهه ٻڌائي ٿي. اهڙي صورتحال ۾ هڪ سماجي سچ ور ور ڪري اپريو اڀي ته جيستائين سنڌ ۾ جاگيرداري موجود آهي، تيستائين پي پي ۽ ان جهڙي ٻين حڪمران قوتن کي نه لهر آهي نه لوڏو. 70 واري ڏهاڪي ۾ جيڪڏهن بنگال اندر قومي، جمهوري تحريڪ پنهجو وطن آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب وڃي ٿي ته انهي جو هڪ اهم ڪارڻ 50 جي ڏهاڪي ۾ بنگال اندر زرعي سڌارا ۽ جاگيردار پرت کي ڪاپاري ڌڪ هو. رياست انهيءَ تبديليءَ منجهان گهڻو سکيو آهي، اهو ئي سبب آهي جو اها هميشه مڪاني نظام جي حربي هيٺ انهيءَ رجعتي ۽ قوم دشمن پرت کي مضبوط ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي آهي تنهنڪري سوال هاڻي قوم دوست، آزادي پسند ۽ عوام دوست قوتن جي سگهه جو آهي.

اهڙي صورتحال ۾ SPLGA مخالف تحريڪ کي نسل پرستيءَ ۽ جاگيرداريءَ خلاف ٻيهارڻ بجاءِ انهيءَ کي صرف پارليامينٽ ۾ پهچڻ جي مقصد لاءِ استعمال ڪبو ته اهي قومپرست پارٽيون جن جو پاپوليرٽي گراف هن تحريڪ ۾ پهرين کان چڙهيو آهي، پي پي وانگي پنهنجي عوامي بنيادن کان اجان وڌيڪ محروم ٿي ويندين. ڇاڪاڻ ته هاڻي کان ئي انهن قومپرست پارٽين (ماضي جي ابتڙ) ماس ۽ پاپولر پارٽيءَ جو رنگ وٺڻ شروع ڪيو آهي جنهن ۾ ڪارڪنن جي نظرياتي تربيت کان وٺي ڪري ڪوڙ سارا عوامي طريقئه ڪار مرڻ ڪنڌي تي پهتا آهن.سنڌ ۾قومپرست سياست جي ڪمزور عوامي ۽ ترقي پسند بنيادن جو نتيجو آهي جو انهيءَ جا مختلف ڌڙا پنهنجي قوت جي بچاءَ ۽ واڌاءَ لاءِ سنڌ جي پورهيت ۽ هاري طبقي کان وڌيڪ مسلم ليگ (ف)، مسلم ليگ (ن) ۽ ايم ڪيو ايم ڏانهن ڏسندا آهن

قطع نظر انهيءَ سوال جي ته SPLGA خلاف هلندڙ تحريڪ ڪامياب به وڃي ٿي يا نه. حقيقي عوام دوست ۽ وطن دوست قوتون تحريڪن ذريعي عوام جي سياسي شعور جي اوسر جو ڪامياب ڪم ڪنديون رهنديون آهن. تنهنڪري SPLGA مخالف تحريڪ ۾ شامل قوتن جي پنهنجي نپيندي، انهيءَ تحريڪ کي مختلف پاسن کان طاقت ڏيڻ جي ضرورت آهي. اهو سوال اڀيان رکندي ته حڪمرانن جي انهيءَ هوڏ ۽ سندن غير عوامي سياست کي، عوامي سياست ۽ نظرياتي ڪم سان رد ڪجي يا انهن ئي طور طريقن ۽ اتحادن سان، جن ذريعي عوام دشمن ۽ قوم دشمن اڄ اسان جا حڪمران بڻيا ويٺا آهن. ڇاڪاڻ ته سماج اندر اهڙي قسم جون تحريڪون ئي رياست ۽ رياست نواز سياست کي اگهاڙي ڪرڻ جو ڪم ڏينديون آهن جن جي مدد سان هن عوام ۽ قوم دشمن نظام تي اهي مقداري ڌڪ ممڪن ٿيندا آهن، جيڪي اڳتي هلي ڪنهن معياري تبديليءَ کي يقيني بنائيندا آهن.

ڏوڏ هن سماج کي
لوڏ سامراج کي
ٺاهه ڪو نئون نظام
جو چڱو چوي عوام
هي نظام آ خراب
انقلاب _انقلاب
(اياز)

سانحہ علی انٹر پرائز، سرمایہ داری کا بھیانک چہرہ

ناصر منصور

پاکستان کے تمام صنعتی سیکٹرز سرمایہ داری کی بدترین اشکال کا اظہار ہیں۔ موجودہ گلوبلازیشن کے دور میں مارکیٹ میں ہونے والی اتھل پتھل اور مقابلے کے رحجان نے سرمائے کو ایسے علاقوں میں مرکز عمل بنایا ہے جہاں سستی مزدوری اور قانون سے ماورا اقدامات پر گرفت کمزور ہو ۔پاکستان کا شمار ایسے ہی ممالک میں ہوتا ہے جہاں مزدور قوانین اور انسانی حقوق سے متعلقہ ریاستی اداروں کو کوئی سروکار نہیں ۔ سرمایہ دارانہ نظام کا شاخسانہ ہے کہ پیداوار کا سارا عمل رسمی سے غیر رسمی شعبے کی جانب منتقل ہو رہا ہے اور جس کا اظہار ہمیں بڑے پیمانے پر رسمی شعبوں میں ان صنعتی زونز میں بھی ہوتا نظر آتا ہے جو مزدوروں سے متعلق قوانین پر عمل درآمد کرنے کے لیے قانونی طور پر پابند ہیں۔ پورے ملک میں جو دگرگوں صورتحال مزدوروں کی ہے اس کا ایک اظہار کراچی میں نظر آتاہے۔

کراچی ملک کا سب سے بڑا صنعتی شہر ہے جہاں 60%سے زائد صنعت مرکوز ہے جبکہ صنعتی مزدوروں کا تناسب یہاں سب سے زیادہ ہے اور یہ شہر انفارمیشن ٹیکنالوجی کا مرکز اور منبع ہے۔ لیکن اس کے باوجود اکیسویں صدی کے اس ترقی یافتہ دور میں بھی اس شہر کے صنعتی زونوں میں موجود فیکٹریاں عقوبت خانوں کا منظر پیش کرتی ہیں۔ اس میں قید کروڑوں مزدور اپنے خون سے منافع کشید کر کے مالکان کی تجوریاں بھرتے اور سماج کے بالادست طبقات کی زندگیوں میں رعنائیاں بھرتے ہیں۔ لیکن اسکے باوجودہر روز ناامیدی دامن میں سمیٹے گھروں کو لوٹتے ہیں۔ اس شہر میں کوئی دن ایسا نہیں جاتا جب کام کے دوران کسی نہ کسی فیکٹری میں حادثے کے نتیجے میں کوئی مزدور یا ملازم زخمی یا جاں بحق نہ ہوتا ہو۔

یہ واقعات کبھی بھی میڈیا یا سماج کے لیے اہم خبر کے طور پر پیش نہیں کیے جاتے لیکن 11ستمبر2012کو پاکستان کے سب سے بڑے صنعتی زون سائیٹ ایریا کراچی میں واقع علی انٹر پرائز میں آتشزدگی کاواقعہ ،جس میں تین سو سے زائد انسان جل کر خاکستر ہو گئے، سینکڑوں زخمی ہوئے اور ہزاروں مزدور بے روزگار ہوگئے ،نے پورے سماج اور میڈیا کے ضمیر کو وقتی طور پر جھنجوڑ دیااور یوں مزدوروں کو در پیش مسائل پر ایک سنجیدہ بحث کا آغاز ہوا ہے ۔دم توڑتی ہوئی مزدور تحریک نے ایک بار پھر خود کو میدان عمل میں اتارنے کی سعی کی ہے ۔

یہ شہر جو صنعتی اداروں،صنعتی اداروں کے مالکان، بینکاروں اور بڑے بڑے تاجروں کی تنظیموں کا منظم ومضبوط گڑھ ہے اور جن کی پشت پناہی اور تائید وحمایت کرنے کے لیے کراچی کی نمائندگی کی دعویدار تمام سیاسی ومذہبی سرکردہ رہتی ہیں ،وہاں یہی تمام قوتیں تمام ریاستی مشینری سے ملکر 65سال سے مزدوروں کی تحریک کو دبانے کے لیے کوشاں رہیں اور کافی حد تک اپنے اس مذموم مقصد میں کامیاب ہوئی ہیں۔11ستمبر کے واقعہ نے مزدور طبقے پر

ایک بار پھر یہ امر روزِ روشن کی طرح عیاں کر دیا ہے کہ لسان، زبان، علاقہ،مذہب،اور فرقے کی بنیاد پر قبضہ جمانے اور حقوق کا تحفظ کرنے والے تو موجود ہیں لیکن تین سو سے زائد جلا دئیے جانے والے محنت کشوں کے خون کا کوئی وارث نہیں ہے۔

ع یہ خونِ خاکِ نشیناں تھا رزقِ خاک ہوا

آج صورتحال یہ ہے کہ تادمِ تحریر بہت سے خاندان اپنے پیاروں کی لاشوں کے حصول کے لیے دربدر کی خاک چھان رہے ہیں ۔بچے اپنے والدین کا چہرہ دیکھنے کے لیے پریشان ہیں جبکہ حکومت اور متعلقہ ادارے ہیں کہ ان کی بے حسی کے لیے کوئی ایسے لفظ نہیں مل رہے جو ان کی انسانیت دشمنی کا احاطہ کرتے ہوں ۔اس کے لیے کم از کم جو لفظ ہے وہ ’’ذلت آمیز‘‘ ہے۔ 11ستمبرکوسائیٹ ایریا میں ہونے والے اندوہناک واقعہ کو4 2روز گزر چکے ہیں مگر حادثے کے دن سے لیکر آج تک لواحقین گوں ناگوں مسائل کا شکار ہیں اور 300سے زائد شہیدوں کے ورثاء،سینکڑوں زخمی اور2300سے زائد بے روزگار ہونے والے افراد بے یارومددگار پھر رہے ہیں۔شہید ہونے والوں کے ورثاء اپنے پیاروں کی لاشوں کے حصول کے لیے دربدر ہیں کوئی سسٹم موجود نہیں اور نہ ہی حکومتی اہلکار ،ہاسپٹلز انتظامیہ اور لیبر سے متعلقہ ادارے ان کی راہنمائی کر رہے ہیں ۔جس دن یہ حادثہ ہوا لواحقین اپنے پیاروں کی لاشوں کی تلاش میں مارے مارے پھرتے رہے حالت یہ تھی کہ پتہ ہی نہیں چل رہا تھا کہ لاشیں کہاں اور کس اسپتال منتقل کی جا رہی ہیں ۔جب لاشیں لواحقین کے حوالے کرنے کا عمل شروع ہوا تو اس میں انتہائی درجے کی غیر ذمہ داری دیکھنے میں آئی ۔حالت یہ تھی کہ اسپتالوں کے مردہ خانے میں لائٹ تک کا کوئی بندوبست نہیں تھا اور لوگوں نے اندھیرے میں موبائل فون کی ٹارچوں اور اسکرین کی روشنی میں اپنے پیاروں کی لاشیں شناخت کیں اوراسپتال کے عملے اور وہاں موجود سرکاری اہلکاروں وافسران کا رویہ بھی نہایت ہی خراب تھا اور یہ صورتحال آج بھی جوں کی توں ہے۔73سے زائد لواحقین کےDNAکے نمونے لیے گئے ہیں تاکہ ان سے مماثلت کی بنا پر شناخت کر کے لاشیں ورثاء کے حوالے کر دی جائیں ۔لیکن حکومتی سطح پر مسلسل لیت ولعل سے کام لیا جا رہا ہے ۔حادثے کے پہلے ہفتے ہی DNAکے نمونے لیے گئے اور 15دن کا وقت دیا گیا تھا مگر اب بغیر کسی وجہ کے اس مدت میں مزید15دن کی توسیع کر دی گئی ہے جس سے لواحقین میں شدید بے چینی پھیلی ہوئی ہے ۔شروع میں جبDNAلیا گیا لیکن بہت سے افراد ایسے تھے جنھیں اس بابت نہ تو کوئی رسید دی گئی ہے اور نہ ہی کوئی دوسرا ثبوت انھیں دیا گیا ہے۔DNAاور مکمل کوائف لینے کے بعد لواحقین کو یہی بتایا گیا ہے کہ انھیں فون پر اطلاع کر دی جائے گی ۔ حالت یہ ہے کہ عباسی سے لیکر سول اسپتال تک سب جگہ یہی عالم ہے اور انویسٹی گیشن پولیس افسران بھی کوئی جواب دینے کو تیار نہیں ہیں۔ یعنی کہیں بھی خاطر خواہ طریقے سے شہید ہونے والوں کے لواحقین کو مطمئن نہیں کیا جا رہا ہے ۔جبکہ اکثر لواحقین کو اس بارے میں علم ہی نہیں ہے کہ یہ رپورٹ کب اور کہاں سے ملے گی ۔مزید صورتحال یہ ہے کہ سردخانے میں صرف 39شہداء کی لاشیں رکھی ہوئی ہیں جبکہ 73افراد کےDNAلیے گئے

ہیں اب سوال یہ پیدا ہوتا ہے کہ شہید ہونے والے باقی محنت کشوں کی لاشیں کہاں ہیں؟یہ افراد جن میں بوڑھے ماں باپ، بیواہیں اور بچے شامل ہیں وہ مختلف اداروں کے چکر لگانے کے بعد تھک ہار کر بیٹھ گئے ہیں۔یہ صورتحال شہری انتظامیہ ،لیبر اداروں اور اتحادی حکومت کی بے حسی کا واضح اظہارہے۔

اکثر زخمی ہونے والے جو اس سانحے کے نتیجے میں بے روزگار ہوچکے ہیں انھوں نے اپنا علاج معالجہ بھی خود ہی کیا اور ان کا کوئی پرسانِ حال نہیں ہے۔اس المناک سانحے کا ایک اہم پہلو ،جس کی جانب اب تک کسی نے توجہ نہیں دی ہے وہ 1300کے قریب افراد کا بے روزگار ہوجانا ہے جن کے لیے نہ تو کسی قسم کی امداد کا اعلان کیا گیا اور نہ ہی انکے مسائل کی جانب توجہ دی جارہی ہے کہ اچانک بے روزگار ہوجانے کی صورت میں اب ان کے گھروں میں فاقوں تک نوبت آ گئی ہے۔ جبکہ زخمی ہونے والے افراد میں بہت سے ایسے ہیں جو اسپتال سے فارغ ہونے کے بعد کوئی پرچی یا رسید وغیرہ نہیں لے سکے ہیں جس کی وجہ سے ان کے نام بھی معاوضے کی لسٹوں میں شامل ہونے سے رہ گئے ہیں۔

اس سانحے میں شہید اور زخمی ہونے والوں کے لیے وزیر اعظم پاکستان، ایک پرائیوٹ کمپنی اور نواز شریف کی طرف سے معاوضے کا اعلان کیا گیا تھا مگر صورتحال یہ ہے کہ اب بھی بہت سے لواحقین اور زخمیوں کو معاوضے کے چیک نہیں مل سکے ہیں ۔اس کی بنیادی وجہ یہ ہے کہ لواحقین کو اس سلسلے میں آگاہ ہی نہیں کیا گیا تھا کہ یہ عمل کس طرح ہوگا نہ ہی اس سلسلے میں لواحقین کو یہ بتایا گیا کہ کاغذات وغیرہ کہاں اور کس طرح جمع کرنے ہیں۔ اس کا نتیجہ یہ نکلا کہ بہت سے لوگوں کے نام لسٹوں میں شامل ہونے سے رہ گئے ہیں ۔یہی وجہ ہے کہ بہت سے لوگوں کو اعلان کردہ معاوضے کے چیک ہی نہیں مل سکے ہیں ۔ان میں اکثریت ایسے لوگوں کی ہے جن کے گھروں کے چولہوں کا انحصار ان افراد کی کمائی پر تھا جو اس واقعہ میں شہید ہو چکے ہیں اور اب وہ سرکاری دفاتر کے چکر کاٹ رہے ہیں جہاں انکا کوئی پرسان حال ہے ۔

حکومتی ودیگر حلقوں کی جانب سے اعلان کردہ مدد وامداد کے دعوے مکمل طور پر شرمندہ تعبیر نہیں ہو پائے۔جبکہ المناک حادثے کے دباؤ اور لوگوں کے خوف سے قائم کیے جانے والا تحقیقاتی ٹریبونل اپنا غیر جانبدارانہ کردار ادا کرنے میں مکمل طور پر ناکام ہو گیا ہے۔

لیبر ڈپارٹمنٹ ،سوشل سیکورٹی،EOBIاور ورکرویلفیئر بورڈ جیسے ادارے جو مزدوروں کی صدیوں کی جدوجہد کے نتیجے میں معرضِ وجود میں آئے تھے وہ اپنے خالق یعنی مزدور طبقے کے خلاف کھڑے ہو چکے ہیں اور مزدوروں کے حقوق کی قیمت پر پلنے والی جونکوں میں تبدیل ہو چکے ہیں ۔یہ ادارے اب اپنی ہیت اور جوہر میں مزدوروں کا گوشت نوچ نوچ کر اپنے اہلکاروں کا پیٹ بھرنے کا ذریعہ بن چکے ہیں۔یہ ادارے مکمل طور پر سرمایہ داروں کے گماشتے اور خدمت گار بننے میں فخر محسوس کرتے ہیں۔ اس کے اہلکاروافسران ،فیکٹریوں اور کارخانوں میں ہونے والے ظلم کے خلاف اپنی ذمہ داریوں کے مطابق کام کرنے کی بجائے مالکان اور ان کی ایسوسی ایشن کی بلائی گئی دعوتوں

،سیمیناروں اور ذاتی تعلقات بنانے کو ہی زندگی کی معراج سمجھتے ہیں اور ایسے اہلکاروں کی مثالوں سے یہ ادارے بھرے پڑے ہیں۔جبکہ ان اداروں خصوصی طور پر سوشل سیکورٹی ،ورکرز ویلفیئر بورڈ اورEOBIمیں مزدوروں کی نمائندگی اور کام کرنے والے مزدور راہنماؤں سے تین سو مزدوروں کا خون چیخ چیخ کر یہ سوال کر رہا ہے کہ کیا ان اداروں میں ان کا خاموش بیٹھے رہنے کا اب بھی کوئی اخلاقی جواز موجود ہے؟؟!!!یہ آج کے وقت کا سوال ہے اور تاریخ میں اس کا جواب ہمیشہ ان کے نام کے ساتھ یاد رکھا جائے گا۔

ہمیں یاد رکھنا چاہیے کہ 1911ءمیں امریکا میں گارمنٹ فیکٹری میں آتش زدگی کے نتیجے میں 145مزدور جاں بحق ہوئے تھے جس کے بعد ریاستی سطح پر حالاتِ کار کی بہتری کے لیے 25نئے قوانین تشکیل دیکر ان پر عمل در آمد کا آغاز کیا گیا تھا لیکن آج اکیسویں صدی میں بھی پاکستان کے محنت کش 300سے زائد جانوں کا نذرانہ دینے کے باوجود کسی بھی مثبت ریاستی اقدام سے محروم ہیں ۔

حکومت سندھ نے لیبرانسپیکشن کے اہم صنعتی قانونی عمل پر پابندی عائدکر کے فیکٹری مالکان کو تمام لیبر قوانین کے اطلاق سے عملاًآزاد کر دیا ہے ۔ جس کے نتیجے میں لیبرانسپیکشن پر پابندی کے برسوں میں فیکٹریوں میں حادثات کی تعداد میں 70%سے زائد کا اضافہ ہوا ہے ۔لیبرانسپیکشن پر پابندی عائد کر کے حکومت نے ILOکے کنونشن 81کی کھلی خلاف ورزی کی ہے۔ کسی مہذب معاشرے میں شہید ہونے والے تین سو سے زائد محنت کشوں کے قتلِ عمد پر تمام ذمہ دارقانون کی گرفت میں ہوتے لیکن حکومت اپنی اس غفلت پر مجرمانہ خاموشی اختیار کیے ہوئے ہے اور ابھی تک اعلان کردہ معاوضے بھی تمام شہدا کے ورثاء کو دینے میں ناکام رہی ہے اور کئی ایک خاندان نے بسی کے عالم میں حکومتی اداروں کے دروازے کھٹکھٹا رہے ہیں مگر ہر طرف سے ناکامی کا منہ دیکھنا پڑ رہا ہے ۔اتنے بڑے سانحے پر معاوضے کے اعلانات کے بعد حکومت کوئی ایسا نظام وضع کرنے میں ناکام رہی ہے جس کے ذریعے تمام مستحقین تک معاوضے کی رقم باضابطہ طور پہنچ سکے۔

یہ اہم امر باعث تشویش ہے کہ بہت سے خاندانوں کو ایک منصوبہ بند سازش کے تحت بغیر کارروائی کے سانحے کے روز ہی لاشیں حوالے کر دی گئیں ۔اب ان خاندانوں کو معاوضے کی رقم کی ادائیگی اور دیگر قانونی واجبات کی وصولی کے لیے ضروری کاغذات نہ ہونے کی بناپر شدید مشکلات کا سامنا ہے ۔ایک طرف انکے عزیز زندگی سے ہاتھ دھو بیٹھے تو دوسری جانب ان کے خاندان ہر قسم کے واجبات سے محروم کیے جارہے ہیں ۔

11ستمبر کے واقعہ نے عدالتوں ،انتظامیہ اور پولیس کے مزدور دشمن رویے کی بھی ایک بار پھر قلعی کھول دی ہے ۔ایک شخص کے تھپڑ پر تو سوموٹو ایکشن لیا جاتا ہے اور اس کا ایک ہفتے میں فیصلہ بھی صادر ہوجاتا ہے لیکن زندہ جلتے انسانوں کے خونِ ناحق پر حق وانصاف کا بول بالا کرتی عدلیہ یوں خاموش رہتی ہے جیسے یہ واقعہ اس کے اپنے ملک میں نہیں بلکہ کسی دور دراز کے علاقے میں وقوع پذیر ہوا ہو۔اس عدلیہ کی بحالی کے لیے کراچی کے50محنت کشوں کا

خون کوئی شرمندگی محسوس نہیں کرتا کہ اس نے ایک آمر کے خلاف تحریک کو ایک اہم موڑ پر خون کا نذرانہ پیش کیا ۔لیکن آج ظلم و ناانصافی کے اس معرکے میں عدلیہ مکمل طور پر مالکان کے ساتھ کھڑی نظر آرہی ہے۔جس کا اظہار تین سو مزدوروں کے قاتل مالکان کو پہلے لاڑکانہ بینچ اور پھر اسلام آباد بینچ سے ملنے والی عبوری ضمانت کی صورت میں نظر آ رہا ہے ۔جبکہ پولیس اور انتظامیہ وحکومتی اہلکار قتل میں ملوث فیکٹری مالکان کو ہر طرح سے تحفظ فراہم کرتے نظر آرہے ہیں ۔مالکان کے کل پرزوں ،منیجر اور چوکیدار کو تو گرفتار کیا جاتا ہے لیکن ان کو احکامات جاری کرنے والے قاتلوں کو بچانے کی ہر ممکن کوشش کی جارہی ہے۔

اس عمل میں صنعتی شعبوں سے تعلق رکھنے والی مالکان کی تنظیموں کی بھی مکمل پشت پناہی حاصل ہے۔ اس سانحے پر بہت کچھ لکھا جا چکا ہے اور لکھا جاتا رہے گا جو ہو چکا ہے وہ تاریخ کا حصہ ہے جسے بدلا نہیں جا سکتا۔ لیکن جو کچھ صنعتی علاقوں اورفیکٹریوں میں ہو رہا ہے اور ہوتا رہے گا ، اسے روکا جاسکتا ہے ۔اسے روکنے کا ایک ہی طریقہ ہے کہ اس صورتحال کے خلاف ایک منظم تحریک کا آغاز کیا جائے جو فیکٹریوں اور کارخانوں کو واقعی کام کرنے کے لیے محفوظ جگہیں بنائیں اور مزدوروں کو پیداواری عمل کے ایک موثر اور اہم جز کے طور پر گوشت پوست کا زندہ انسان سمجھے اور اس کی زندگی اچھی گزارنے کا عزم رکھتی ہو۔

یہ ایک نہایت اہمیت کی حامل تبدیلی ہے کہ بائیں بازو کی تنظیموں ،مزدور فیڈریشنوں اور مزدور دوست افراد نے ملکر اس المناک ھادچے کے جواب میں مشترکہ جدوجہد کے لیے ورکرز رائٹس موومنٹ (WRM)تشکیل دیکر تحریک کا آغاز کیا ہے یہ اس تحریک ہی کا نتیجہ ہے کہ فیکٹری کے مالکان کو عدالت نے گرفتار کرنے کا حکم صادر کیا ہے۔ سندھ ہائی کورٹ میں ذمہ داروں کی نشنادہی کے لیے کیس کی شنوائی ہو رہی ہے اور حکومت کئی ایک متاثرین کو معاوضے کی ادائیگی پر مجبور ہوئی ہے ۔اس سلسلے میں نیشنل ٹریڈ یونین فیڈریشن کے بنیادی کردار کو ہرگز فراموش نہیں کرنا چاہیے جس نے اس المیہ کو بین الاقوامی سطح پر اٹھانے اور بین الاقوامی برانڈ جس کا مال اس فیکٹری میں بن رہا تھا ،کو پوری دنیا میں مزدور تحریک نے NTUFکی آواز پر بین الاقوامی مہم کا آغاز کر کے آڈٹ کرنے والی کمپنی اورKIK(انٹر نیشنل برانڈ) کو مزدوروں کے مطالبات پر بات کرنے پر مجبور کر دیا ہے۔

بین الاقوامی برانڈKIKابتدائی طور پر پانچ لاکھ یورو(تقریباً 6کروڑ پاکستانی روپے) فی فرد معاوضہ اور 5لاکھ یورو طویل المدت منصبے کے لیے ادا کرنے پر تیار ہو گیا ہے ۔نیشنل ٹریڈ یونین فیڈریشن نے دیگر تنظیموں کی مدد سے اس سانحے میں شہید ہونے والے تمام محنت کشوں کی فہرست تیار کی ہے اور فیکٹری میں شہدا کے لواحقین ،زخمی ہونے والوں مزدوروں اور فیکٹری میں کام کرنے والے محنت کشوں کے انٹرویوز پر مشتمل ایک سروے رپورٹ اور اسکے نتائج تیار کیے ہیں ۔ نیشنل ٹریڈ یونین فیڈریشن نے سب سے پہلے اس المیے پر

آواز بلند کی اور دیگر تنظیموں کے ساتھ ملکر WRMتشکیل دی۔ یہ تحریک اپنی تمام کوتائیوں، کمزوریوں کے باوجود نہایت ہی کلیدی اہمیت کی حامل ہے اور اس نے شہدا کے خون کو سرخ رو کرنے کے لیے مسلسل جدوجہد کے ذریعے مزدوروں کے حالاتِ کار و اقات کار اور کام کی جگہوں پر لیبرقوانین کے مؤثرنفاذ اور بہتری کو منزلِ مقصود قرار دیا ہے اور اس کی جدوجہد کے بنیادی نقاط میں*صنعتی ہیلتھ اور سیفٹی کے مقامی قوانین اور عالمی معاہدؤں پر عمل درآمد کو یقینی بنایا جائے *ٹھیکہ داری ، لیبر آؤٹ سورسنگ کے نظام کو ختم کیا جائے اور اسے تخفظ فراہم کرنے والے قوانین کو کالعدم قرار دیا جائے*تمام ورکرز کو ملازمت کے وقت سے تقرر نامے جاری کیے جائیں اورفیکٹریوں کے تمام ورکرز کو سوشل سیکورٹی اور EOBIسے رجسٹرڈ کیا جائے*DNAٹیسٹ رپورٹ فی الفور جاری کی جائے *WRMکی معاونت ومشورے سے نیا آزاد تحقیقاتی کمیشن بناتے ہوئے تمام متاثرین کا بیان ریکارڈ کرانے کا طریقہ کار وضع کیا جائے*علی انٹر پرائز میں جل کر شہید ہونے والوں کے قتل میں ملوث فیکٹری مالکان اور متعلقہ اداروں کے افسران کوقانون کے مطابق سزا دی جائے*،تمام فیکٹریوں کی فیکٹری ایکٹ کے تحت رجسٹر یشن کو لازم قرار دیا جائے اورمحنت کشوں کو ہر فیکٹری میں بلاتخصیص یونین سازی کا حق دیا جائے *علی انٹر پرائزکو بین الاقوامی معیارات کے سر ٹیفیکٹ (SAI)جاری کرنے والی ایجنسی اور انکے مقررہ معیارات کا اڈٹ کرنے والی فرم کو بھی شریکِ جرم قرار دیتے ہوئے متاثرہ خاندان کو ان کی جانب سے ہرجانے کی ادائیگی کروائی جائے *علی انٹر پرائزجس بین الاقوامی کمپنی (KIK)کے لیے مصنوعات تیار کر رہی تھی ،اس بین الاقوامی کمپنی کو بھی ذمہ دار قرار دیتے ہوئے ان پر بھی متاثرہ خاندانوں کی از سرِ نو بحالی کے لیے مالی معاونت کے اقدامات کا پابند کیا جائے*پاکستان میں برانڈ ائٹم تیار کروانے والی بین الاقوامی کمپنیاں اپنے مروجہ ضابطہ اخلاق پر عمل درآمدکو یقینی بنائیں اور ان پر اطلاق وعمل درآمد کے طریقہ کار کے عمل میں مقامی نمائندوں کی شمولیت کو ممکن بنائیں*شہید ہونے والے محنت کشوں کے ورثاء میں سے ایک کو سرکاری ملازمت فراہم کی جائے اور ان کے بچوں کے لیے مفت تعلیم کا اہتمام کیا جائے۔جیسے اہم مسائل شامل ہیں.

عالمي سياسي صورتحال

وينزويلا: شاويز جي چوٿون پيرو چونڊ

عنايت خاصخيلي



وينزويلا ۾ ٿيل هاڻوڪي صدارتي چونڊ ۾ لاطيني آمريڪا ۾ هڪ ديو مالائي ڪردار جي حيثيت رکندڙ ۽ 1998 کان وٺي لاڳيتو 3 پيرا چونڊ کٽيندڙ "هوگو شاويز" چوٿون دفعو به ملڪ جو صدر چونڊجي ويو آهي. شاويز هڪ طرف ته پنهنجي عالم آشڪار سامراج دشمنيءَ جي ڪري "صاحب بهادر آمريڪا" جي 'اک ۾ ڪک' جيان چپندو رهيو آهي پر ٻئي پاسي سندس حڪمت عملين ۾ سوشلزم، جمهوريت، بولاويرين قومپرستي ۽ سامراج دشمنيءَ جي امتزاج کي سڄي دنيا ۾ موجود مارڪسوادي پارٽيون ۽ ادارا پنهنجي پنهنجي انداز سان پرکين ۽ اظهارين ٿا. ڪيوبا جي انقلابي اڳواڻ ڪامريڊ فيڊرل ڪاسترو ڪانپوءِ اهو هوگو شاويز ئي آهي جنهن جو نالو قذافي جي "سامراج مخالف عرب قومپرستيءَ" جهڙي "سامراج مخالف بولاويرين قومپرستيءَ" جي ڪري پوري عالمي سياسي وايو منڊل ۾ سڀ کان وڌيڪ بحث هيٺ آهي. شاويز پلي هڪ ڪميونسٽ انقلابي نه به هجي پر هڪ عوام دوست جمهوري رهنما جي حيثيت ۾ پنهنجي ملڪ ۽ پوري لاطيني آمريڪا ۾ پيڙهيل ماڻهن، پرتن ۽ قومن جي آزادي لاءِ ادا ڪيل سندس لازوال ڪردار ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. وينزويلا ۾ شاويز جي هڪ پيرو ٻيهر چونڊجي اچڻ ڪري لاطيني آمريڪا ۽ باقي دنيا اندر کاٻي ڌر لاءِ ڪهڙا امڪان، اميدون ۽ خدشا پيدا ٿيا آهن. انهن جي صحيح سمجهه تقاضا ڪري ٿي ته وينزويلا اندر کاٻي ڌُر جي سياستي بيهڪ کي سمجهندي پوري لاطيني آمريڪا ۾ سوويت يونين جي ڊهڻ کان اڳ ۽ پوءِ ٿيندڙ سياسي ۽ سماجي اٿل پٿل جو مختصر جائزو وٺجي ۽ ان ۾ شاويز جي ادا ڪيل ڪردار ۽ سندس بيهڪ کي سمجهجي.

وينزويلا اندر کاٻي ڌر جي سياست جو هڪ مختصر تنقيدي جائزو

اڄ وينزويلا سميت پوري لاطيني آمريڪا ۾ کاٻي ڌُر جي سياست جي جيڪا به هيئت ۽ صورت آهي، ان جا بنياد ويهين صديءَ جي ڳچل حصي ۾ خطي ۾ هلندڙ سوشلسٽ تحريڪن، حڪومتن ۽ ڪامياب توڙي ناڪام انقلابن منجهه کُتل آهن. بورجوا ميڊيا ته ڪيئي ڏهاڪن کان مستقل اها ئي پروپئگنڊا پئي ڪري ته لاطيني آمريڪا ۾ کاٻي ڌُر جي سياست رڳو سرد جنگ ۾ سوويت روس جي آمريڪا کي سوڙهو ڪرڻ جي جنگي حڪمتِ عملي هئي، پر اُها ڳالهه ڪرڻ وقت ڪين سدائين اُهو وسريو وڃي ته جيڪڏهن لاطيني آمريڪا اندر اهڙين تحريڪن لاءِ هڪڙيون تيار ۽ سگهاريون امڪاني حالتون ئي موجود نه هجن ها ته سوويت روس لاءِ اهو ڪيئن ممڪن بڻجي سگهي ها؟ لاطيني آمريڪا اندر کاٻي ڌر جي سياست کي صرف ۽ صرف تڏهن ئي مضبوط ڪري سگهجي پيو جڏهن خطي اندر اُن جي سگهاري ٿيڻ جا امڪان داخلي طور پهرين کان موجود هجن. جدليات جي بنيادي

اصول مطابق تبديليءَ جو اصل محرڪ ڪنهن به شيءِ جا اندروني تضاد هوندا آهن نه ڪِي بيروني طاقتون. ڪابه بيروني قوت ڪنهن شيءِ تي ڪنهن خاص رُخ ۾ ان وقت تائين اثرانداز ٿي ئي نه ٿي سگهي. جيستائين خود ان شيءِ ۾ اِهو اثر قبول ڪرڻ جي صلاحيت موجود نه هجي. لاطيني آمريڪا ۾ ڪابي ڏُر جي سياست جا اهي امڪان، اها اندروني سگهه يا صلاحيت خود خطي جي سامراجي ڦرلٽ بعد ئي پيدا ٿي. اهو سرمائيداري نظام ئي هُيو (۽ آهي) جنهن سڄي ٽين دنيا جيان لاطيني آمريڪا کي پڻ هڪ بلڊ بئنڪ (Blood Bank) جيان استعمال ڪيو ۽ اتي هِڪ سگهاري مزاحمتي سوشلسٽ تحريڪ جي مادي بنيادن جي صورت ۾ پنهنجا ”گورکن“ پاڻ ئي پيدا ڪيا. هجڻ ته ائين کپي ها ته انهن مادي بنيادن جي مڪمل نه به سهي تڏهن به مختصر ۽ جامع وضاحت ڪرڻ بعد ئي خطي ۾ سندن نتيجي طور جنم وٺندڙ ڪابي ڏُر جي سياست تي ڳالهائجي ها پر وقت جي کوٽ ۽ موضوع جي حد بندين کي نظر ۾ رکندي اهو سڀ ممڪن نه آهي. ان ڪري هتي فقط وينزويلا اندر ۽ ان سان لاڳاپيل ڪابي ڌر جي اؤسر کي جانچڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته جيئن اڄ وينزويلا ۾ موجود ڪابي ڌر جي خامين ۽ خوبين کي صحيح نموني سمجهي سگهجي.

هونئن ته سڄي لاطيني آمريڪا جيان وينزويلا ۾ پڻ عوامي سياست اُهي ئي گهٽ گهيڙ ورتا آهن جيڪي ٿوري گهڻي فرق سان ٻين ملڪن جي سياسي تاريخ ۾ پڻ نظر اچن ٿا ۽ جنهن جو سبب به پوري خطي ۾ ڪئي ڏهاڪن کان جاري سامراجي استحصال ۽ سندس نتيجي ۾ جنم وٺندڙ هڪجهڙيون ترقي پسند عوامي جمهوري تحريڪون آهن پر تنهن هوندي به شاويز جو ”ايڪويهين صديءَ جي مارڪسزم“ جو نعرو ڪوڙ سارا مونجهارا پيدا ڪري ٿو جيڪڏهن ڪيس چند چاڻ ڪان سواءِ ئي خطي ۾ موجود ٻين عوامي جمهوري حڪومتن سان هِڪ ڪري ٻيهارجي. شاويز وينزويلا اندر ڪابي ڏُر جي سياست جو صحيح ترجمان آهي يا نه ۽ سندس چپر چانوَ ۾ وينزويلا واقعي هڪ سوشلسٽ انقلاب ڏانهن وڃي سگهي ٿو يا نه! انهن سوالن ۽ مونجهارن جو حل وينزويلا ۾ ڪابي ڌر جي اؤسر تي نظر رکندي، سندس موجود موجود بيهڪ کي جانچڻ بعد ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو.

شاويز تائين پهچندي پهچندي وينزويلا اندر ڪابي ڌر، مختلف دؤرن ۾ مختلف صورتون اختيار ڪندي رهي آهي پر جيڪڏهن حڪمت عملين ۾ ننڍيون ۽ وقتي تبديليون ڇني، ڌار ڪري نه ڳڻجڻ ته منهنجي خيال ۾ وينزويلا اندر ڪابي ڌُر جي سياسي تاريخ کي ”4“ دؤرن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(1) آمريت خلاف جمهوري جدوجهد جو دؤر.

(2) وينزويلا اندر گوريلا جنگ وارو دؤر.

(3) نيو لبرل معيشت وارو دؤر.

(4) شاويز جو دؤر.

عام طور تي شاويز جي دؤر ۽ سندس حڪمت عملين کي سمجهڻ يا ائين ڪٽي چئجي ته پوريءَ ريت سمجهڻ ۾ غلطيءَ ڪرڻ جا منهنجي نظر ۾ به بنيادي سبب آهن. هڪ اهو ته اڪثر دوست شاويز يا سندس دؤر ۾ وينزويلا اندر ڪابي ڌر جي بيهڪ کي رڳو نيو لبرل معيشت واري دؤر جي پيرائي (Context) ۾ ئي سمجهندا آهن. اهو صحيح آهي ته اڄ وينزويلا اندر ڪابي ڌر جي مجموعي جوڙجڪ ۾ نيو لبرل معيشت واري دؤر ۾ ٿيندڙ تباهه ڪارين ۽ سندس نتيجي ۾ جنم وٺندڙ عوامي مزاحمت سڀ

کان گهڻو ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، پر تنهن هوندي به ائين ناهي ته صرف اِهي ئي بنيادي عنصر (Determining Factors) هئا جن "ايڪويهين صديءَ جي مارڪسزم" کي جنم ڏنو آهي. ڪميونسٽ تحريڪ جي مجموعي اؤسر ۽ خاص ڪري وينزويلا اندر ٿيندڙ گوريلا جنگ پڻ وينزويلا ۾ ڪابي ڌر جي اڄوڪي هيئت ۽ صورت جو بنيادي سبب رهي آهي. ٻيو بنيادي سبب جنهنڪري وينزويلا اندر ڪابي ڌر جي اڄڪلهه جي سياست کي درست نموني سمجهڻ ۾ غلطي ٿئي ٿي اهو وينزويلا جي اڄوڪين حالتن ۾ ڪابي ڌر ڪي 1950 ۽ 1960 وارن ڏهاڪن جي ڪميونسٽ گوريلا جنگ، خاص ڪري ڪيوبا جي انقلاب جي پيرائتي ۾ ڏسڻ آهي. تاريخ ۾ جهاتي پائي ڏسبي ته خبر پوندي ته وينزويلا جون اڄوڪيون حالتون ته پري جي ڳالهه پر خود 1950 جي ڏهاڪي ۾ به سندس حالتون پنهنجي پاڙيسري ملڪ ڪيوبا کان ڪي قدر مختلف هيون، جنهن جي ڪري ئي 1950 جي ڏهاڪي ۾ ڪيوبا ۾ ڪامياب ٿيندڙ ڪميونسٽ گوريلا جنگ 1960 جي ڏهاڪي ۾ وينزويلا ۾ ڪامياب نه ٿي سگهي. تنهنڪري منهنجي خيال ۾ وينزويلا ۾ شاويز جي دؤر يا ايڪويهين صديءَ ۾ ڪابي ڌر جي سگهه يا ڪمزورين کي فقط تڏهن ئي مڪمل انداز ۾ سمجهي سگهجي ٿو جڏهن ڪيس هڪ يا ٻئي دؤر سان تجريدي يا ڪٽيل انداز ۾ ڀيٽڻ جا جوڙڻ بجاءِ ڪابي ڌر جي مجموعي اؤسر جي پيرائي ۾ جانچي ڏسجي.

(1) آمريت خلاف جمهوري جدوجهد جو دؤر

وينزويلا اندر ڪابي ڌر جي سياست جي شروعات ويهين صديءَ ۾ سوويت يونين جي اثر هيٺ ٿي. 1931ع ڌاري ٺهندڙ "ڪميونسٽ پارٽي وينزويلا" کو ڏهاڪو کن سالن تائين ڳجهه ڳوهه (underground) ۾ ئي ڪم ڪندي رهي. هي اهو دؤر هيو جنهن ۾ اڃا سياسي آزادي وينزويلا اندر هڪ خواب هو ڇاڪاڻ ته 300 سالن تائين اسپين جي ڪالوني رهندڙ وينزويلا 1822ع ڌاري آزاد ٿيڻ بعد به ايندڙ سوا سؤ سالن تائين فوجي جرنيلن جي سڌي حاڪميءَ هيٺ ئي رهيو. جڏهن 1941 ۾ ان وقت جي ڪنهن حد تائين ترقي پسند فوجي حڪمران مدينا انگاريتا (Medina Angarita) فوجي جُنتا (جُنتا مان مراد ٽولو ۽ جَنتا جي معنيٰ عوام هوندي آهي) جي شديد مخالفت باوجود سياسي پارٽيون ٺاهڻ ۽ سياسي عمل جي اجازت ڏني ته ڪميونسٽ پارٽي سندس ان عمل کي خوش آئند سمجهندي ملڪ اندر جمهوري نظام لاڳو ڪرڻ جي تحريڪ ۾ شامل ٿي وئي. فوجي جنتا ڪنهن به صورت ۾ اليڪشن ڪرائڻ لاءِ تيار نه هئي. آخر 1945 ڌاري تحريڪ ۾ شامل سياسي پارٽين ڪجهه ترقي پسند فوجي آفيسرن جي حمايت سان اقتدار تي قبضو ڪري ورتو ۽ ملڪ ۾ جمهوري نظام لاڳو ڪيو. پر مضبوط فوجي جُنتا جي هوندي اِهو نظام 3 سالن کان وڌيڪ عرصي لاءِ پنهنجي پيرن تي بيهي نه سگهيو ۽ 1948ع ڌاري فوج هڪ ڀيرو ٻيهر اقتدار تي قبضو ڪري ورتو. وڌندڙ عوامي دٻاءُ جي نتيجي ۾ فوج 1952 ۾ عام چونڊون ڪرائڻ جو اعلان ڪيو. ڪميونسٽ پارٽي ان وقت ايتري گهڻي عوامي مقبوليت نه هجڻ ڪري هڪ ٻي ترقي پسند پارٽي "ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ يونين" (URD) جي حمايت ڪئي. پر چونڊ نتيجا پنهنجي مرضي مطابق نه ايندي ڏسي فوج جي ان وقت جي سڀ کان وڌيڪ طاقتور جرنيل "پيري جيمني" (Perez Jimenez) اقتدار تي قبضو ڪري ورتو ۽ آمريت مخالف تحريڪ هڪ ڀيرو ٻيهر زور پڪڙيو.

ياد رهي ته ان ساڳي ئي عرصي ۾ وينزويلا جي پاڙيسري ملڪ ڪيوبا ۾ پڻ هڪ سامراج نواز آمر بتستا (Batista) اقتدار تي قبضو ڪري ورتو هو جنهن خلاف بغاوت پڻ پنهنجا پير سنڀالي رهي هئي. ان بغاوت جي سرواڻي ڪيوبا جا نوجوان ڪميونسٽ اڳواڻ ڪاسترو پائر ڪري رهيا هئا. پر وينزويلا ۾ هڪ آمر خلاف جاري تحريڪ ڪيوبا جي تحريڪ کان ان معنيٰ ۾ مختلف هئي ته هيءَ تحريڪ اجان سماج کي آمريت منجهان انڌي منڊي بورجوا جمهوريت ۾ به تبديل نه ڪري سگهي هئي. وينزويلا ۾ سياسي آزادي اجان مس ڏهاڪو کن سال اڳ ملي هئي ۽ سياسي پارٽين بشمول ڪميونسٽ پارٽيءَ کي اجا عوام



تائين ايتري رسائي حاصل نه هئي. ٻئي پاسي ڪيوبا ۾ ڪمزور ئي سهي پر اليڪشني سياست ۽ بورجوا جمهوريت کي هلندي 50 سالن کان مٿي ٿي چڪا هئا ۽ ڪئي پارٽيون عوام ۾ ڪم ڪري رهيون هيون. اهڙي صورتحال ۾ ٻنهي تحريڪن جا هڪ جهڙا نتيجا نه ٿي اچي سگهيا. نيٺ 1958 ۾ وينزويلا ۾ جمهوري نظام لاءِ تحريڪ سوڀاري ٿي ۽ ان کان ڪجهه ئي مهينا پوءِ ڪيوبا ۾ ڪميونسٽ انقلاب آيو.

(2) وينزيلا ۾ گوريلا جنگ

وينزويلا ۾ جمهوري نظام جي بحالي جي تحريڪ سان گڏ گڏ هلندڙ ڪيوبا جو ڪميونسٽ انقلاب وينزويلا جي سياست کي تمام گهڻو متاثر ڪري رهيو هو. ٻنهي ملڪن ۾ آمريت مخالف تحريڪن جي ڪاميابيءَ بعد اِهو ڪيوبا جو اثر ئي هيو جنهن ايندڙ ڏهن سالن ۾ وينزويلين حڪومت جي داخلي ۽ خارجي پاليسي جا خدوخال طئي ٿي ڪيا. ڪيوبا جي ڪميونسٽ انقلاب جي ڪاميابي بعد وينزويلا ۾ سوڀاريون ٿيل لبرل، بورجوا جمهوري پارٽيون سُتت ئي ان خطري کان آگاهه ٿيون ۽ 1959 ۾ هڪ معاهدي ذريعي طئي ڪيائون ته ڪنهن به صورت ۾ ان لبرل جمهوريت جي تڏا ويڙهه ٿيڻ نه ڏبي انهن پارٽين هڪ سازش تحت جمهوري نظام لاڳو ڪرڻ جي تحريڪ ۾ نهايت ئي اهم ڪردار ادا ڪندڙ ڪميونسٽ پارٽي وينزويلا کي ان معاهدي کان پاسيرو ڪيو. جنهن جو هڪ ئي سبب هڪ امڪاني ڪميونسٽ مزاحمت جي رستا روڪ هيو. وينزويلين حڪومت اهڙي ڪنهن به امڪاني خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ داخلي توڙي خارجي پاليسي ۾ ڪين الڳ (Alienate) ڪرڻ جي فارمولي جي چونڊ ڪئي. بين الاقوامي سطح تي ڪيوبن حڪومت جي سخت مخالفت ڪندي وينزويلا ”آمريت هر صورت ۾ نامنظور“ جي نعري کي پنهنجو بنيادي متو (Basic Principle) بڻايو. ٻئي پاسي ڪيوبا جي ڪميونسٽ انقلاب مان متاثر تحريڪ ۾ جوش ان وقت آيو جڏهن فيڊرل ڪاسترو 1959 ڌاري هڪ ڪامياب انقلاب جي باني طور وينزويلا جو دؤرو ڪيو. ائين پوءِ اها تقسيم (Polarization) تيزيءَ سان وڌندي وئي. بورجوا ۽ سوشل ڊيموڪريٽڪ پارٽين منجهان ڪميونسٽ اثر رکندڙ ڪارڪن ۽ ليڊر ڌار ٿيندا ويا ۽ الڳ الڳ فورمن تي ”وينزويلا اندر ڪميونسٽ انقلاب“ لاءِ ڪم ڪرڻ لڳا. ان صورتحال حڪومت کي ويتر پريشان ڪيو ۽ نتيجي طور ملڪ ۾ موجود ڪميونسٽ پارٽيون ۽ ادارا نشاني تي اچي ويا.

پر جيڪڏهن غور ڪري ڏسجي ته ان

وقت وينزويلا ۾ گوريلا ويڙهه ذريعي انقلاب آڻڻ جي ڪوشش سياسي مهم جوئي (Adventurism) کان سواءِ ڪجهه به نه هئي سواءِ ڪيوبا جي انقلاب مان ملندڙ (Inspiration) جي، وينزويلا اندر سڄي سياسي، سماجي ۽ معاشي صورتحال اهڙي ڪنهن به مهم جوئي جي خلاف هئي. 70 سيڪڙو شهري آبادي تي مشتمل وينزويلا ۾ تازو ئي جمهوري انقلاب ڪامياب ٿيو هو ۽ نئين جمهوري حڪومت ڪيوبا جي اثر هيٺ جنم وٺندڙ ڪنهن به امڪاني خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ پنهنجي داخلي پاليسيءَ کي وڏ کان وڏ عوام دوست بنائڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي. اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين سميت مختلف ادارن اندر تنظيم سازي جي حق ڏيڻ سميت صحت، تعليم ۽ وٽج واپار تي وڏايل ڏيان سان گڏ گڏ مُلڪ جي ڳوناٽي آبادي لاءِ (Land Reforms) آندا ويا جنهن ذريعي 2 لک کان مٿي بي زمين خاندانن ۾ زمين ورهائي وئي. بئي پاسي وينزويلا ۾ ڪميونسٽ انقلاب جي ڳالهه ڪندڙ گهٽو ٽٽو ڪيڊر پڻ اهڙي ڪنهن هٿياربند جدوجهد لاءِ تيار نه هو. ڪين گوريلا جنگ جو ڪوبه تجربو نه هيو. نتيجي طور 1962 ۾ ان ئي ايجنڊا هيٺ ٿيندڙ به ناڪام فوجي بغاوتن کان ٿورو ئي اڳ شروع ٿيندڙ ان ويڙهه تمام جلد ئي منجهس موجود رومانويت جي غالب عنصر جي تصديق ڪئي. ڪميونسٽ پارٽي، جنهن اڳ ۾ ان گوريلا ويڙهه جي حمايت ڪئي ٿي. حالتن جو صحيح جائزو وٺڻ بعد ان ويڙهه تان وقتي طور دستبردار ٿي ۽ پارٽي ڊسيپلين تي عمل نه ڪندڙ ليڊرن جهڙوڪ ڊگلس براوو (Douglas Bravo) کي پارٽي منجهان خارج ڪيو. ان ئي زماني ۾ ڪميونسٽ پارٽي وينزويلا جا ڪميونسٽ پارٽي ڪيوبا سان سخت قسم جا اختلاف سامهون آيا. ڪميونسٽ پارٽي وينزويلا تنقيد ڪئي ٿي (۽ جيڪا ڪنهن حد تائين جائز به هئي) ته ڪميونسٽ پارٽي ڪيوبا انقلابي رومانس جي اثر هيٺ وينزويلا جي اندروني حالتن کي سمجهڻ لاءِ تيار ناهي جيڪي ڪنهن به صورت ۾ اهڙي ڪنهن هٿياربند مزاحمت جي حمايت ۾ ناهن. ٻئي پاسي گوريلا ويڙهه جا حامي ليڊر جهڙوڪ ڊگلس براوو ۽ ٻيا پنهنجين پنهنجين پارٽين منجهان نڪرڻ بعد فوج مان نيڪالي ڏنل ڪجهه ترقي پسند آفيسرن سان گڏجي هڪ وسيع ۽ ڊلي جنگي اتحاد (FALN) ذريعي وينزويلا جي ٻهراڙين ۾ ڇاپا مار ڪارروايون ڪندا رهيا. ان وچ ۾ وينزويلين حڪومت انهن ڇاپا مار ڪاررواين جو سختي سان مقابلو ڪرڻ سان گڏوگڏ سهڪاري ڪاوش (Goodwill Gesture) طور جيلن ۾ قيد گوريلا ليڊرن کي آزاد ڪيو. نتيجي طور حڪومت جي سياسي رعايتن سان گڏ گڏ سخت فوجي حملن جي نتيجي ۾ اها مزاحمت 70-1969 تائين پنهنجو اخلاقي ۽ مادي جواز وڃائي ويٺي. مثال 1968 ۾ چي گويرا جي شهادت ۽ 1969 ۾ ايندڙ نئين وينزويلين حڪومت جي روس توڙي ڪيوبا ڏانهن خارجه پاليسي ۾ تبديلي ۽ سندس نتيجي ۾ روس توڙي ڪيوبا جي وينزويلا اندر جاري گوريلا جنگ جي نظرياتي توڙي عسڪري حمايت بند ٿيڻ بعد اها تحريڪ ايندڙ 4، 3 سالن ۾ هوريان هوريان ختم ٿي وئي.

ان گوريلا تحريڪ جي اڀرڻ ۽ ناڪام ٿيڻ جي ڪري وينزويلا ۾ ڪاٻي ڌر جي سياست کي اهو ڌڪ لڳو جو اها ايندڙ 20، 15 سالن تائين پاڻ سنڀالي سگهڻ جهڙي به نه رهي. ڪجهه گوريلا اڳواڻ جيڪي ان تحريڪ جو ڌڪ پچائي پنهنجي ڪيڊر کي بچائڻ ۾ ڪامياب ويا، انهن پارلياماني سياست جو رخ ڪيو پر اُتي به گوريلا تحريڪ جي اٿوٿندڙ نتيجن ڪري پوري انقلابي فڪر منجهان بدظن پراڻا گوريلا انقلابي ڪين برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نه هئا. عوام ۾ به سندن گراف گهٽي حد تائين

هيٺ ڪريو هيو جنهن ڪري نيو- لبرل معيشت واري پوري دؤر ۾ وينزويلا اندر ڪابي ڌر رڳو پنهنجو پاڻ ئي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪندي رهي ۽ سامراجي سازشن خلاف ڪو سگهارو ڪردار ادا ڪري نه سگهي. اِها اِن دؤر ۾ ئي ڪابي ڌُر جي ڪمزور پوزيشن هئي، جنهن شاويز توڙي شاويز جي دؤر ۾ موجود ڪابي ڌر جي پاليسين جو تعين ڪيو.

(3) نيو- لبرل معيشت وارو دؤر

وينزويلا سميت پوري لاطيني آمريڪا ۾ ڪابي ڌر جي اڄوڪي بيهڪ تي هِن دؤر جا ڏاڍا گهرا اثر آهن. هي اهو دؤر هيو جنهن ۾ هڪ پاسي ته لاطيني آمريڪا جا مُلڪ تيل جي ڪاروبار ۾ وڌندڙ فائدن ڪي ڏسي آءِ ايم ايف (IMF) ۽ ورلڊ بئنڪ جي بظاهر خوبصورت نظر ايندڙ ”قرضن جي ڄار“ ۾ ڦاسڻ لڳا، پر ٻئي پاسي سوويت روس جي مادي انهدام کان گهٽو اڳ شروع ٿيندڙ نظرياتي پچ ڊاهه ۽ تحليل پسنديءَ جي نتيجي ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽي تي موقعي پرست ۽ ترميم پسندن جي ڪاميابيءَ جي پنهنجن انقلابي آدرشن تان پير پٽي ڪرڻ ڪري لاطيني آمريڪا ۾ جاري انقلابي تحريڪون ڪوڙ سارن مسئلن جي ور چڙهڻ لڳيون. اها سوويت يونين جي نظرياتي، سياسي ۽ معاشي مدد ئي هي جنهن باقي دنيا جيان سرمائيداري جي ڇڪيءَ ۾ پيسجندڙ لاطيني آمريڪا ۾ به ويهين صديءَ ۾ عوامي انقلابي تحريڪن ڪي همٿايو ۽ سندن حفاظت تي ڪئي. لاطيني آمريڪا جي ڪافي ملڪن جهڙوڪ ڪيوبا، نڪارگووا، گريناڊا ۽ پيرو وغيره ۾ عوامي مزاحمتن ڪي همٿائڻ، ڪميونسٽ تحريڪن جي سياسي، معاشي، نظرياتي ۽ عسڪري مدد ڪرڻ کان علاوه سوويت روس آمريڪي عسڪري ۽ معاشي عتاب هيٺ آيل ڪيوبا ۽ نڪاراگووا جي سوشلسٽ حڪومتن سان پڻ وڏي پئماني تي معاشي لاڳاپا برقرار رکي کين ڏيوالپڻي کان بچائيندو رهيو. پر 1980 جي ڏهاڪي شروع ٿيڻ سان ئي سوويت روس طرفان لاطيني آمريڪا جي انقلابي تحريڪن ۽ حڪومت جي معاشي ۽ عسڪري مدد ۾ وڏيون ڪٽوتيون شروع ٿيون. ايستائين جو لاطيني آمريڪا جي هڪ سگهاري ڪميونسٽ انقلابي رياست ڪيوبا جي معاشي ۽ عسڪري مدد بابت ٿيل وڏن بحثن ڪانپوءِ گورباچوف حڪومت ان مدد جو وڏو حصو ”ضروري حڪمت عملين“ جي نالي ۾ ڪٽي ڪيوبا کي اڪيلو ڪري ڇڏيو. نتيجي طور خطي ۾ انقلابي فڪر ۽ تحريڪ جي علمبردار ڪيوبا کي پڻ پنهنجي رياستي معاشي پاليسين ۾ جنگي بنيادن تي ڪجهه تبديليون ڪرڻيون پئجي ويون. هي اهو دؤر هيو جنهن ۾ ڪيوبا تي سوويت يونين جي ٽٽڻ، نيو- لبرل معاشي پروگرام ۾ شامل ٿيڻ ۽ تيزي سان وڌندڙ آمريڪي پابندين ڪري تمام گهٽو معاشي دٻاءُ هيو. ڪيوبا ان سڄي صورتحال کي منهن ڏيندي پنهنجي بين الاقوامي خرچن ۾ وڏي پئماني تي ڪٽوتيون ڪندي ڪوڙ سارين رياستي رعايتن کي به عارضي طور معطل ڪيو ۽ ان حڪمت عملي کي ”معيشت جو ڏکيو دؤر“ قرار ڏنو. هن دؤر ۾ ڪابي ڌر تي موجود سياسي ۽ معاشي دٻاءُ ئي ٻئي دؤر ۾ لاطيني آمريڪا جي ڪابي ڌر جي نئين سِري سان جڙت جي پيڙهه جو پٿر بڻيو. ان ڪري ئي وينزويلا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ ايڪويهين صديءَ ۾ مارڪسزم جي اؤسر کي سمجهڻ لاءِ هن دؤر کي سمجهڻ نهايت ئي اهم آهي.

1982 جو معاشي بحران ۽ نيو لبرل معيشت

مارڪسي نقطه نظر کان معاشي بحران سرمائي جو انتهائي حد تائين مرتڪز ٿي وڃڻ آهي. جنهن جي نتيجي ۾ آبادي جي هڪ وڏي اڪثريت جي ان کان

وانجهجي وڃڻ ڪري عوام ۾ "قوتِ خريد" خطرناڪ حد تائين ڪِري پوي ٿي. ان سچي عمل جو لازمي نتيجو مِلن، ڪارخانن، ڪمپنين ۽ ٻين نجي ڪارپوريشنن منجهان وڏي تعداد ۾ مزدورن جي نيڪالي آهي. چاڪاڻ ته انهن مڙني ادارن جي "انجڻ" منافعي يا اُن واڌو قدر جي آڌار هلي ٿي جيڪو درحقيقت پورهيت جي اِهڙي پورهئي جي تبديل شده شڪل هوندي آهي جنهنجي اجرت ڪيس ناهي ڏني ويندي. سرمائي جو چڪر تيستائين پورو ٿي ئي نه ٿو سگهي جيستائين انهن ادارن ۾ ٺهيل ڪابه جنس مارڪيٽ ۾ کپت جي عمل مان نه ٿي گذري ۽ مٿس خرچ ٿيل سرمايو منافعي يا مٿڪي سميت سرمائيدار جي کيسي ۾ نه ٿو وڃي. پر پوءِ چا ايتري وڏي پئماني تي مزدورن جي نيڪاليءَ سان ان بحران کي روڪي سگهجي ٿو؟ نه! هرگز نه! چاڪاڻ ته کين نيڪالي ڏيڻ جو هڪ ئي سبب جنس جي کپت نه ٿي سگهڻ ڪري "سرمائي جو چڪر پورو نه ٿيڻ" يا سادن لفظن ۾ منافعي جو نه ٺهڻ هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ايتري وڏي پئماني تي عوام کي بيروزگار ڪيو ويندو ته نتيجي طور عوام منجهه قوتِ خريد اجا وڌيڪ ڪِرندي ۽ شين جي نه کپڻ جو عمل اجا وڌي ويندو. ائين پوءِ هوند ۽ اڻ هوند جي اها ورڇ ايتري ته تيز ٿي ويندي ۽ آخر ان نهج تي وڃي پهچندي، جو خود سرمائي ۽ ان تي ٻيڻل نظام لاءِ اهو اٽٽر بڻجي ويندو ته کيئن به ڪري تيار ٿيل جنسن جي کپت کي يقيني بڻائي. "مالياتي سرمائي" جي اؤسر کان اڳ ان صورتحال جو هڪ ئي حل "جنگ" هوندي هئي. جڏهن سماج اندر وسيلن جي غير متوازي ورڇ ان نهج تي پهچي وڃي جو نه "وٺي سگهندڙن" وٽ وٺڻ جي ضرورت باقي رهي ۽ نه ئي "نه وٺي سگهندڙن" وٽ وٺڻ جي طاقت، ته پوءِ ان "سرس رچيل" صورتحال جو هڪ ئي حل "ڏاهيو! ۽ نئين سِري سان وري ٺاهيو" يعني جنگ ئي وڃي بچي ٿو. ان عمل سان "قوت خريد" ۽ "ضرورت خريد" کي هڪ ڀيرو ڀيهر جياري، سرمائيداري نظام پنهنجي پُرندڙ وجود کي ڪجهه عرصو دوام بخشڻ ۾ ڪامياب ويندو آهي.

پر مالياتي سرمائي جي اؤسر بعد سرمائيدار دنيا بحران کي به جهڙوڪ هڪ "جنس" بڻائي کپائڻ شروع ڪيو. سرمائي کي مرتڪز ڪندڙن "سرمائي جي ارتڪاز مان جنم وٺندڙ بحران" جو حل، گڏ ٿيل سرمائي کي ڳري وياج عيوض قرض طور ڏيڻ جي صورت ۾ ڪڍيو. هاٽي پهرئين ڏاکي ۾ ملٽي- نيشنل ڪمپنين ۽ ڪارپوريشنن جي صورت ۾ ملڪن جي معيشت تي راتاها هڻي کين ڪنگال بنائڻ کانپوءِ ٻئي ڏاکي ۾ کين مجبور ڪيو ٿي ويو ته هو نه صرف پنهنجي ئي دولت (جيڪا هاٽي ملٽي- نيشنل ڪمپنين ۽ ڪارپوريشنن جي ملڪيت جي صورت ۾ مالياتي ادارن جهڙوڪ IMF ۽ ورلڊ بئنڪ ۾ جمع ٿيل هئي) "چورن" کان قرض طور وٺڻ ۽ ان مٿان ڳرا وياج ڀڻ ڀرين پر ان ئي قرض عيوض انهن ڪمپنين ۽ ڪارپوريشنن جي مرضي مطابق پنهنجي ملڪ جا رهيل سهيل ادارا، وسيلا ۽ ذريعا نجڪاري جي صورت ۾ کين وڪرو ڪن. 1982 ۾ انهن مالياتي ادارن پاران پئدا ڪيل معاشي بحران بعد سڄي لاطيني آمريڪا ۽ خاص ڪري وينزويلا ۾ بلڪل اهڙي ئي صورتحال هئي. 74-1973 ۾ تيل جي قيمتن ۾ ٿيل تمام گهٽي واڌ سان هڪ طرف ته ايڪسپورٽ ڪندڙ ملڪن جي ڄڻ ته قسمت چمڪي پئي پر ساڳي ئي وقت تيل استعمال ڪندڙ باقي سمورن ملڪن لاءِ تيل جي قيمتن ۾ ايتري گهٽي واڌ مهانگائي ۽ سندس نتيجي

طور سڪي جي قدر ۾ ڪوٽ (Currency Devaluation) جهڙن معاشي مسئلن جي صورت ۾ ظاهر ٿي. (وينزويلا سميت لاطيني آمريڪا جا تقريبن سڀئي ملڪ جيئن ته تيل جي ڪاروبار تي ئي گهڻو ٽڻو انحصار ڪندا هئا، تنهنڪري سندن تڪڙي معاشي پاليسي بين الاقوامي مالياتي ادارن کان قرض وٺي پنهنجن پنهنجن ملڪن ۾ تيل جي پئداوار وڌائڻ تي هئي.) ائين نه هو ته ڪو هي پهريون دفعو هيو جو لاطيني آمريڪا جي ملڪن بين الاقوامي مالياتي ادارن کان قرض ورتو ٿي. (برازيل، ميڪسيڪو ۽ ارجنٽينا جهڙا ملڪ 1960 جي ڏهاڪي کان ئي انهن ادارن کان قرض ڪٽندا ٿي آيا.) پر قرض هن دفعي جيتري وڏي مقدار ۾ ورتو ويو ٿي اهو واقعي ۾ پريشان ڪُن هيو. هڪ اندازي مطابق مجموعي لاطيني آمريڪا جو قرض 1975 کان 1982 تائين صرف 7 سالن جي عرصي ۾ 75 بلين آمريڪي ڊالرن مان وڌي 315 بلين آمريڪي ڊالرن تائين وڃي پهتو جيڪو پوري لاطيني آمريڪا جي ڪُل سالياني گهرو پئداوار (GDP) جو 50 في سيڪڙو هيو! ۽ قرض جي مد ۾ وياج جيڪو 1975 تائين صرف 12 بلين آمريڪي ڊالر هيو. 1982 ۾ وڌي وڃي 66 بلين آمريڪي ڊالر تي پهتو. ان سڄي صورتحال خطرناڪ شڪل ان وقت اختيار ڪئي جڏهن دنيا جي اڪثر ملڪن، بئنڪن ۽ ڪمپنين ”قرض جي ڪاروبار“ ۾ فائدو ڏسي IMF ۽ ورلڊ بئنڪ جهڙن مالياتي ادارن ۾ سيڙپڪاري شروع ڪئي. نتيجي طور سڄي دنيا جو سرمايو ترقياتي ڪمن منجهان نڪري ”نج مالياتي سرمائي“ يا (Stock-Exchange Phenomenon) ۾ وڃي ڦاٿو. سرمائي جي اهڙي غير ترقياتي نوع جي سيڙپڪاري سان وڏي پئماني تي بيروزگاري، مهانگائي ۽ ڪاروباري جمود جنم ورتو ۽ دنيا 1982 ۾ هڪ ٻئي معاشي بحران جو شڪار ٿي.

بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ڪِرڻ ڪري لاطيني آمريڪا جا خواب ٽٽڻ لڳا ۽ جبل جيترا قرض سندن ڪنڌ ۾ پئجي ويا. تيل جي قيمتن ڪِرڻ ڪري قرض جون قسطون ادا ڪرڻ ناممڪن نظر اچڻ لڳو. نتيجي طور انهن ملڪن ڪنيل قرض واپس ڪرڻ لاءِ وري نوان قرض ڪنيا ٿي ۽ انهن جي واپسي لاءِ اجا ٻيا قرض. ائين قرض ۽ وياج جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي وڃڻ ڪانپوءِ جڏهن وٺن ڪا راهه نه بچي ته ميڪسيڪو 1982 ڌاري ڊيوالپٽي جو اعلان ڪندي قرض واپس نه ڪري سگهڻ تي معافي گهري. سڄي دنيا جو سرمايو صرف وياج جي لالچ ۾ اهڙي لعنت ۾ ائين ڦاسايو ويو جو سندس واپسي تقريبن ناممڪن نظر اچڻ لڳي.

پر ٿورو ترسو! جيڪڏهن واقعي ڳالهه صرف ائين هجي ها ته سڄي دنيا جو سرمايو لاطيني آمريڪا ۾ سيڙهايل (موجود) آهي، ته پوءِ ميڪسيڪو کي اهڙو اعلان ڇو ڪرڻو پئي ها ته وٽس قرض واپس ڪرڻ لاءِ پئسا ناهن؟ اهڙي صورتحال ۾ ڊيوالپٽي جو اعلان ته IMF ۽ ورلڊ بئنڪ جهڙن ادارن کي ڪرڻ کپي ها جن ان ڪُڏي ڪاروبار ۾ فائدو ڏسي، ڪربها ڊالر ان ۾ زيان ڪري، پنهنجا خزانا خالي ڪري ڇڏيا؟ يا پوءِ جيڪڏهن قرض وٺندڙ ۽ قرض ڏيندڙ ٻنهي وٽ اهو سرمايو موجود نه هيو ته آخر اِهو ويو ڪيڏانهن؟ اسان مٿي چئي آياسين ته معاشي بحران مان مطلب سرمائي جو ڪنهن هڪ هنڌ تي ان حد تائين مرتڪز ٿي وڃڻ آهي جو باقي سڄي جهان وٽ وٽج واپار ڪرڻ ۽ ڪارونهوار هلائڻ لاءِ رقم باقي ئي نه رهي. هاڻي 1982 جي معاشي بحران ۾ سڄي دنيا جو سرمايو آخر ڪهڙي هنڌ وڃي گڏ ٿيو؟ سامراجي ميڊيا ته ڏينهن رات اِهي طبل پئي وڄايا ته لاطيني آمريڪا جي

ملڪن هيچ ڪري اربها ڊالر قرض ورتو ته سهي، پر هاڻ اِهو سمورو پئسو تباهه ۽ برباد ڪري، قرض جون قسطون واپس ڪرڻ کان نابري واري، سڄي دنيا کي معاشي بحران ۾ پيا ڌڪين. پر سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته انهن ملڪن اُهي پئسا آخر ڪيا ڪيڏانهن؟ اِهو سرمايو آخر ڪيئن ۽ ڪٿي "تباهه ۽ برباد" ٿيو؟ ڪٿي هنن راند راند ۾ انهن نوٽن جا جهاز ٺاهي ته نه ٿي اڏايا؟ يا پوءِ مينهن ۾ ڪاغذي ٻيڙيون ٺاهي لوڙهيائون ته نه ٿي؟ ڪيتري نه خوبصورت راند آهي لفظن جي! پهريان تيل جي ڪاروبار منجهان بي بها دولت ڪمائڻ جي لالچ ڏياري، ترقي ۽ خوشحالي جا سبز باغ ڏيکاري، انهن ملڪن کي انهن ئي بئنڪن قرض وٺڻ تي آماده ڪيو. هاڻ اِها رقم صنعتن ۾ استعمال ٿيندڙ ڳري مشينري ۽ انفراسٽرڪچر تي خرچ ٿي واپس انهن ئي بئنڪن ڏانهن وئي. تنهن بعد ابتدائي سالن ۾ تيل جي ڪاروبار منجهان حاصل ٿيندڙ "دولت" کي پڻ اهي ئي مالياتي ادارا وياج سميت واپس ڪرڻ جو لالچ ڏئي ڪٽي ويا. دنيا جي ٻين ملڪن جيان لاطيني آمريڪا جا ملڪ پڻ "مالياتي سرمائي جي اِن چار" ۾ ڦاسي پيا ۽ تيل جي صنعت منجهان حاصل ٿيندڙ دولت کي پهرئين ڏاکي ۾ قرض ۽ وياج جي لعنت مان جِند ڇڏائڻ لاءِ استعمال ڪرڻ بجاءِ "پئسي تي پئسو" ڪمائڻ جي ڪاروبار ۾ وجائڻ لڳا ۽ پوءِ ائين انهن مالياتي ادارن انهن ئي ملڪن کان وياج تي ورتل رقم واپس انهن ئي ملڪن کي وياج تي ڏيڻ شروع ڪئي. ائين هو ساڳوئي سرمايو ملڪن کان مالياتي ادارن، مالياتي ادارن کان ملڪن ۽ پوءِ واپس ملڪن کان مالياتي ادارن ڏانهن گول گول چڪر ڪائيندو رهيو. فرق صرف اهو ٿي پيو ته هر چڪر پوري ٿيڻ بعد مٿس وياج جي رقم ٻيڻي ٿيندي ٿي وئي. ٻئي طرف سرمائي جي اهڙي غير قانوني نوع جي سيڙپڪاري ڪري دنيا ۾ ٿيندڙ ترقياتي ڪمن کي ڀُنجو اچي ويو. مهانگائي ۽ بيروزگاري تمام تيزي سان وڌي ۽ نتيجي طور تيل سميت سمورين جنسن جي کپت ۾ خطرناڪ حد تائين لاٿ ٿي مارڪيٽ ۾ گهرج گهٽجي وڃڻ ڪري جنسن جون آسمان سان لڳندڙ قيمتون ڌڙام سان اچي پٽ پيون ۽ ائين تيل جي معيشت رکندڙ ملڪن جا خواب پڻ "تيل" ٿي ويا. هاڻ هڪ پاسي ته مالياتي سرمائي جي پيگهي ۾ ڦاسڻ ڪري ڳلي ۾ پيل ڳاٽي ٽوڙ قرض هئا، پر ٻئي پاسي تيل جي قيمتن جي ڪرڻ ڪري سندن رهيل سهيل اميد به دم ڏٽي حوالي ڪيو. ائين پوءِ آخري نتيجي ۾ سڄو سرمايو مالياتي ادارن منجهه مرتڪز ٿي ويو پر 70-1960 تائين گهٽي پاڳي خود ڪفيل رهندڙ لاطيني آمريڪا جا ملڪ، قرض جي ڏٻڻ ۾ ڳچيءَ تائين ڳتجي ويا.

ان سڄي پسمنظر سان ان بحران کي ڏسڻ بعد ڪجهه ائين ٿو پانسي جڻ ته اِهو سڄو بحران ئي اڳ ۾ طئي شده هيو يا ته ٻي صورت ۾ لاطيني آمريڪا کي نيو-لبرل معيشت جي ور چاڙهڻ جي سڄي پروگرام جي هڪ باءِ- پراڊڪٽ هيو. چاڪاڻ ته جيڪڏهن ٿوري سنجيده ڪوشش ڪجي ته هڪ عام اک به 1974 ۾ شروع ٿيندڙ ان ڊرامي جي "ڊراپ- سين"، 1982 جي بحران جي پيش بيني ڪري سگهي ٿي ته پوءِ اِهو ڪيئن مڃي ونجي ته هن سرمائيداري نظام جا هزارين ماهر معاشياتدان ان عمل جي امڪاني نتيجن کي نه سمجهي سگهيا؟ معاشي بحران بابت مارڪسي نقطئه نظر کي ڇڏي ڪري به اِهو اصول ته معاشيات جي بنهه ابتدائي (Elementary) ۽ سادن ڪتابن منجهه پڻ ڏنل آهي ته وڏي پئماني تي سرمائي جو ارتڪاز معاشي بحران کي جنم ڏيندو آهي ته پوءِ انهن معاشياتدانن کي

سچي دنيا جو پئسو گڏ ڪري ”قرض جي ڪاروبار“ ۾ ڦاسائڻ وقت اِهو انتهائي بنيادي اصول ڪيئن وسري ويو؟ اِها پلي هنن جي دعويٰ مطابق ”اٽڪاٽائي ۾ ڪيل غلطي“ ئي سمجهي ويندي هجي پر اسان ڄاڻون ٿا ته اٽڪاٽائيءَ جي ان ڊونگ پنيان ڪيتري نه گهري سازش لڪل هئي. سامراجي ڪمپنين کي لاطيني آمريڪا جي بي پناهه وسيلا کپيا ٿي ۽ آمريڪا کي سندس بغل ۾ جنم وٺندڙ هڪ سوشلسٽ خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ لاطيني آمريڪا جي رياست تي سياسي، معاشي ۽ عسڪري ڪنٽرول. ائين پوءِ دنيا ڏنو ته مالياتي ادارن ۽ سامراجي ڪمپنين توڙي ملڪن پاران ”اٽڪاٽائيءَ ۾ ڪيل ان عظيم غلطيءَ“ جي ڪين سزا ملڻ بجاءِ سندن ديرينه خواب پورا ٿيڻ لڳا. ميڪسيڪو جي ڏيوالپڻي جي اعلان ئي مالياتي ادارن ۽ آمريڪا پهريان ته مٿس بوڇاڙ ڪري ڏني جنهن بعد ان ئي سال مٿس حملو ڪري سندس ”ڪنڊ- اُپي حڪومت“ جو ڪنڊ جهڪايو ويو. ان ڪان سُٽت ئي پوءِ آمريڪا جي ان وقت جي صدر مسئلي جي حل لاءِ ”نيو- لبرل معاشي پاليسي“ کي آخري حل قرار ڏنو. ياد رهي ته هي تجربو لاطيني آمريڪا ۾ بلڪل نئون نه هيو. 70 جي ڏهاڪي ۾ انهن کي مالياتي ادارن ”چلي“ جي حڪومت کي ساڳين ئي قرض عيوض ملڪ ۾ ”نيو- لبرل معاشي پاليسيون“ لاڳو ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ جنهن جا تباهه ڪُن نتيجا سڀني جي سامهون هئا. ائين پوءِ 1980 جي پوري ڏهاڪي ۾ سياسي، معاشي ۽ سفارتي پريشر ڪان ويندي جنگ جهڙن حربن جي استعمال ذريعي لاطيني آمريڪا جي ملڪن کي هڪ هڪ ڪري گوڏا کوڙايا ويا.

جيڪڏهن ٿوري ۾ مختصر لفظن ۾ سمجهائجي ته نيو- لبرل معيشت لبرل معيشت جو ئي نئون روپ آهي جيڪا بيٺڪيتي دؤر ۾ وڻج واپار جي وڌندڙ طاقت ۽ اهميت ڪري اُسري آئي. ان جو پهريون پرپور اظهار ۾ لاسي فيئر (Laissez Faire) جو روپ ۾ ٿيو جنهن ۾ تيزي سان طاقت وٺندڙ واپاري طبقي بادشاهه کي مجبور ڪري وڌو ته هو واپار منجهان رياست جي مداخلت کي گهٽ مان گهٽ بٺائي ۽ واپاري طبقي کي آزاد ڇڏي ڏئي جنهن جي بدلي ۾ هو کيس ڳرن ٽيڪسن جي صورت ۾ مالي مدد ڏيندا جنهن سان هو بهتر انداز سان حڪومت هلائي سگهي. ٿورو غور ڪري ڏسبو ته ان لبرل معيشت جيان نيو- لبرل معيشت جو بنياد به ”آزاد منڊي“ تي ئي آڏاريل آهي. اِها رياست بجاءِ منڊي جي معيشت آهي جنهن ۾ رياست کي مجبور ڪيو ويندو آهي ته اها آزاد واپار جي راهه ۾ موجود رڪاوٽن جهڙوڪ سرڪاري قيمتون، رعايتون ۽ خدمتون ختم ڪري ۽ اهڙا قانون پاس ڪري جنهن ذريعي نجي وڻج واپار کي هٿي ملي. پاهرين گهڻ ملڪي ڪمپنين لاءِ ملڪ جا دروازا کوليندي سندن سهائتا ۾ نه صرف ٽيڪس ريٽ گهٽ ڪري پر ايسٽائين جو ”ايڪسپورٽ پروسيسنگ زون“ (EPZ) جي صورت ۾ پنهنجي گهر جا پئسا پري ڪين ملڪ اندر وڏ ڪان وڏ آسانيون ميسر ڪري. اهڙي صورت حال جو لازمي نتيجو قومي ادارن ۽ ملڪيتن جي خانگائجڻ ڪري ملڪي ناٽي جي ڪوٽ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي، جنهن سان هڪ پاسي ته رياست پنهنجي ڪارونهوار هلائڻ لاءِ وڏ ڪان وڏ انهن نجي ادارن تي پاڙيندي آهي پر ٻئي پاسي قيمتن، رعايتن ۽ خدمتن تان هٿ ڪٽڻ جي صورت ۾ رياست پنهنجي بنيادي ذميوارين جهڙوڪ عوام کي برابر ۽ معياري تعليم، صحت، روزگار ۽ تحفظ فراهم ڪرڻ تان پڻ دستبردار ٿي ويندي آهي ۽ پنهنجي هجڻ

جو اخلاقي جواز وجائي ويهندي آهي.

1982 ۾ آيل معاشي بحران بعد قرض جي چار ۾ ڦاٿل ملڪن کي پڻ اهڙا ئي قدم کڻڻ تي مجبور ڪيو ويو. بحران کان سٽت ئي پوءِ مالياتي ادارن قرض جي واپسي کي يقيني بنائڻ لاءِ ”اسٽرڪچرل ايڊ جيسيمنٽ پلان“ (SAPs) جوڙيا ۽ مقروض ملڪن مٿان ”گڏيل معاهدن“ جي صورت ۾ ٺاڦيا. هاڻ اهي مالياتي ادارا ئي هئا جيڪي انهن معاهدن جي حساب سان فيصلو ڪندڙ ڌُر هئا ته ڪهڙو ملڪ ڪيئن ۽ ڪيتري حد تائين انهن پاليسين کي پنهنجي ملڪي معيشت ۾ شامل ڪندو.



نتيجي طور نجڪاري (Privatization) تي زور ۽ قيمتن، رعايتن ۽ خدمتن تان هٿ کڻڻ جي صورت ۾ انهن ملڪن ۾ اڻ برابري، مهانگائي ۽ بيروزگاري تمام گهٽي تيزي سان وڌي. اهي ملڪ جيڪي اڃ کان رڳي 10 سال اڳ تائين پاڻ وهيٽا هئا ايستائين جو انهن مان ڪجهه ته بين الاقوامي ادارن ۽ فورمن کي سالانه فنڊ به ڪندا هئا (جهڙوڪ: وينزويلا). انهن ئي ملڪن کي قرض جي لعنت ۽ ان ذريعي چمبڙندڙ نيو- لبرلزم جي وڻ- ويڙهي ائين وڪوڙي وئي جو سندن پوري جون پوريون رياستون مالياتي ادارن وٽ گِروي بڻجي ويون.

(هلنڊ)

نظرياتي ادب

حياتياتي ارتقا جي نظريي جي اوسر

اديب رتڙ

نوٽ: حياتياتي ارتقا هوئڻ ته حياتياتي سائنس جو هڪ پيچيده ۽ وڏ کان وڏ بحث ٿيندڙ موضوع آهي پر ان موضوع جي سماجي سائنس ۽ ان سان لاڳاپيل سرشتن ۽ نظرين جي مادي وضاحت سان هڪ سڌي جڙت آهي ان ڪري، سماج ڏانهن سائنسي سمجهه رکندڙ پرت هن موضوع کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ اڻ ٽر ذميواري سمجهن ٿا ان لاءِ ليبر پارٽي سنڌ 13 مئي 2012ع تي هڪ عوامي ليڪچر منقعد ڪيو ۽ انهيءَ ليڪچر کي هاڻ پنهنجي پرچارڪ ۾ هڪ آرٽيڪل جي شڪل ۾ ڏئي رهي آهي. (ادارو)

ارتقا جو مفهوم ۽ حياتياتي ارتقا جو تعارف

ارتقا هڪ وسيع لفظ آهي جيڪو ڪنهن اهڙي لقاءَ يا تبديليءَ تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو جيڪا ڊيرج سان، هڪ وڏو عرصو پار ڪري ۽ اڻ موٽ هجي. اهو لفظ هر لقاءَ تي لاڳو ڪري سگهجي ٿو. جيئن ڏاندن واري هَرَ کان وٺي مشيني هر (ٽريڪٽر) تائين جو سفر يا وري ٿونٽ جيڏي ائنٽينا واري موبائيل فون (رسيور) کان وٺي هاٿوڪو موبائيل فون جيڪو هڪ "mini computer" آهي جنهن ۾ ڪئميرا، رڪارڊر، ايف ايم ريڊيو کان ويندي memory card ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون سهولتون شامل آهن. ساڳيءَ طرح ڪنهن دور ۾ ڪليل ۽ ڪشادا گهر، وڏن اڱڻ سان ۽ ڪمرن ۾ هوادان ۽ روشندان وارا هوندا هئا پر هاڻ بجليءَ سميت ٻين انيڪ سهولتن جي ڪري ماڻهو ڪڏن ۾ يعني فليٽس ۾ باآساني رهن ٿا. اها سلسلي واري اڻ موٽ تبديلي ارتقا چورائي ٿي. ساڳيءَ ريت حياتياتي ارتقا مان مراد <u>جاندارن جو هڪ گهرڙي واري اوائلي شڪل مان سلسلي وار تبديلي آڻيندي الڳ الڳ ماحول ۾ الڳ الڳ پيچيده قسمن ۾ اسري نروار ٿيڻ آهي.</u> جيئن انسان جي ٻڻ ٻٽياد جي ڪَڙي "Phylatic lineage" کي ڳوليندا اسون ته انسان هاٿوڪي شڪل کان پوئتي ويندي بن مانس (جهنگلي انسان) سان وڃي ملندو. ٻين لفظن ۾ اها سلسلي وار ڪڙي هيٺين ريت نهندي.

انسان ←مئمل ← ريڙهيون پائيندڙ ← ڏيڏر ← مڇيون ← بنا ڪرنگهي وارا جانور ← هڪ گهرڙائي اوائلي جيوت.

ائين هر پيچيده جيو جي ڪڙي نهي سگهي ٿي ته اهو جيو ڪهڙا ڪهڙا مرحلا طئي ڪري اجوڪي شڪل ۾ پهتو آهي. جيون جي پونئرن واري ڪڙي کي فائليٽڪ لائنيج (Phylatic lineage) چئبو ۽ ساديءَ شڪل کان پيچيده شڪل ڏانهن تبديلين جي سلسلي کي حياتياتي ارتقا چئبو.

ارتقا ۽ عدم ارتقا جي خيالن جي اوسر ۽ تاريخ

جڳ مشهور ناول "صوفيءَ جي دنيا" "Sophie's world" ۾ هڪ فلسفي، صوفيه نالي ڇوڪري کي خط ذريعي "سوچ" ۽ "سوال" جي باري ۾ سمجهائيندي مثال ٿو ڏئي ته جيڪڏهن درياءَ (ڳڙکيءَ) مان ڪو پٽر ڪمري ۾ اندر ايندو ته ڪمري ۾ ويٺل ٻلي هڪدم ان پٽر کي جانچڻ لڳندي ته ڪٿي اها ڪا کائڻ جي شيءِ ته نه آهي، پر اتي ويٺل ماڻهو هڪدم ڳڙکيءَ مان ٻاهر نهاريندو ته اهو پٽر ڪنهن اڇليو؟ ۽ ڪٿان آيو؟ وغيره. جيئن ته اها انسان جي بنيادي خصليتن مان هڪ آهي ته هو ڄاڻڻ چاهيندو آهي ته شيون ڪٿان ٿيون اچن![1] ساڳي نموني سان انسان ۽ ٻيا جاندار ڪڏهن ۽ ڪٿان آيا؟ انهن جو آغاز (Origin) ڪيئن ٿيو؟ اهو سوال ايترو ئي پراڻو آهي جيترو انسان جي سوچڻ ۽ سوال ڪرڻ جي تاريخ.

اوائل کان وٺي زندگيءَ جي آغاز ۽

ارتقا جي باري ۾ به وڏا ٻه متضاد رايا رهندا پيا اچن. اهي متضاد رايا "ارتقا" ۽ "عدم ارتقا" يا ڪٽي ائين چئجي ته هڪڙا اهي جيڪي جاندارن ۾ تبديلين ۽ انهن مان پانت پانت جي نون قسمن جي جيون جي پيدائش جا انڪاري ۽ ٻيا انهن تبديلين جا حمايتي آهن، اجا به ان ڳالهه کي سادو ڪجي ته هڪڙا زندگيءَ جي آغاز ۽ انواعَ کي ڪنهن مطلق هستي "Divine power" جو معاملو سمجهن ٿا ۽ جاندارن کي نه تبديل ٿيندڙ ۽ سدائين ساڳي حالت ۾ ٿا ڏسن اُهي "تخليقيت پسند" (Creationtists) يا خيال پرست "Idealist" آهن ۽ ٻيا جاندارن جو آغاز ڌرتيءَ تي موجود ڪيميائي مادن جي عملن ۽ ردعملن جو نتيجو ٿا سمجهن ۽ جيون ۾ مستقل تبديليءَ جو سلسلو (ارتقا) کين ساديءَ کان پيچيده شڪل ڏانهن ويندي ٿو نظر اچي انهن کي "جڙ وادي" "matenalists"يا سائنسي سوچ رکندڙ چئبو آهي.

پهرين خيال وارن يعني عدم ارتقا "Idea of fixed origin" وارن مان نمايان نالا افلاطون "Plato"، ارسطو "Aristotle" جان ري "John Ray"، ڪيرولس لِنيس "Cerolus linnacus" گوئٽي "Goethy" اچي وڃن ٿا. جڏهن ته ارتقا جي حمايتن ۾ تالس "Thales"، اِنا گزيمينڊر "Anaximender"، ايمپيڊوڪِلس "Empedocles"، اِپي ڪيورس "Epicurus"، ليڪريلن "Lecrelin"جي بي لامارڪ "J.B.Lamark"، اريسمس ڊارون "Erasmus Darwin"، رَزل ويلس "Russel Wallace" ۽ چارلس ڊارون "Charles Darwin" اهم نالا آهن ۽ وري ڪجهه اهڙا فلسفي به هئا جن ٻنهي متضاد خيالن جي پاڻ ۾ شادي پئي ڪرائڻ چاهي انهن ۾ اهم نالا ماپرٽس Maupertuis، ڊيوڊ هيوم "David Hume" ۽ بَفن "Buffon" اچي وڃن ٿا.

مٿي بيان ڪيل متضاد ڌرين جي نمايان فلسفين جي ٽن ترتيبوار دورن (الف) يوناني دور (ب) وچون دور (پ) جديد دور ۾ بيان ڪجي ٿو.

(الف) يوناني دور جا مشهور فلسفي

(1) تاليس "Thales" 624 کان 546 ق. م.

تاليس يونان جو سقراط کان اڳ جي دور جو فلسفي آهي. تاليس لڪت جي تاريخ موجب اهو پهريون ماڻهو آهي جنهن زندگيءَ جي آغاز کي ڌرتيءَ جي ماحول جي پيداوار قرار ڏنو ۽ ڪنهن به الهامي طاقت جي خلقت کان انڪار ڪيو.

(2) اناگزيمندر (Anaximander) 610 کان 546 ق. م.

اناگزميندر به سقراط کان اڳ واري دور جو اهو يوناني فلسفي آهي جنهن سڄي ڪائنات کي چار شين جو مرڪب قرار ڏنو "هوا، باهه، پاڻي ۽ مٽي". هن به تاليس جي ڳالهه جي حمايت ڪئي ته زندگي الهام نه پر ڌرتيءَ جي پيداوار آهي. اناگزيمندر مطابق خشڪيءَ تي رهندڙ سڀ جيوَ شروع ۾ پاڻيءَ وارا جيوَ هئا ۽ پوءِ حالتن جي جبر ڪري پاڻي مان نڪري خشڪيءَ تي آيا ۽ پاڻ ۾ خشڪيءَ واري ماحول جي مطابقت ۾ تبديليون آنديون ۽ ائين اهي خشڪيءَ وارو جيوَ ٿي پيا. هن اهو به چيو ته انسان مڇيءَ مان ارتقا ڪري اجوڪي انساني جڙت ۾ پهتو آهي. ان دور ۾ ته اناگزيمندر جي ڳالهه تي کليو ئي ويندو هو پر اڄ جي جديد سائنس اهو ثابت ڪري چڪي آهي ته ڌرتيءَ تي موجود سڀ ڪرنگهي وارا جانور مڇين مان ارتقا ڪري اسريا آهن. اڄ به انسانن ۾ سندن هيٺين ڳڀاڙي ۾ ڪليون (Gills) موجود آهن پر ناڪاره آهن، اها ان پاڻيءَ واري دور جي نشاني آهي.

(3) ايمپيڊوڪلس (Empedocles) 490 کان 430 ق. م.

ايمپيڊوڪلس به اڳ وارن ڏنل

فلسفين جيان الهام جو انڪاري ۽ زندگيءَ کي ڌرتيءَ جي حالتن ۽ موقعن جي پيداوار قرار ڏئي ٿو. ايمپيڊوڪلس موجب جاندار بارشن سبب ماحولياتي مادن (گئس) جي ردعملن جي نتيجي ۾ عضون جي شڪل ۾ پيدا ٿي ڌرتيءَ تي ڪريا ۽ پاڻيءَ جي ڌٻن ۾ اهي عضوا هڪٻئي سان مليا ۽ ڪي عضوا اڏنگي انداز ۾ مليا ۽ اهي جيوَ مناسب شڪل صورت ۽ بيهڪ وارا نه ٺهي سگهيا ۽ ماحول انهن جيون کي جيئندان نه ڏنو پر جن جيون ۾ عضون مناسب جڳهه تي لڳا ۽ سنئين لڪين وجود ۾ آيا ۽ ماحول سان ٺهڪي بيٺا ته هي نسلي افزائش ڪري سگهيا ۽ اڳتي وڌيا.

بظاهر ته هي خيال ڏاڍو جٽڪو لڳندڙ آهي ته مينهن ۾ عضوا ڪيئن ٺهيا؟ ۽ الڳ الڳ عضوا هڪٻئي سان جڙت ۾ ڪيئن آيا؟ پر ان ۾ به ڳالهيون ڏاڍيون اهم آهن. هڪ ته جاندار ڪنهن الهامي تخليق بجاءِ مادي عملن ۽ ردعملن جو نتيجو آهن، ٻيو ته جيڪي جيوَ ماحول سان مطابقت ۾ آيا اُهي ئي بچي ۽ وڌي ويجهي سگهيا، جيڪا ڳالهه اڳتي هلي "Survival of the fittest" يعني جيڪو ماحول سان وڌيڪ ٺهڪندڙ هوندو اهو ئي بچندو واري قانون جي شڪل ۾ ظاهر ٿي. تنهن ڪري جيڪڏهن اسين ايمپيڊوڪلس کي ارتقا جو بابو چئون ته گهڻو غلط نه ٿيندو.

لڳ ڀڳ ساڳئي دور ۾ (چوٿين صدي قبل مسيح) چين ۾ ژُئانگ زي Zhuangzi نالي فلسفي به جاندارن جي مستقل تبديليءَ جو حمايتي هيو ۽ هن مطابق اها ڳالهه سراسر غلط هئي ته ڪو جاندار اڻ مٽجندڙ ۽ سدائين لاءِ ساڳيون خاصيتون رکندڙ ٿين ٿا. ان کي "تائو ازم" "Toaism" چئبو آهي.

(4) افلاطون Plato 428 ق. م. کان 348 ق.م:

افلاطون، سقراط جو شاگرد هيو، هن کي فلسفي ۽ سائنس ۾ چڱي جڳهه مليل آهي پر ان کان وڌيڪ اهم جڳهه هن کي عيسايت ۽ ان کان پوءِ جي مذهبن ۾ مليل آهي. ڇو ته تقدريت پسنديءَ وارا گهڻا ٽڻا خيال هن جي فلسفي مان ئي ڦٽي نڪرن ٿا. هو اهو پهريون وڏو فلسفي آهي جنهن زندگيءَ کي مادي حالتن بجاءِ الهامي پيدائش (Divine creation) قرار ڏنو. هي ايمپيڊوڪلس جي بلڪل ابتڙ بيٺل فلسفي آهي. ايمپيڊوڪلس عضون مان جاندار ٺاهي انهن ۾ ارتقا يعني سادي شڪل کان پيچيده ڏانهن سفر بيان ڪيو جڏهن ته افلاطون مطابق هيءَ ڪائنات ۽ ان ۾ موجود سڀ شيون ۽ لقاءَ ان اصل (Origional) جو نقل (Copy) آهن جيڪي اصل صرف خيال ۾ وجود رکن ٿا. مطلب ته الهامي قوت (Divine power) وٽ جيڪو شين جو خيال يا تصور آهي اهو نج آهي ۽ جيڪا شيءِ مادي وجود رکي ٿي اها بگڙيل يا ناقص شڪل آهي. ٻين لفظن ۾ افلاطون جي ڳالهه کي ٽن نقطن ۾ سلجهائي سگهجي ٿو:

(1) شيون الهامي پيدائش رکن ٿيون نڪي مادي حالتن جي پيداوار.

(2) پهرين شين جي سڌريل شڪل "خيال" وجود ۾ آيو پوءِ ان جي بگڙيل شڪل "مادي وجود" رونما ٿيو. مطلب ته شيون سادي کان پيچيده کان سادي ڏانهن سفر ڪن ٿيون.

(3) جاندار ارتقا پذير نه بلڪه "نه تبديل ٿيندڙ" ۽ سدائين لاءِ ساڳيون خاصيتون رکندڙ آهن جيڪي هن ۾ الهامي قوت طئي ڪيون آهن.

(5) ارسطو Aristotle 384 ق. م. کان 322 ق. م.

ارسطو افلاطون جو شاگرد هيو، ڪيترن ئي ماهرن ۾ استاد شاگرد هڪٻئي جا ابتڙ هيا پر پوءِ ڪوڙ سارين ڳالهين ۾ هو هڪٻئي سان سهمتي به هيا. جاندارن جي

آغاز متعلق هو به "Fixed origin" يعني ارتقا بجاءِ الهام جي پيدائش جو قائل هيو. هن "جاندارن جي ڏاڪڻ" "Ladder of Nature" ڏني جنهن ۾ ٻوٽا ان ڏاڪڻ جي تري ۾ ۽ انسان ان جي چوٽيءَ تي ڏيکاريل آهي. پر هن مطابق اها سادي کان پيچيده واري ڏاڪڻ ارتقا جي مرحلن جي نه پر مطلق طاقت (Divine Power) جي پيدا ڪيل آهي.

جيئن فلسفي ۾ هيگل (Hegal) جدلياتي سرشتي کي ڳولهي لڌو پر ان کي مادي (material) بنياد نه ڏئي سگهيو جنهن لاءِ مارڪس (Marx) لکيو هو ته هيگل جو فلسفو مٿي پر بيٺل آهي ساڳيءَ طرح ارسطو به جاندارن کي هڪ هنڌ بيٺل ۽ عدم ارتقا ۾ ٿو ڏسي پر اُن هوندي به جاندار ۾ ترتيب ڳولهي لڌي. اهو ئي سبب آهي جو ارسطو 18هين صديءَ تائين عدم ارتقا جي حامين جو مرڪز رهيو.

(6) ايپي ڪيورس Epicurus 342 ق. م. کان 270 ق. م.

ايپي ڪيورس انسان جي الهامي پيدائش بجاءِ زميني تخليق جو قائل هيو.

(7) ليڪريٽيس Lecretius 95 ق. م. کان 41 ق. م

ليڪريٽيس ارسطوءَ جي الهامي تخليق واري خيال جو سخت مخالف هيو. ليڪريٽيس به ارسطوءَ وانگر حياتياتي ڏاڪڻ ٺاهي جنهن ۾ سڀ کان پهرين ٻوٽا، پوءِ جانور ۽ چوٽيءَ تي انسان کي رکيو جنهن کي هن De Rerun Nature چيو، هن ان سڄي مامري کي الهام بجاءِ ارتقا جو نتيجو قرار ڏنو.

(ب) وچين دور جا فلسفي

عيسوي صدي جي شروعات کان ويندي جديد ارتقا جو نظريو ڏيندڙ لامارڪ ۽ چارلس ڊارون کان پهرين تائين جي سائنسدانن يا فلسفين کي هن دور ۾ ڳڻائبو.

هن دور ۾ ڳاڻاٽي جوڳي ڪا وڏي پيش رفت ڪنهن به ڌر پاران نه ٿي، ٿوري ٿڪي فرق سان پراڻن ٻنهي خيالن جا حمايتي سامهون ايندا رهيا جن ۾ جان ري/ John Ray (1627 – 1708)، ڪيرولس لنيسس/ Corolus Linnaesis (1707 – 1778)، (لنيس جاندارن تي سائنسي نالا رکڻ جو فارمولا "Bionomial Nomectature" ڏنو هيو) ۽ گوئٽي/ Goethy (1832 – 1749) اٺويهه ويهه جي فرق سان ارسطو جا حمايتي رهيا.

ماپرٽيس Maupertus (1698 – 1759)، ڊيوڊ هيوم/ David Hume (1711 – 1777) ۽ بفن/ Buffon (1707 – 1788) وري ٻنهي خيالن جي وچ تي هيا، هنن هڪ پاسي جاندار کي مسلسل ارتقا ۾ پئي ڏٺو ته وري ٻئي پاسي اهي تبديليون نج مادي بنيادن بجاءِ مطلق طاقت (Divine Power) طرفان طئي ٿيل پئي ڏٺو هنن جي خيال موجب ارتقا ٿئي ٿي، ماحول جي مٽا سٽا جي ڪري جانورن توڙي ٻوٽن ۾ تبديليون سو اچن ٿيون پر اهي تبديليون صرف مقداري (Quantitative) هجن ٿيون نڪي ڪي معياري (Qualitative). مطلب ته هلڪي ڦلڪي شڪل ۽ صورت ۾ تبديلي ته ممڪن آهي پر ڪنهن جاندار جو ايترو مَٽجي وڃڻ جو اُن مان ڪا نئين جنس (Species) جنم وٺي اهو ممڪن نه آهي ۽ ڌرتيءَ تي موجود جاندارن جون سڀئي جنسون (Species) مطلق طاقت هڪ ئي وقت يا مرحليوار پيدا ڪيون آهن.

اريسمس ڊارون Erasmus Darwin 1731 -1802




اريسمس ڊارون چارلس ڊارون جو ڏاڏو هيو. هي هڪ "Naturalist" فزيشن ۽ شاعر هيو. هن بادشاهه جارج ٽئين جي طرفان

کيل شاهي ڊاڪٽر بڻجڻ واري آڇ کي به ٺڏي ڇڏيو. اريسس وچين دور جو اهو نالو آهي جنهن ارتقا جي نظريي کي هڪ حد تائين نوان بنياد ڏنا هن نامياتي ارتقا "Organic evolution" تي شاعري به ڪئي. جنهن مطابق پهرين سامونڊي جيوت پيدا ٿي ۽ پوءِ انهن مان خشڪيءَ واري جيوت نسري، جيڪا به بهرحال سادي کان پيچيده جو تصور ڏئي ٿي ۽ اريسمس جي شاعري پنهنجي شاعراڻي بيهڪ ۾ به ايتري پختي آهي جو وليم ورڊس ورٿ کي به هن جي شاعريءَ جي تعريف ڪرڻي پئي.

جديد دور:

ارتقا ۽ عدم ارتقا جي جنگ جو جديد دور تڏهن شروع ٿيو جڏهن "لامارڪ" نالي هڪ فرانسيسي نيچرلسٽ ارتقا جي تخيل کي مادي قانونن جي شڪل ڏني.



Jean Baptiste (1744-1829) Lamark جي زندگي ٻوٽن ۽ جانورن سان ويجهڙائيءَ ۾ رهي. هي شروع ۾ فرانس جي آرمي جو هڪ بهادر سپاهي هو. هن جنگين دوران دنيا جا انيڪ خطا گهميا ۽ اتان جي جيوت جو گهرو مشاهدو ڪيو. هن فرانس جي ٻوٽن جي قسمن تي "فلورا فرانڪوسي" نالي ڪتاب جا ٽي واليوم لکيا، 1779 ۾ "فرينچ اڪيڊمي آف سائنس" جو ميمبر بڻيو. ساڳي سال "Jardin des plantes" نالي فرانس جي "Botanical Gardin" جو چيئرمين بڻيو. 1793 ۾ "Museum National d. Histoire Naturelle" ۾ پروفيسر ٿيو. اتي هو پنهنجي ليڪچرن دوران تخليقي انداز ۾ جانورن جي درجا بندي پيش ڪندو رهيو. ان موضوع تي 1801 ۾ "هائڊرو جيولاجي" نالي ڪتاب به لکيو. ان پوري ذهني ولوڙ دوران هن جي ذهن ۾ ارتقا بابت ڪجھ پڪو خيال جنم وٺڻ لڳو. هن کي جانورن جي جسم جي جڙت ۽ بيهڪ ۾ هڪ ارتقائي واڌ نظر آئي، جيڪا ماحول پٽاندڙ هئي (جيئن جيڪڏهن اسين هندستاني گينڊو "Indian Rhino" ڏسنداسون ته ان جو جسم ويڪرو ۽ جنگهون ٿلهيون ملنديون ڇو ته هندستاني گينڊو گپ چڪ واري علائقي ۾ رهندو آهي ۽ ان کي هر وقت گپ ۾ پير رکڻا ۽ ڪڍڻا پوندا آهن ۽ ان لاءِ مضبوط جنگهن جي ضرورت پوي ٿي. پر جي اسين آفريڪي گينڊو "African Rhino" کي ڏسنداسون ته ان جو



جسم اُڀو، سنهو ۽ چست ملندو ڇو ته هن کي پهاڙي علائقن ۾ ڊوڙڻو پوي ٿو) اهڙن کوڙ مشاهدن کانپوءِ لامارڪ جو ذهن هڪ ڳالهه تي ٽڪ هڻي بيٺو ته ڪجهه به هجي پر جانورن ۽ ٻوٽن جي جسماني بيهڪ ۽ عضون جي چونڊ ماحول ڪري ٿو ۽ ماحول جي مٽجڻ سان جانورن جي بيهڪ ۽ عضون ۾ تبديلي اچيو وڃي.

لامارڪ پنهنجي ارتقائي نظريي کي هيٺين ٽن ترتيبوار مرحلن ۾ بيان ڪيو.

(1) ماحول جو مٽجڻ (ماحول ۾ تبديلي)


زمين تي ٿيندڙ موسمي ۽ جيولاجيڪل تبديليون ماحول ۾ تڪڙيون يا

ڏيرج سان مقداري ۽ معياري تبديليون آڻيو چڙين، جنهن جو لازمي طرح اتان جي جيوت جي بيهڪ ۽ ”زندگي چڪر“ Life cycle تي اثر پوي ٿو.

(2) عضون جو استعمال ۽ عدم استعمال

اهو لازمي آهي ته ماحول ۾ بدلاءَ عضون جي استعمال ۾ به بدلاءُ آڻي ٿو. جيئن ڪنهن دور ۾ جراف ”Giraffe“ جو قد ڪنهن ننڍي قد واري گڏهه جيترو هيو. ماحولياتي تبديليءَ سبب جڏهن زمين تان گاهه جي اڻاٺ ٿي ته جراف وڻن مان پن کائڻ شروع ڪيا ۽ ان لاءِ ڳچيءَ کي مٿي ڇڪڻو پيو جنهن سان ڳچيءَ جي هڏين ۽ اڳين ٽنگن تان بار گهٽيو ۽ انهن کي وڌڻ جي وٿي ملي، ۽ پوين ٽنگن تي دٻاءُ وڌيو ۽ پويون ٽنگون ننڍيون ٿي رهجي ويون، پوءِ ائين ٿيو جو هزارن پيڙهن کانپوءِ اهو گڏهه جيترو جراف اجوڪي ڊگهي ڳچيءَ واري دنيا جي ڊگهي ترين جانور ۾ مٽجي ويو.

ساڳي طرح ڪنهن دور ۾ نانگ چار ٽنگن وارو جانور، چمڙو اکين سان ڏسندڙ جانور ۽ انسان پڇ وارو جِيو هيو پر هڪڙن



عضون جي استعمال سان اُهي مضبوط ٿي ويا (جيئن جراف جي ڳچي، نانگ ۾ سونگهڻ جي صلاحيت وغيره) ۽ ٻيا عضوا عدم استعمال جي ڪري ختم ٿي يا بيڪار ٿي ويا (جيئن چمڙي جون اکيون، انسان ۾ ڪليون ”Gills“ وغيره).


(3) نين حاصل ڪيل خاصيتن جو ايندڙ پيڙهين ۾ منتقل ٿيڻ

لامارڪ مطابق ماحولياتي جبر تحت جانور جي جسماني بناوت ۾ آيل تبديليون ايندڙ پيڙهين ۾ منتقل ٿينديون. هر ايندڙ پيڙهي پنهنجي پوئنرن کان ٿوري ٿوري تبديل ٿيندي ويندي ۽ ائين هزارن پيڙهين کانپوءِ اهي جانور هڪ اهڙو نسل بڻجي پوندا جيڪي پنهنجي پوئنرن کان بلڪل مَٽَ هوندا. ائين جانور پنهنجي ماحول سان ٺهڪاو قائم رکندا ايندا.


اِن ۾ ڪو شڪ ناهي ته لامارڪ اهو پهريون ماڻهو هيو جنهن ارتقا جي خيالي تصور کي مادي قانون جي شڪل ڏني ۽ ارتقا جي خيال کي هڪ وڏي چال ڏياري ۽ پوءِ لامارڪ جي ارتقائي نظريي تي گهڻ طرفي تنقيد ٿيڻ لڳي، هڪ اها جيڪا ارتقا جي انڪارين طرفان هئي ته ٻي سنجيده سائنسي حلقن طرفان. لامارڪ تي وڏي ۾ وڏي تنقيد اها هئي ته آخر ڪنهن هڪ جانور جون ”حاصل ڪيل خاصيتون“ ٻي پيڙهيءَ ۾ ڪيئن ٿيون منتقل ٿين؟ ڇو ته اسين ڏسندا پيا اچون ته ڪو لوهار جڏهن لوهه کي هٿوڙي سان ڪٽي ٿو ته ان جي ٻانهن جا ڏورا مضبوط ٿين ٿا پر هن جي پُٽ جا ڏورا ڪي وڌيل يا عام ٻارن کان سگهارا ڪونه ٿين ۽ وري هُن کي به لوهه ڪُٽي ڪُٽي ڏورا مضبوط ڪرڻا ٿا پون. ائين ڪونه ٿيو آهي جو ڪوڙ سارين پيڙهين کانپوءِ ڪي لوهارڪي خاندان جا ڏورا عام کان ڏهوڻا

تيا هجن!! اهو ۽ اهڙا ڪوڙا سوال لامارڪ حل نه ڪري سگهيو پر پوءِ به ايندڙ سائنسدانن لاءِ ارتقا تي ڪم ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو ميدان مهيا ڪري ويو جنهن ڊارون ازم جهڙي شاهڪار نظريي کي جاءِ ڏني.

ڊارون اِزم



جڏهن لامارڪ 1809 ۾ پنهنجو مشهور ڪتاب “Philosophic Zoologique” ڏنو. انهيءَ سال اسڪاٽ لينڊ جي ڳوٺ ۾ ”ڊارون“ خاندان ۾ ”چارلس“ نالي هڪ ٻار ڄائو. جيڪو ”ايريسمس ڊارون“ جو پوٽو ۽ ”رابرٽ ڊارون“ جو پٽ هيو. ايريسمس ڊارون هڪ باغي مزاج جو ماڻهو هيو جنهن سدائين بادشاهي ڌر بجاءِ ڏتڙيلن جو پاسو پئي ورتو (ايريسمس ڊارون جو ذڪر اڳ ڪري آيا آهيون) پر رابرٽ ڊارون وري هڪ درٻاري قسم جو ماڻهو هيو. هن وٽ مڊل ڪلاسي ٺاٺ ٻاٺ ۽ وڏ ماڻهپيءَ واري نفسيات هئي. هو هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ سيني سان سٺي ورتاءُ سان پيش ته ايندو هيو پر غريب مريضن تي خاص ڌيان نه ڏيندو هيو رڳو ڪم ٽپائيندو هيو ۽ نوابن جي سَڏ تي شاهاڻا ڪپڙا پائي وڏ ماڻهپي جو ڍونگ ڪندي حاضر ٿيندو هيو ۽ نوابن سان ڏيگهه ڪرڻ ۽ واسطا رکڻ جا جتن پيو ڪندو هيو. اهو ئي سبب آهي جو رابرٽ ڊارون جي ڪوشش هئي ته هن جا سڀ ٻار ڊاڪٽر يا ڪي ٻيا آفيسر ٿين. هن جي پٽن ۾ ڏين ائين ڪيو به پئي سواءِ چارلس ڊارون جي. چارلس جو سڀاءُ پنهنجي ڏاڏي جهڙو آزاد مزاجيءَ وارو هيو. چارلس جي دلچسپي ڪتابن کان وڌيڪ ٻوٽا، جانور، سپيون، پکين جا الڳ الڳ ڪنپ، ڪمين ۽ ٻين جانورن جا قسمين قسمين آنا جمع ڪرڻ ۾ هئي. هو هيٺين ڪلاس کان وينڊي ڊاڪٽريءَ جي پڙهائيءَ تائين هڪ غير سنجيده شاگرد ڄاتو ويندو هيو ۽ جڏهن چارلس جي پيءُ هن جي دلچسپي ڊاڪٽريءَ ۾ نه ڏٺي ته هن کي ڪئمبرج يونيورسٽي ۾ مذهبي ڊگري ڪرڻ لاءِ موڪليو ته جيئن هو گهٽ ۾ گهٽ سرڪاري پادري ٿي سگهي (ياد رهي ته اسان وٽ به جڏي شاگرد کي مدرسي جو منهن ڪرايو ويندو آهي) پر اتي ڊارون مڙيو ڪونه ۽ پنهنجي ڊگري واري ڪلاسن کي ڇڏي پروفيسر جان اسٽيون هنسلو جا ٻاٽنيءَ جا ڪلاس وٺندو ۽ بحث مباحثا ڪندو هيو. ڪئمبرج يونيورسٽيءَ جي دور ۾ ڊارون گهڻ طرفو مطالعو ڪيو. ادب، فلسفو، سائنس (خاص طرح ٻاٽني، زولاجي ۽ جيولاجي) انهيءَ دور ۾ هن پنهنجي ڏاڏي جي ارتقا مطعلق لکيل خيالن کي پڙهيو ۽ متاثر ٿيو ۽ سر جان هرشل “Sir John Hershal” جي ڪتاب نيچرل فلاسافي “Natural Philosophy” جو گهرو مطالعو ڪيو. هن ڪتاب فطرت جي چنڊ ڇاڻ “Inductive Reasoning” جي قائدن جي بنيادي سمجهه فراهم پئي ڪئي. هاڻ ڊارون جي ذهن



جي گهڙي کي پَڪا ڪَنا پئجي چڪا هيا جو هن جو ذهن تجزياتي ۽ تنقيدي لحاظ کان پختو ٿي چڪو هيو. مثان وري ”بيگل“ نالي ٻيڙي جي 5 سالن واري سفر هن جي ذهن کي مشاهدي لاءِ هڪ عالمي ميدان مهيا ڪيو جنهن ڊارون جي خيالن کي ارتقا مطعلق انهن وضاحتن تائين پهچايو جيڪو ان دور ۾ ڪنهن غير معمولي ذهن لاءِ به


آسان نه هيو. ياد رهڻ گهرجي ته ڊارون کان 14 سال ننڍو برطانوي نيچرلسٽ الفرڊ رزل ويليس Alfred Russel Wallace به ساڳي ئي دور ۾ پنهنجي منهن انهيءَ نتيجي تي پهتو هيو جنهن تي ڊارون پهتو پر ڊارون کي Advantage اهو هيو ته پنهنجي قيمتي collection (بيگل جي سفر دوران ڪيل پوٽن، جانورن ۽ انهن جي فاسلز جي ڪيل ڪليڪشن) تي مشتمل ڊاڪيومينٽيڊ انداز ۾ 1859 ۾ شاهڪار ڪتاب "On the Origin of species" لکي ورتو. بهرحال پئي پنهنجي جاکوڙ ۾ ڪم جي لحاظ کان هڪٻئي جي ٽڪر جا هئا.

ڊارون جي ڪتاب "آن دي اوريجن آف اسپشينز" جي ڇپجڻ کان 15 سال اڳ 1844 ۾ هڪ "Robert Chambers" نالي سائنسدان "Vestiges of the Natural History of Creation" نالي ڪتاب ڇپايو پر هن پنهنجو نالو ظاهر نه ڪيو، ڇو ته هي ڪتاب جاندارن جي آغاز ۽ ارتقا ۾ ڪنهن به الهام جو صاف انڪاري هيو ۽ مادي حالتن کي ئي ارتقا جو سبب ڄاڻائي پيو. هي ڪتاب لامارڪزم ڪانپوءِ ارتقا مطعلق عوامي اُٿ ٿڻ جو وڏو سبب بڻيو ته آخر ارتقا جا محرڪ ڪهڙا آهن ۽ ڇڻ ته هن ڪتاب ڊارون ۽ ويليس جي خيالن لاءِ عوامي ميدان تيار ڪري ورتو تڏهن ئي ته ارتقا مطعلق ڊارون جا خيال ڪنهن جهنگ ۾ باهه جيان پکڙيا جو ڪارل مارڪس جهڙي عظيم سماجي سائنسدان ڊارون کي پنهنجي ڪنهن ڪتاب جي ارپنا ڏيندي ۽ ڊارون جي کوج کي حياتياتي سائنس ۾ هڪ انقلاب قرار ڏنو.

ڊارون جڏهن پنهنجي نظريي کي لکت جي شڪل پئي ڏني ته هڪ مسئلو سامهون آيو ته ارتقا جي نظريي کي بيان ڪٿان ڪجي ۽ ڊارون اهو مسئلو Thomas Robert Malthus جي آرٽيڪل "An essy on the principles of popular History" مان حل ڪيو ۽ پنهنجي ارتقا جي نظريي کي هيٺين پنج مرحلن ۾ بيان ڪيو.

(1) اضافي آبادي Over Production

ڊارون مطابق هونئن ته جانورن ۾ ٻچا ڄڻڻ جي تمام گهڻي صلاحيت هوندي آهي پر عملي طرح هو ايترا نه ڄڻي سگهندا آهن ۽ جيڪي ڄڻيندا به آهن ته انهن مان هنن جو وڏو حصو ڪجهه سببن جي ڪري مري وڃي ٿو، انهن سببن کي "Limiting factors" چئبو آهي. جيئن ڪاڏي ۽ رهڻ جي جاءِ جي کوٽ، پين جانورن جو کاڄ ٿي وڃڻ، بيمارين سبب موت يا وري زلزلن، ٻوڏن، طوفانن، جهنگن ۾ باهين لڳڻ جهڙن



آفتن ڪري موت. انهن سببن جي ڪري جانورن جي آبادي ايتري تيزيءَ سان نٿي وڌي جيتري وڌي سگهڻ جي صلاحيت رکي ٿي. جيئن ڪجهه اهڙيون مڇيون به آهن جيڪي هڪ دفعي ۾ 2 لک کن آنا ڏين ٿيون ۽ ٻچا 6 مهينن ۾ وڏا ٿي اهي به آنا ڏيڻ جهڙا ٿي وڃن ٿا جي انهن کي "Limiting factors" نه روڪين ته شايد ڪجهه سالن اندر ئي پاڻيءَ ۾ هٿ وجهڻ سان رڳو مڇيون ئي ملن ها ۽ ساڳيءَ طرح گهريلو مک به تمام تيزي سان

وڏي ٿي، جي هن جا سڀ آنا ٻچا پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃن ته اسان جي آس پاس هوا بجاءِ مکيون هجن ها پر مٿي ڄاڻايل سببن ڪري گهٽا ٽٽا مري وڃن ٿا ۽ انهن جي آباديءَ جو تمام گهٽ حصو ئي بچي سگهي ٿو.

(2) بقا جي جنگ Struggle for existence

ڊارون مطابق ڪنهن به قسم جي جانورن جي آباديءَ جو وڏو حصو ته "limiting factors" جي ڪري مري وڃي ٿو، باقي بچيل آبادي پنهنجي بقا جي جنگ وڙهي ٿي. اها ويڙهه ٽن قسمن جي ٿئي ٿي؛ (1) ساڳي قسم جي جانورن جي وچ ۾ "Intra species": اها ويڙهه هڪ ئي قسم جي جانورن جي وچ ۾ بهتر کاڌي، علائقي تي قبضي ۽ بهتر جنسي چونڊ لاءِ وڙهي ويندي آهي. جيئن ڪا مادي جانور اهڙي نر جي چونڊ ڪندي آهي جيڪو يا ته علائقي تي قابض هجي جيئن شينهن ۾ يا وري سڀن نرن کان سگهو هجي جيئن برفاني ڊگو، هاٿي، جهنگلي ٻڪريون وغيره ۾ يا وري وڌيڪ رنگين قسم جو هجي جيئن پکين ۾ يا وري ٿلهو آواز رکندڙ هجي جيئن ڏيڏرن ۾ وغيره وغيره مطلب ته جنسي چونڊ وارو طريقو هر ايندڙ پيڙهي ۾ ڪنهن خاص قسم جي خاصيت کي ويندو سگهارو ڪندو ۽ هر ايندڙ پيڙهي ويندي ان رخ ۾ وڌندي.

(3) خاصيتن ۾ نواڻ "Variations"

ڊارون مطابق مٿي بيان ڪيل بقا جي ويڙهه هڪ اهڙي انجڻ آهي جيڪا ننڍين ننڍين مقداري تبديلين (Quantitative changes) کي جنم ڏئي ٿي. ان جا ڪجهه مثال ونون ٿا؛ (1) اوهان اڪثر ڏٺو هوندو ته نر پکين جا پر ڏاڍا رنگين هوندا آهن پر مادين جا نه آخر ڇو؟ ان لاءِ جو نر مادين کي لبائڻ لاءِ پنهنجا رنگين پر کولي آواز ڪڍندا آهن پوءِ جنهن نر جا پر ٻين کان وڌيڪ رنگين هوندا مادي ان ڏانهن ويندي ائين وڌيڪ رنگين پرن واري کي ٻچا ڄڻڻ جو موقعو مليو، اها جنسي چونڊ ئي آهي جيڪا ڪنهن خاص قسم جي جانور جي ڪنهن خاص خاصيت کي هٿي ونرائي ٿي. (2) برطانيا جي جهنگن ۾ هڪ چٽڪبرو پوپٽ رهندو هيو اهو گلن ٻوٽن يا وڻ جي ٿڙ تي ويهڻ سان ان ماحول ۾ گم ٿي ويندو هيو ۽ ائين شڪاري ڪرڙين ۽ ٻين کان بچي ويندو هو، ڪڏهن ڪڏهن جينياتي تبديلين (Genetic variations) جي ڪري صفا ڪارا پوپٽ به جمندا هئا پر اهي ماحول ۾ نه لڪي سگهڻ ڪري ٻين جانورن جو کاڄ بڻجي ويندا هئا ۽ کين ٻچن ڄڻڻ جو موقعو ڪونه ملندو هو ان ڪري ڪارن پوپٽن جي آبادي وڌي نه پئي سگهي. ان علائقي ۾ اڳتي هلي فيڪٽريون لڳايون ويون تنهن کان پوءِ انهن فيڪٽرين جي دونهين آس پاس ۽ وڻ ٻوٽن کي ڪارو ڪري ڇڏيو. پوءِ وري معاملو اُلٽ ٿي ويو هاڻ ڪارا ماحول ۾ رلي ملي پئي ويا ۽ چٽڪبرا پوپٽ ظاهر ٿي پوڻ جي ڪري کاڄ بڻجي پئي ويا ۽ انهن جو قسم ان علائقي مان ختم ٿي ويو ۽ ڪارن جي آبادي وڌي ويئي. ان مثال مان اها ڳالهه چٽي ٿي سامهون آئي ته ماحول ڪيئن مقداري تبديليون ڄٽي ٿو ۽ اهي مقداري تبديليون ايترو وڌي وڃن ٿيون جو انهن مان معياري تبديليون (Qualitative Charges) جنم وٺن ٿيون.

(4) فطري چونڊ جو قانون Natural selection

فطرت جانورن جي ڪنهن خاص آباديءَ منجهان انهن کي جيئڻ ۽ ٻچا ڄڻڻ جو موقعو ڏئي ٿي جيڪي ماحول سان ٺهڪندڙ هجن ٿا جنهن کي Survival of the fitest چئبو آهي. جيئن اسين مٿي پوپٽن ۽ پکين وغيره جا مثال ڏئي آيا آهيون. نتيجن ماحول هميشه ڏريو ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ اها فطرت جي چونڊ ئي آهي جيڪا پاڻي، خشڪي، پهاڙن، جهنگن ۽ ٻرپٽن ۾ الڳ الڳ

جيون ڪي هٽي ڏئي ٿي ۽ جهڙو ديس تهڙو ويس وانگر جانور به پنهنجي ماحول جهڙا ٿيو وڃن.

(ياد رکڻ گهرجي ته "Natural selection" واري ان نقطي کي ڪٽي Malthus نالي بوجورا دانشور "سماجي ڊارون ازم" Social Darwinism کي جِٽيو ۽ هُن اها ڳالهه هُلائڻ شروع ڪئي ته ڏسو سرمائيدار سماجي طور وڏيڪ سگهو ۽ اهل آهي ان ڪري ئي تاريخ اِن کي مالڪيءَ جا حق ڏئي ٿي چو ته سائنس (ڊارون ازم) ثابت ڪيو آهي ته جيڪو ڏاڍو سو گابو. اها هڪ فطري ڳالهه آهي ۽ برابريءَ جي ڳالهه ڪندڙ مارڪسي پوئلڳ غلط ۽ غير فطري بنيادن تي بيٺل آهن. پر اها ڊارون جي ڳالهه نه پر ان جو بگاڙ آهي ڊارون اهو چيو آهي ته ماحول خاصيتن جي چونڊ ڪندو آهي مطلب ته جي ماحول صاف هوا وارو هوندو ته رنگين پوپٽ پيدا ڪندو پر جي دونهي وارو ته ڪارا پوپٽ تنهن وانگر جي رياست سرمائيدار، ذاتي ملڪيت تي بيٺل هوندي ته لالچ، هبچ، قومي ۽ طبقاتي ڦرلٽ، بي ايماني، ڪروڌ، جنگيون ٿينديون ۽ ان ماحول ۾ لازمي طرح بي ايمان ۽ شاطر دماغ ۽ منافق ماڻهو، قبيلا، قومون ۽ طبقا فائدي ۾ رهندا. پر جي رياست (سماج) غير طبقاتي، ذاتي ملڪيت جي خاتمي واري هوندي ته مٿيون سڀ بدعتون جنم ئي نه وٺنديون لالچ تي بڌل Compititon بجاءِ سهڪار تي بيٺل Co-operation جنم وٺندو. مارڪس به اهو ئي چيو آهي ته جي ماڻهوءَ جا قدُرَ ۽ مزاج سماج جِٽي ٿو ته پوءِ اچو ته ماڻهپي وارو سماج اڏيون ته جيئن ماڻهپي جا قدر پيدا ٿين)

(5) نئين جنس جو پيدا ٿيڻ Origin of new sepcies

ڊارون مطابق ننڍيون ننڍيون مقداري تبديليون جڏهن معياري تبديلين کي جنم ڏين ٿيون ته جاندارن جي رڳو شڪل ۽ صورت ۾ نه پر جنس (الڳ قسم) ۾ به تبديلي اچيو وڃي ۽ اهو فرق ايترو وڏي ٿو وڃي جو جينياتي (Genetical) طور گهٽي قدر هڪ جهڙائي رکندي به هڪبئي سان ڪامياب لڳ لاڳاپا نٿا ڪري سگهن ۽ گڏيل ٻچا نٿا جڻي سگهن جيئن بن مانس جا لڳ ڀڳ 6 هزار قسم رهيا آهن (هاڻ انهن ۾ آڱرين تي ڳڻڻ جيترا بچيا آهن) پر اهي سڀ قسم پاڻ ۾ ته لڳ لاڳاپا ڪري سگهن ٿا پر هڪ قسم جو بن مانس ٻئي قسم جي بن مانس سان نٿو ڪري سگهي ڇو ته هاڻ هو الڳ جنس (Species) ٿي چڪا آهن ۽ ائين <u>ارتقا جو عمل هڪ طرف جاندارن جي ماحول سان ٺهڪاءُ ۽ بقا کي جِٽي ٿو ته ٻئي طرف جاندار جي قسمن (Diversity) کي وڌائي ٿو.</u>

نيو ڊارون ازم Neo-Darwinism

نيو ڊارون ازم اصل ۾ ڊارون ازم جو واڌارو آهي اهو واڌارو جنهن ۾ ڊارون ازم جي جهولن ۽ ان تي ٿيندڙ سائنسي تنقيدن جو جواب آهي. ائين ڪٽي چئجي ته Neo-Darwinism ۾ ڊارون، مينڊل، ويئزمين، ڊي ورائيز جي خيالن ۽ هاڻوڪي تحقيقن جو سنگم (Synthesis) آهي. جيڪو ارتقا جو جديد نظريو ڪٽي چئجي. ان ۾ ڊارون جي ڳالهين ۾ ڪجهه واڌارا ضروري آهن پر ڊاروني طريقو (Paradiam) ئي استعمال ٿيل آهي ائين ڪٽي چئجي ته ڊارون ازم اها "Yard stick" يعني ماپو آهي جنهن کانسواءِ ارتقا جي جديد سمجهاڻي ممڪن نه آهي يا وري ائين ڪٽي چئجي ته ڊارون واري ارتقا جي عمارت ۾ ٻين سائنسدانن دَرَ، دريون ۽ بلب وغيره لڳائي ان کي روشن ڪري ڇڏيو. ڊارون ازم تي سائنسي حلقي طرفان وڏي ۾ وڏي تنقيد اها هئي ته فطرت جو چناءُ (survival of the fittest) ته ٺيڪ آهي پر ان fittest واري مرحلي تائين پهچڻ (Arrival of fittest) جون وضاحتون ناڪافي آهن صرف (Selective Breeding) "جنسي چونڊ" مقداري تبديلي ته

جٽي سگهي ٿي پر معياري تبديلي نٿي جٽي سگهي. ان ڳالهه ۾ ڊارون ائين ڪٿي ٿو ته ڊارون جي دور ۾ اڃا جينيات (Genetics) جي سمجهه سامهون نه آئي هئي (ياد رهي ته ڊارون جي ڪتاب "origin of species" کان هڪ سال اڳ 1858 ۾ گريگر جان مينڊل جينيات جا بنيادي قانون لکت ۾ ڏئي چڪو هيو پر "رائل سوسائٽي آف لنڊن" کي اهي قانون سمجهه ۾ نه آيا ۽ انهن اهي نه ڇپايا ۽ 1900 ۾ ڪجهه ٻين سائنسدانن جي کوجنا کان پوءِ اهي قانون سامهون آيا ۽ تيستائين ڊارون فوت ٿي چڪو هيو) ۽ ڊارون ازم ۾ Survival of fittest جي مسئلي جو حل جينيات جي اصولن فراهم ڪيو.

ڊچ هڪ نالي De vries (1848 -1935) سائنسدان 1902 ۾ "Mutational Theory of inheritance" پيش ڪئي جنهن مطابق جاندارن جي "DNA" ۾ ڪجهه ماحولياتي سببن (شعاع، گرمي، جراثيم، ڪيميڪلن وغيره) جي تڪڙيون تبديليون ايندون آهن. اهي تبديليون اڪثر ڪري اڻ وڻندڙ ٿينديون آهن جيئن پيٽ ڳنڍيل ٻه ٻار، ڇٻا ڦڏا ٻار ڄمڻ، آڱرين، ڄنگهن يا ٻانهن جو تعداد وڌي وڃڻ وغيره پر ڪڏهن ڪڏهن اهي تبديليون ننڍي پيماني تي هونديون آهن ۽ اهي ڪنهن خوش آئين نواڻ کي جنمي وجهنديون آهن ۽ انهن جينياتي خوش آئين تبديلين جو جاندارن ۾ نئي جنسي (Species) کي پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا هوندو آهي.

1898ع ۾ هڪ جرمن سائنسدان "ويئزمين" (Weisman) "Germinal continuity theory" ڏني. اها ٿيوري هڪ طرف لامارڪزم تي هڪ وڏي تنقيد هئي ته جراف جي ڳچيءَ جي واڌ ٻي پيڙهيءَ ۾ ڪيئن منتقل ٿي، ته ٻئي طرف ڊارون ازم جي فطرت جي چونڊ واري ڳالهه کي جينياتي بنياد فراهم ڪيا. هن نظريي مطابق صرف اهي خاصيتون ايندڙ پيڙهيءَ ۾ منتقل ٿينديون جيڪي جنسي گهوڙن (Germ cells) ۾ هونديون. ان مان اهو ثابت ٿيو ته جاندار ڪو شعوري طور پاڻ کي نئا مٿائن پر اڻ ڄاڻائيءَ ۾ جينياتي بگاڙ جي ڪري آيل تبديلي ماحول ۾ هڪڙن کي ٻين مٿان اوليت ڏئي ٿي پوءِ جنسي چونڊ ان کي اڳتي وڌائي ٿي ائين ارتقا هڪ لازوال حقيقت جيان روان دوان آهي ۽ رهندي.

اسين پنهنجي اڳين سڄي بحث کي هيٺين ٽن نقطن ۾ سهيڙينداسون.

(1) ارتقا جي مخالفت آخر ڇو
(2) ارتقا جي سمجهه جي اهميت
(3) ارتقا هڪ لازوال حقيقت

(1) ارتقا جي مخالفت آخر ڇو؟

اها هڪ سادي ۽ سولي ڳالهه آهي ارتقا جو نظريو هر غير سائنسي فڪر جا بکيا اڌيڙي ٿو. تنهن لاءِ مذهبي پيشوائن کان وٺندي عالمي سامراج جيڪو سڄي دنيا ۾ رنگ ۽ نسل جي بنياد تي بيٺڪيتون جوڙيو ويٺو هيو ۽ ڪارن کي گورن جي برابر حق ڏيڻ کان نابري واريو ويٺو هيو سو هن نظريي خلاف گڏيل طور صف آرا ٿيا ۽ تن ڪيترائي پادرين نما سائنسدان پيدا ڪرايا جن سائنس جي اوٽ ۾ ارتقا کي غلط ثابت ڪرڻ جا جتن ڪيا.

ارتقا تي مذهب جي چڙ واجبي آهي ڇو ته ارتقا مذهبن کان "انسان جي پيدائش" تي قائم هڪ هٽي (monopoly) کي چئلينج ڪيو. مذهبن لاءِ اها هڪ بنيادي مساوات Equations آهي جنهن کي بنياد بڻائي هو هٽ نوڪي اخلاقيات ۽ سماجي قدر ۽ قانون جوڙن ٿا. جڏهن هو پنهنجي اها بنيادي Equation خطري ۾ ڏسن ٿا ته سندن بوکلائجڻ واجبي ٿيو پوي.

مذهبن اڄ تائين ارتقا جي مخالفت ته ڪئي آهي پر هنن ڪنهن به لقاءَ (Phenomenon) جو عمل (mechanism) هيل تائين

ڏنو ٿي نه آهي. هو صرف ڳالهه ڪندا آهن ته فلاڻي شيءِ "نهي" يا "ٿي" پر اها ڪيئن "ٿي" ان جو "Process" ٻڌايو ته اِهو هِنن لاءِ ڪفر آهي. ڇو ته ڪفر هر ان سوچ جو نالو آهي جيڪا شين کي تنقيدي ۽ سائنسي انداز ۾ ڏسن جي گهر ٿي ڪري.

(2) ارتقا جي سمجهه جي اهميت

ارتقا هڪ سائنس آهي ۽ لقائن جي سائنسي سمجهه جي ڪوٺ ٿي عقيدن، وهمن ۽ وسوسن کي ڇٽيندي آهي. ان لاءِ ارتقا جي سمجهه اسان جي سوچ کي هڪ بنيادي رخ ڏئي ٿي، جيڪو زندگيءَ جي عملن کي حقيقي ۽ مادي بنياد مهيا ڪري ٿو.

سائنس سوچڻ جو اهو انداز آهي جيڪو هميشه پهرين مرحلي ۾ مسئلي کي مسئلو قرار ڏيندو آهي ۽ پوءِ ان جي حل لاءِ ذهني ۽ جسماني ولوڙ ڪري ٿو ٻئي طرف ان پوري ولوڙ کان پاڇ ڪائيندڙ لقائن کي قانونن جي نيمن ذريعي سمجهڻ بجاءِ اهڙين حٿتين جي قرامت، معجزو ۽ تخليق قرار ڏين ٿيون، جن حٿيتن جي پنهنجي بيهڪ، بناوت ۽ لقائن سان تعلق کي نه هو سمجهائي سگهن ٿا ۽ نه ئي ان تي ڳالهائڻ جي اجازت ڏين ٿا. ايترو سو آهي جو لقاءَ کي ڳولهي سائنس لهندي آهي ۽ ان جو الهام سان ٺاهه (Agreement) سو هُو ڪرائيندا آهن. ساڳي طرح سائنس مخالف ڌريون پهرين ته هر نواڻ جي مخالفت ڪنديون آهن ۽ ڪجهه عرصو هٺ پير هٽي پوءِ کي آيتون آٽي اڳيان رکنديون ته ڏسو اها ڳالهه اسان وٽ اڳ ئي هئي. بلڪل ائين ئي ارتقا سان به ٿئي پيو عيسائين پهرين ارتقا کان انڪار ڪيو بعد ۾ انجيل مان وضاحتون ڪدي آيا ته ها ارتقا درست آهي ۽ ائين ئي هاڻ اسان جا مذهبي پوتار به ڪن پيا اڳ جيڪو به ملن جو ٽي وي چئنل کول ته ارتقا جي مخالفت ۾ رڌل هيا هاڻ فيڊرل بورڊ جي ٻاهرين درجي جي بائيولاجي جي ڪتاب ۾ آيتون ڏنيون اٿائون ته اسان وٽ به ارتقا جو تصور اڳ کان ئي موجود آهي!!!

مادي لقائن جي سائنسي سمجهه به طرفي اهميت رکي ٿي هڪ ته مادي لقاءَ ۽ ان جي اوسر جي حقيقي سمجهه ڏند ڪٿائن کان بچائيندي ۽ ٻيو ته اسان انهن ئي نيمن (laws) کي استعمال ڪندي مادي جي اوسر کي پنهنجي سماجي گهرجن لاءِ استعمال ڪري سگهنداسون. جيئن جهاز يا راڪيٽ ٺاهڻ اسان لاءِ تيستائين ممڪن نه هيو جيستائين انسان زميني ڇڪ (Gravity) جي قانون کي نه سمجهيو هيو.

(3) ارتقا هڪ لازوال حقيقت

پهرين ڳالهه ته ارتقا سائنس جو ميدان آهي نه ڪي ڪنهن مذهب جو ۽ ٻيو ته ارتقا کي ذاتي عقيدن جي بنياد تي غلط قرار ڏيڻ ڪانسواءِ ڪو ٻيو جواز ئي نٿو بچي.

(1) جڏهن به ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان ارتقا تي بحث ٿيندو آهي جيڪو ارتقا جي علم (Evolutionary science) سان گهٽ وابسته هجي ته اهو هي سوال ضرور ڪندو آهي ته جي ارتقا ٿئي پئي ته نظر ڇو نه پئي اچي؟ ان جو سادو جواب هي آهي ته هزارن ۽ لکن سالن جو سفر ڀلا اوهان کي ڪجهه سالن جي مشاهدي مان ڪيئن نظر ايندو؟ جيئن اسين روز آئينو ڏسندا آهيون. پاڻ ۾ ڪا وڏي تبديلي نه لڳندي آهي پر جي پاڻ پنهنجا ئي ننڍپڻ کان وٺي هيل تائين جا ڦوٽو رکون ته پاڻ کي ئي حيرت لڳندي ته اسين ايڏا مٽجي ويا آهيون!!! پر پوءِ به ان ڳالهه تي بضد رهندڙ ماڻهو ائين آهن جيئن ڪو ماڻهو اڄ شادي ڪري ۽ سڀاڻي ٻار ڄڻ جو ضد ڪري ۽ 9 مهينن جو عرصو طئي ڪرڻ کان انڪار ڪري.


(2) ٻيو وڏو دليل هو اهو ڏيندا آهن ته سڀ جاندار هڪ مهل پيدا ٿيا، هاڻ نوان قسم پيدا نه پيا ٿين ته انهن لاءِ گذارش

آهي ته جيولاجيڪل ٽائيم اسڪيل "Geological time scale" مطابق سائنس چار وڏا دور ڄاڻايا آهن. هر پوئين دور ڪان اڳئين دور ۾ جاندارن جا قسم وڌيا آهن، نڪي گُٺا آهن. مطلب ته ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي جاندارن جو تعداد ڌرتي جي تهن ۾ موجود جاندارن کان وڌيڪ آهي جيئن جيئن تاريخ ۾ پوئتي وجبو ته جاندارن جو تعداد ۽ انهن جي پيچيدگي گهٽجڻ لڳندي. اهو ارتقا ۽ نين جنس جي پيدائش جو کليو ثبوت آهي.

(3) ارتقا تي لکندي سائين ابراهيم جويو صاحب ڪٿي لکيو آهي ته هڪ دفعي به همراهه پاڻ ۾ ان ڳالهه تي وڙهي رهيا هئا ته هڪ چيو پئي ته گهوڙي جي مٿين ڄاڙي ۾ ڏند آهن ۽ ٻئي پئي چيو ته ڏند ناهن ته ڪنهن واٽهڙو چين ته ادا وڙهو چو ٿا گهوڙو بيٺو آهي، وات کولي ڏسي وٺوس، ته ٻنهي همراهن گڏجي ويچاري واٽهڙو کي ڪٽڪو چاڙهيو ته اسين ٿا پاڪ ڪتابن مان اها ڳالهه ڪريون ۽ تون ٿو شيطاني طريقي جي ڳالهه ڪرين. ها واقعي انهن مذهبي بنياد پرستن لاءِ اهو شيطاني طريقو ئي آهي. سو هنن کان ارتقا تي پڇبو ته کهڙي تنقيد آهي. سائنس جي ڏسيل ڳالهين مان ئي ڳالهه ڪٺندا ته اوهان جا سائنسدان چون ٿا ته جانورن جي بڻ بنياد واري زنجير "Phyla tic linage" ۾ انسان جي پونئرن جون بن مانس (جهنگلي انسان) سان جيڪي نسلي ڪڙيون "links" ملن ٿيون انهن مان ڪجهه اجا تائين ته اڻ لڀ آهن جن کي "missing links" ٿو چئجي. سو سائنس ئي ارتقا کي غلط ڪري ڇڏيو آهي. پهرين ڳالهه ته هنن غلط ڪونه چيو آهي رڳواهو ٻڌايو اٿائون ته ڪجهه ڪڙيون هيل تائين نه مليون آهن پر انهن جي ملڻ جا امڪان آهن ۽ اهي کهڙي شڪل ۽ صورت جون هونديون اهو به ٻڌايو اٿائون پر خير اوٽيهه سو نوي (1990) ڌارا اهي به لڀي ويون سو

هنن جو اهو دليل به مدي خارج ٿي ويو.

(4) پيو هي مذهبي لکٽين ۽ ڏند ڪٿائن مان ڪٿي ايندا آهن ته اڳ واري زماني ۾ "وڏي عمر" ۽ "وڏي قد" وارا ماڻهو هوندا هئا. انهن لاءِ گذارش آهي ته "Anthropology" جي مطالعي هيل تائين اهڙي ڪابه ڳالهه نه ڏسي آهي، نه ڪو اهڙو پنڊ پهڻ (fossil) ئي مليو آهي. پراڻن هڏ کيل هڏن مان عمر جو اندازو لڳايو ويو آهي ته انسان جي اڳ عمر 35 کان 40 سال ايوريج هئي ۽ قد



ساڍا چار فٽ کان 5 فٽ هيو ۽ پوءِ ائين آهستي آهستي قد ۽ عمريون وڌيون آهن.

(5) اڪثر مذهبي عالم زندگيءَ جي آغاز ۽ ارتقا تي چٽر ڪندي چوندا آهن ته جي زندگي ڪيميائي مادن جي ميلاپ مان ٺهي آهي ته پوءِ هاڻ ائين ڇو نٿو ٿئي؟ انهن لاءِ گذارش آهي ته مينهن وسندو آهي ته ڪنپيون عام جام ڦٽنديون آهن، ثقافتي ڏهاڙي جو سڏ ملندو آهي ته لکين ماڻهو ٽوپي اجرڪ پائي نڪرندا آهن ساڳي طرح زندگي جي آغاز لاءِ جيڪي ماحولياتي حالتون ان وقت ڌرتي تي هيون انهن به سوين سالن جا مرحلا طئي ڪري اهي نامياتي ڪيميائي مادا ناهيا ۽ نسريا جن زندگيءَ کي جنميو سي حالتون ته پيدا ڪري سگهجن ٿيون پر گهربل وقت ڪير طئي ڪري ان هوندي به ڊاڪٽر ڪريگ وينٽر 2010 ۾ هٽرادو ڊي اين اي (Artificial DNA) ٺاهي هنن جي ان دليل کي به کوکلو ڪري ڇڏيو.

اهي ۽ انهن جهڙيون کوڙ ساريون ڳالهيون جن جون وضاحتون سائنس ڏئي

چڪي آهي سو ڪوبه گس نه آهي جو ارتقا جو انڪار ڪجي سواءِ ذاتي عقيدن جي.

عمل بابت

(ڄاڻ ۽ ڪرڻ جي تعلق بابت)

ڪامريڊ مائوزيتنگ/ سڌارت ڪولهي



ڪامريڊ مائوزيتنگ جا "چار فلسفياڻه مضمون" (عمل بابت، تضادن بابت، عوام ۾ موجود تضادن جي صحيح حل بابت ۽ صحيح نظريا ڪٿان اچن ٿا؟) مارڪسي فلسفي ۾ تخليقي واڌارو آهن. انهن مان هڪ مضمون "عمل بابت" (On Practice) جو هيٺ سنڌي ترجمو پيش ڪجي ٿو.

"عمل بابت" مضمون جيڪو مائوزيتنگ جولاءِ 1937ع ۾ ۾ ينان (Yenan) جي جاپان دشمن فوجي ۽ سياسي ڪاليج ۾ هڪ ليڪچر جي صورت ۾ بيان ڪيو هو، ڪجهه اهم ۽ بنيادي مسئلن کي حل ڪري ٿو.

سپ کان پهريون فلسفي جي تاريخ ۾ ڄاڻ جي حصول جو مسئلو آهي. فلسفي جي تاريخ ۾ ٻه اهم مڪتب فڪر يا ٻه علم جا نظريا (Theories of Knowledge) رهيا آهن. هڪ "تجربيت" (Empiricism) ۽ ٻيو "عقليت پسندي" (Rationalism) انهن ٻنهي نظرين ڄاڻ جي حصول جي مسئلي کي غير جدلياتي ۽ غير تاريخي انداز ۾ حل ڪيو آهي. ڪامريڊ مائوزيتنگ مارڪسي علم جي نظريي (Theories of knowledge) کي واضح ڪري ٿو جنهن پهريون دفعو ان مسئلي کي مادي، جدلياتي ۽ تاريخي انداز ۾ حل ڪيو.

ٻيو مسئلو "عمل" جو آهي. عمل

كانسواءِ" لفظ صرف ٻڪ هوندا آهن ۽ نظريا عمل كانسواءِ بي مقصد ٿيو وڃن. ڪامريڊ مائو اها ڳالهه واضح ٿو ڪري ته عمل ڪي جدلياتي ماديت ۾ بنيادي حيثيت حاصل آهي. چاڪاڻ ته عمل ئي اهو سرچشمو آهي جنهن مان انساني علم ڦٽي ٿو ۽ وري عمل ئي اها ڪسوٽي به آهي جنهن تي نظريي جي صداقت کي پرکي سگهجي ٿو. جنهن علم ذريعي سماج جي قانونن جو ادراڪ ٿئي ان علم کي سماجي عمل ۽ انقلابي جدوجهد لاءِ استعمال ڪرڻ لازم آهي، نه ته اهو اڌورو رهجي ويندو ۽ بي معنيٰ ٿي ويندو. هي ڳالهه انهن ماڻهن لاءِ اهم آهي جن جي ذهنن تي "دانشوريت" حاوي آهي ۽ وجود ۾ "انقلابي بخار" ٿي پيو اٿن جيڪو اڪثر ايندو ويندو رهندو آهي.

ٿيون مسئلو نظريي جي اهميت جو آهي. ڪامريڊ مائوءَ انهن ماڻهن تي سخت تنقيد ڪئي آهي جيڪي ئلها "عملي " آهن ۽ نظريي کي حقير سمجهن ٿا ۽ ان کي عمل جي رهنما جي حيثيت ۾ نٿا ڏسي سگهن. اهڙا ماڻهو انقلاب کي جامع انداز ۾ ناهن سمجهندا ۽ اونداهي ۾ هٿ پير هڻندا آهن. ڪنهن به شيءِ کي تبديل ڪرڻ لاءِ ان جي معروضي قانونن جو ادراڪ لازمي آهي ۽ اهو نظريو ئي آهي (مارڪسزم جو سائنسي نظريو) جيڪو سماج جي قانونن جي ڄاڻ ڏئي ٿو.

اهي ٽئي مسئلا تفصيل سان مضمون ۾ بحث هيٺ آندل آهن. تنهنڪري هي مضمون اسان جي سياسي عمل ۾ گهڻي مدد ڪري سگهي ٿو.)

هڪ زماني ۾ اسان جي پارٽي ۾ اهڙا ڪامريڊ موجود هئا جيڪي عقيدي پرست هئا. اُهي ماڻهو گهڻي عرصي تائين چيني انقلاب جي تجربي کي رد ڪندا رهيا، هو ان سچ کان انڪاري هئا ته "مارڪسزم ڪو عقيدو نه آهي پر عمل جو رهنما اصول آهي. هو مارڪسي لکڻين مان ڪجهه لفظن ۽ جملن کي متن کان الڳ ڪري عوام کي منجهائيندا هئا. انهن کان علاوه ڪجهه ڪامريڊ اهڙا به هئا جيڪي تجربيت پسند هئا. انهن ڪافي عرصي تائين پاڻ کي پنهنجي جزوي تجربي تائين محدود رکيو، هو نه ته عمل لاءِ انقلابي نظريي جي اهميت کي سمجهي سگهيا نه ئي ڪُلي طور انقلاب کي. پر انڌا ڌند ڪم ڪندا رهيا. جيتوڻيڪ هو پنهنجي ڪم ۾ محنت به ڪندا هئا. اهڙن ٻن قسمن جي ڪامريڊن جي غلط خيالن ۽ عقيدي پرستن 34-9131ع ۾ چيني انقلاب کي شديد نقصان ڏنو. عقيدي پرستن مارڪسي لبادي ۾ ڪامريڊن کي مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو..

زير نظر مضمون "عمل بابت" ان سبب سان لکيو ويو هو ته مارڪسي نقطئه نظر سان پارٽي ۾ عقيدي پرستي ۽ تجربيت، خاص طور تي عقيدي پرستي، جي موضوعيت پسنداڻين غلطين جو پردو فاش ڪيو وڃي، ان جو عنوان "عمل بابت" ان ڪري رکيو ويو آهي ته ان ۾ عقيدي پرست جهڙي موضوعيت، جيڪا عمل جو انڪار ٿي ڪري، کي بي نقاب ڪرڻ تي زور ڏنو وڃي. ڪامريڊ مائوزيتنگ هن مضمون ۾ پيش ڪيل نظرين کي ينان جي جاپان دشمن فوجي ۽ سياسي ڪاليج ۾ تقرير جي صورت ۾ بيان ڪيو.

(چيني ڪميونسٽ پارٽي)

مارڪس کان پهريان، ماديت جڏهن علم جي نظريي جو جائزو وٺندي هئي ته ان کي انسان جي سماجي فطرت ۽ ان جي تاريخي ارتقا کان الڳ ڪري ڇڏيندي هئي ۽ ان وجه سان اها علم جو سماجي عمل تي انحصار، يعني پيداواري عمل ۽ طبقاتي جدوجهد تي انحصار کي سمجهڻ کان قاصر

رهي.

پهرين ڳالهه اها ته مارڪسوادين وٽ انسان جي پيداواري سرگرمي انتهائي بنيادي عملي سرگرمي آهي جيڪا ان جي ٻين سرگرمين جو تعين ڪري ٿي. انسان جي علم جو انحصار گهڻي ڀاڱي مادي پيداوار ۾ ان جي سرگرمي تي هوندو آهي، جنهن ذريعي هو ڏاڪي به ڏاڪي فطرت جا لقاءُ، ان جون خاصيتون ۽ ان جا قانون، ۽ انسان ۽ فطرت جي تعلق کي سمجهڻ لڳندو آهي ۽ ان ئي پيداواري سرگرمي ذريعي هو هوريان هوريان ڪجهه رشتن کي به ڪنهن حد تائين سمجهڻ شروع ڪندو آهي جيڪي انسانن جي وچ ۾ قائم آهن. اهو تمام علم پيداواري سرگرمي کان الڳ رهي ڪري حاصل نٿو ڪري سگهجي. هڪ غير طبقاتي سماج ۾ هر فرد سماج جي هڪ رڪن جي حيثيت سان ٻين رڪنن سان گڏ گڏيل ڪوشش ۾ شريڪ هوندو آهي، انهن سان گڏ موجود پيداواري لاڳاپن ۾ ڳنڍيل هوندو آهي ۽ پنهنجي مادي ضرورتن جي پورائي لاءِ پيداواري سرگرمي ۾ مصروف هوندو آهي. تمام طبقاتي سماجن ۾ مختلف طبقن جا رڪن به مختلف طريقن سان موجود پيداواري لاڳاپن ۾ جڙيل هوندا آهن ۽ پنهنجي مادي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ پيداواري سرگرمي ۾ مصروف هوندا آهن. اهو ئي عمل اصل سرچمو آهي جنهن مان انساني علم جي واڌ ويجهه ٿيندي آهي.

ڪنهن سماج ۾ انسان جو عمل پيدواري سرگرمي تائين محدود ناهي هوندو پر ان جون ٻيون به ڪئي صورتون هونديون آهن. جيئن طبقاتي جدوجهد، سياسي زندگي، سائنسي ۽ فن جون سرگرميون وغيره. مختصرن اهو ته انسان سماجي مخلوق جي حيثيت ۾ سماج جي عملي زندگي جي تمام شعبن ۾ حصو وٺي ٿو. اهڙي ريت انسان نه صرف پنهنجي پيداواري زندگي پر سياسي ۽ ثقافتي زندگيءَ ذريعي پڻ ڪنهن حد تائين انسان ۽ انسان جي وچ ۾ قائم مختلف رشتن سان واقفيت حاصل ڪري ٿو. سماجي عمل جي انهن ٻين قسمن مان خاص طور تي طبقاتي جدوجهد پنهنجي تمام مختلف شڪلن ۾ انسان جي علم جي ارتقا تي گهرو اثر وجهي ٿي طبقاتي سماج ۾ هر فرد ڪنهن خاص طبقي جي رڪن جي حيثيت سان زندگي گذاريندو آهي ۽ سوچ جي هر انداز تي ڪنهن نه ڪنهن طبقي جي ڇاپ هوندي آهي.

مارڪسوادي نقطئه نظر مطابق انساني سماج ۾ پيداواري سرگرمي هيٺين سطح کان مٿين سطح ڏانهن بتدريج ترقي ڪري ٿي ۽ نتيجي طور انساني علم به، کٽي اهو فطرت جي متعلق هجي يا سماج بابت، هيٺين سطح کان مٿين سطح ڏانهن بتدريج ترقي ڪري ٿو. يعني مٿاڇرائي کان اونهائي ڏانهن ۽ يڪ طرفي کان گهڻ طرفي ڏانهن تاريخ ۾ انسان هڪ ڊگهي عرصي تائين سماج جي تاريخ جي سطحي ۽ هڪ طرفي علم تائين ئي محدود رهيو. ان جي پهريون سبب ته اهو هيو ته استحصالي طبقن جو تعصب هميشه سماج جي تاريخ کي مسخ ڪندو رهيو ۽ ٻيو سبب اهو ته ننڍي پيماني جي پيداوار انسان جي سوچ جي دائري کي پڻ محدود ڪري رکيو. جڏهن جديد پرولتاري طبقو زبردست پيداواري قوتن سان اُڀري آيو، تڏهن ئي انسان ان قابل ٿي سگهيو ته سماج جي ارتقا جو جامع ۽ تاريخي علم حاصل ڪري ۽ ان علم کي هڪ سائنس يعني مارڪسزم ۾ تبديل ڪري ڇڏي.

مارڪسوادي نقطئه نظر مطابق صرف انسان جو سماجي عمل ئي ان جي خارجي دنيا بابت علم جي صداقت کي پرکڻ جي ڪسوٽي آهي. حقيقت ۾ ٿيندو

اهو آهي ته انساني علم جي تصديق صرف ان وقت ٿيندي آهي، جڏهن هو سماجي عمل (مادي پيداوار، طبقاتي جدوجهد يا سائنسي تجربي) دوران متوقع نتيجا حاصل ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي ڪم ۾ ڪامياب ٿيڻ چاهي ٿو يعني متوقع نتيجا حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ته ان کي پنهنجي خيالن ۽ خارجي دنيا جي معروضي قانونن ۾ لازمي طور تي مطابقت پيدا ڪرڻي پوندي ۽ جيڪڏهن انهن ٻنهي ۾ مطابقت نه هوندي ته هو پنهنجي عمل ۾ ناڪام رهندو. ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ هو پنهنجي ناڪامي مان سبق حاصل ڪري ۽ پنهنجي خيالن جي اصلاح ڪندو. جيئن اهي خارجي دنيا جي قانون سان هم آهنگ ٿي وڃن، انهيءَ طرح ئي هو ناڪامي کي ڪاميابيءَ ۾ تبديل ڪري سگهي ٿو. ”ناڪامي ڪاميابي جي ماءُ آهي“ ۽ ”ڏکُ ڪائي عقل ايندو آهي“ جهڙين چوڻين جو مطلب اهو ئي آهي. جدلياتي ماديت عمل کي بنيادي حيثيت ڏئي ٿي. ان ۾ انساني علم کي عمل کان ڪنهن به ريت جدا نٿو ڪري سگهجي ۽ مارڪسي ماديت انهن سڀني نظرين کي رد ڪري ٿي جيڪي عمل جي اهميت کي رد ڪن ٿا يا علم کي عمل کان جدا ڪن ٿا. لينن چيو آهي ته ”عمل علم (نظريي) کان بالاتر آهي. ڇاڪاڻ ته ان کي نه صرف آفاقيت جي عظمت پر فوري واقعيت (Actuality) جو شان به آهي“[1] مارڪسي جدلياتي ماديت جون ٻه خاصيتون آهن: پهرين ان جي طبقاتي نوعيت آهي. مارڪسي ماديت کلي عام اعلان ڪري ٿي ته جدلياتي ماديت پرولتاري طبقي جي خدمت لاءِ آهي. ٻي ان جي عمليت آهي. مارڪسي ماديت ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿي ته نظريي جو انحصار عمل تي هوندو. اها ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿي ته نظريي جو بنيادي عمل تي قائم هوندو آهي ۽ پوءِ نظريو عمل جي خدمت ڪندو آهي. ڪنهن علم يا نظريي جي صداقت جي پرک موضوعي احساسن سان نه، پر سماجي عمل ذريعي حاصل ڪيل نتيجن سان ٿيندي آهي. صرف سماجي عمل ئي صداقت جي ڪسوٽي ٿي سگهي ٿو. عمل جو نقطئه نظر کي جدلياتي ماديت ۾ بنيادي نقطئه نظر جي حيثيت حاصل آهي.[2]

پر آخر انساني علم عمل مان ڪهڙي طرح پيدا ٿئي ٿو ۽ پوءِ علم عمل جي خدمت ڪهڙي طرح ڪري ٿو؟

جيڪڏهن اسان علم جي ارتقا جي عمل جو مطالعو ڪريون ته اها ڳالهه واضح ٿي ويندي.

انسان عمل دوران سڀ کان پهريان صرف شين جي تقاضائن، انهن جي مختلف پهلوئن ۽ انهن جي باهمي خارجي تعلقن کي ڏسندو آهي. مثال پهريان هڪ ٻه ڏينهن هو ينان جون جاگرافيائي حالتون، گڏجاڻين ۽ عام جلسن ۾ شريڪ ٿين ٿا، مختلف قسمن جون ڳالهيون ٻڌن ٿا ۽ پڙهن ٿا. دعوتن، گڏجاڻين ۽ عام جلسن ۾ شريڪ ٿين ٿا، مختلف قسمن جون ڳالهيون ٻڌن ٿا ۽ پڙهن ٿا. اهي سڀ شين جا لقاءُ، مختلف پهلو ۽ خارجي تعلق آهن. ان کي ڄاڻ جو محسوساتي مرحلو چئجي ٿو. يعني اهو حسياتي واردات ۽ تاثرن جو مرحلو آهي. ينان جون هي مخصوص شيون مشاهدو ڪندڙ گروهه جي حواسن تي اثر انداز ٿي حسياتي واردات کي جنم ڏين ٿيون ۽ انهن جي ذهنن ۾ ڪوڙ سارا تاثر پيدا ڪن ٿيون ۽ اهي مختلف تاثر گڏجي سندن ذهنن ۾ هڪ ڪچو ڦڪو ۽ خارجي تصور جوڙين ٿا. هي ڄاڻ جو پهريون مرحلو آهي. ان مرحلي ۾ انسان اهڙا تصور قائم نٿو ڪري سگهي جيڪي گهٽا اونها هجن ۽ نه ئي وري هو منطقي نتيجا اخذ ڪري سگهي ٿو.

سماجي عمل جاري رهي ٿو ته اهي

شيون بار بار سامهون اچن ٿيون جيڪي انسان جي عمل دوران حِسياتي واردات (Sense Perception) ۽ تاثرن کي جنم ڏينديون آهن. پوءِ ڄاڻ جي ارتقا ئي عمل دوران ذهن ۾ اچانڪ هڪ تبديلي ايندي آهي ۽ تصور قائم ٿي ويندا آهن. هاڻي تصورن جي حيثيت شين جي تقاضائن، مختلف پهلوئن ۽ خارجي تعلقن جهڙي ناهي رهندي پر هو شين جي جوهر، انهن جي ڪليت ۽ انهن جي داخلي تعلقن جو گهيرو ڪندا آهن. تصورن ۽ حسياتي واردات ۾ نه صرف مقداري بلڪ معياري فرق به هجي ٿو. ائين اڳتي هلي ماڻهو پنهنجي فيصلي ڪرڻ ۽ نتيجو اخذ ڪرڻ جي سگهه ذريعي ڪنهن منطقي نتيجي تي پهچي ٿو. ”سان ڪويئن اي“ نالي ناول ۾ اهو قول ته ”پرون سيڪڙيو ته تدبير ذهن ۾ اچي ويندي آهي“[3] يا زومره جي زبان ۾ ائين چوڻ ته ”مون کي ٿورو غور ڪرڻ ڏيو“ جهڙن جملن جو مطلب اهو آهي ته انسان فيصلي ڪرڻ ۽ نتيجي اخذ ڪرڻ لاءِ پنهنجي ذهن ۾ موجود تصورن جو استعمال ڪندو آهي.

هي ڄاڻ جو ٻيو مرحلو آهي. جڏهن مشاهدو ڪندڙ گروهه جا رُڪن مختلف قسمن جي ڄاڻ گڏ ڪري وٺن ٿا ۽ ”ان تي غور و فڪر به ڪري وٺن ٿا“ تڏهن هو ان نتيجي تي پهچن ٿا ته ”ڪميونسٽ پارٽي جي جاپان دشمن قومي متحده محاذ بابت پاليسي مڪمل، مخلص ۽ حقيقي آهي“ ۽ جيڪڏهن هي فرد به نيڪ نيتي سان قومي نجات لاءِ اتحاد جي حق ۾ هجن ته هُو اهو فيصلو ڪرڻ ڪانپوءِ هڪ قدم اڳتي وڃي اِهو نتيجو اخذ ڪري سگهن ٿا ته ”جاپان دشمن قومي متحده محاذ ڪامياب ٿي سگهن ٿو“ ڪنهن به شيءِ جو علم حاصل ڪرڻ جي پوري ۽ سلسليوار عمل ۾ تصور، فيصلي ۽ نتيجي جو هي مرحلو اڃا وڌيڪ اهم هوندو آهي، هي عقلي علم جو مرحلو آهي. علم جو اصل ڪم احساس جي ذريعي فڪر تائين پهچڻ، ڏاڪي به ڏاڪي معروضي شين جي داخلي تضادن، انهن جي قانونن، ۽ هڪ سلسلي ۽ ٻئي سلسلي وچ ۾ داخلي تعلقن جي علم تائين پهچڻ يعني منطقي علم تائين پهچڻ آهي. منطقي علم محسوساتي علم کان ان لحاظ ۾ مختلف هوندو آهي ته محسوساتي علم جو تعلق شين جي لقائن، مختلف پهلوئن ۾ خارجي تعلقن سان هوندو آهي، جڏهن ته منطقي علم يا عقلي علم جي شين جي ڪليت، جوهر ۽ داخلي تعلقن تائين پهچڻ ۽ اردگرد جي دنيا ۾ موجود داخلي تضادن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ وڏي ڇلانگ لڳائي ٿو ۽ ائين اردگرد جي دنيا جي اوسر جو، ان جي ڪليت ۾، ان جي تمام پهلوئن جي داخلي تعلقن جي نسبت سان گهيرو ڪرڻ ۾ قادر هوندو آهي.

علم جي ارتقا جي سلسليوار عمل جو هي جدلياتيماديت جو نظريو، جنهن جي بنياد عمل تي آهي. جيڪو سطحي سمجهه کان گهري سمجهه ڏانهن وڌندو آهي، مارڪسزم جي وجود ۾ اچڻ کان پهريان ڪنهن به ڳولي هٿ نه ڪيو هو. مارڪسي ماديت پهريون دفعو ان مسئلي کي صحيح طرح حل ڪيو ۽ مادي ۽ جدلياتي لحاظ کان اهو ٻڌايو ته ڄاڻ گهرائي ڏانهن حرڪت ۾ هوندي آهي. هيءَ اهڙي حرڪت آهي جنهن جي ذريعي سماج ۾ انسان پنهنجي پيداوار ۽ طبقاتي جدوجهد جي پيچيده عمل ۽ عمل جي مسلسل تضادن دوران محسوساتي علم کان عقلي يا منطقي علم ڏانهن اوسر ڪندو آهي. لينن چيو آهي ”مادو، قانون، فطرت، قدر ۽ اهڙي قسم جي ٻين شين جي تجريد، مختصرن سائنسي تجريدون (abstractions) فطرت جي اونهي، سچي ۽ مڪمل

عڪاسي ڪن ٿيون.“[4] مارڪسزم- لينن ازم جي سمجهه پٺاندڙ ڇاڻ جي سلسليوار عمل جا ٻئي مرحلا پنهنجون خصلتون رکن ٿا. هيٺين مرحلي ۾ علم پنهنجو اظهار بطور محسوساتي علم ڪندو آهي ۽ مٿين مرحلي ۾ بطور عقلي علم جي. محسوساتي علم ۽ عقل علمي معياري طور مختلف هوندا آهن پر هڪ ٻئي کان ڌار، ڇڳل، ٽُٽل نه هوندا آهن، اهي عمل جي بنياد تي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هجن ٿا. اسان جو عمل اهو ثابت ڪندو آهي ته جنهن شيءِ کي محسوس ڪيو ويندو آهي. اها فوري ادراڪ ۾ ناهي ايندي ۽ اهو ته جيڪا شيءِ ادراڪ ۾ اچي ويندي آهي، صرف ان کي ئي گهرائي تائين يا مظهر (ڏيک) جي مسئلي کي حل ڪندو آهي، جوهر جي مسئلي کي صرف نظريو ئي حل ڪري سگهي ٿو. انهن ٻنهي کي عمل کان جدا نٿو ڪري سگهجي. جيڪو به ماڻهو ڪنهن شيءِ بابت ڪجهه ڄاڻڻ چاهي ٿو، ان لاءِ ٻي ڪابه راهه نه آهي (سواءِ ان جي) ته هو ان شيءِ سان رابطي ۾ اچي يعني ان جي ماحول ۾ رهي (عمل ڪري) جاگيرداري سماج ۾ سرمائيداري سماج جي قانونن جو اڳواٽ علم حاصل ڪرڻ ناممڪن هو ڇو ته ان وقت تائين سرمائيداري وجود ۾ نه آئي هئي ۽ ان بابت علم ناممڪن هو. مارڪسزم صرف سرمائيداري سماج جي ئي پيداوار ٿي سگهي پيو. ائين سرمائيداري دور ۾ مارڪس کي سامراج جي دور جي ڪجهه خاص قانونن جو پهريان کان ئي نوس علم نه پئي حاصل ٿي سگهيو ڇو ته ان وقت سامراج، جيڪو سرمائيداري جو آخري مرحلو آهي، وجود ۾ نه آيو هو ۽ عملي طرح غير موجود هو. صرف لينن ۽ اسٽالن ئي ان فرضن کي پنهنجي ذمي کڻي سگهن پيا. مارڪس، اينگلس، لينن ۽ اسٽالن پنهنجي نظرين جي جوڙجڪ ۾ پنهنجي ذهانت کان

قطع نظر، بنيادي طور تي ان ڪري ڪامياب ٿيا جو انهن پنهنجي زماني جي طبقاتي جدوجهد ۽ سائنسي تجربن ۾ بذاتِ خود عملي طرح حصو ورتو هو. ان شيءِ (عمل) ڪانسواءِ ذهين کان ذهين ماڻهو به ڪامياب نٿو ٿي سگهي. اها چوڻي ته ”عالم پنهنجي در کان قدم ٻاهر رکڻ بغير ئي هن وسيع دنيا جي سڄن مامرن کان واقف هوندو آهي“، ان زماني جي محض کوکلي ڳالهه هئي جڏهن ٽيڪنالاجيءَ ترقي نه ڪئي هئي. جيتوڻيڪ اها ڳالهه ترقي يافته ٽيڪنالاجي جي موجوده دور ۾ درست قرار ڏئي سگهجي ٿي، تنهن هوندي به ان صورت ۾ ته حقيقي ذاتي علم صرف انهن ماڻهن کي حاصل ٿيندو آهي جيڪي هن وسيع دنيا ۾ عملي حصو وٺن ٿا ۽ جڏهن اهڙا ماڻهو پنهنجي عمل جي ذريعي علم حاصل ڪري وٺندا آهن ۽ انهن جو علم لکڻين ۽ ٽيڪنيڪي ذريعن سان اُن ”عالم“ تائين پهچندو آهي، صرف تڏهن ئي اهو ممڪن ٿيندو آهي ته هو اڻ سڌي طرح هن وسيع ۽ ويڪري دنيا جي سڄن مامرن کان واقف ٿي سگهي. جيڪڏهن توهان ڪنهن هڪ شيءِ يا شين جي ڪنهن خاص قسم جو علم سڌو سنئون حاصل ڪرڻ جا خواهشمند آهيو ته توهان کي حقيقت کي تبديل ڪرڻ، ان شيءِ يا اهڙي نوع جي شين کي تبديل ڪرڻ لاءِ بذات خود عملي جدوجهد ۾ حصو وٺڻو پوندو، ڇو ته ان طريقي سان توهان ان شيءِ يا اهڙي قسم جي شين جي لقائن سان رابطو پيدا ڪري سگهو ٿا، صرف حقيقت کي تبديل ڪرڻ جي عملي جدوجهد ۾ بذات خود شرڪت ڪرڻ جي ذريعي ئي توهان ان شيءِ يا اهڙي قسم جي شين جي جوهر کي پرکي سگهو ٿا ۽ انهن کي سمجهي سگهو ٿا. اهو ئي علم جو رستو آهي جنهن تي هو انسان واقعي سفر ڪندو آهي، جيتوڻيڪ

ڪجهه ماڻهو چاٽي واٽي معاملن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪندي ان جي ابتڙ دليل ڏيندا آهن. دنيا ۾ سڀ کان ڪل جوڳو ماڻهو اهو ”عالم ڪُل“ (اهڙو ماڻهو جيڪو سڀني علمن تي دسترس هجڻ جي دعويٰ ڪري: سنڌيڪار) آهي جيڪو هيڏانهن هوڏانهن جي ٻڌل ڳالهين مان ٿورو گهڻو علم حاصل ڪندو آهي ۽ پوءِ دعويٰ ڪندو آهي ته هو ”علامه دهر“ آهي. ان مان صرف هڪ ئي ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي ته هُن پنهنجي ذات جي صحيح ڪٿ تور ناهي ڪئي ۽ مبالغي جو شڪار ٿيو آهي. علم هڪ سائنس آهي ۽ ان ۾ ڪنهن قسم جي بدديانتي ۽ غرور جي گنجائش ناهي. جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي ضرورت آهي ته اها ديانتداري ۽ عاجزي آهي. جيڪڏهن اوهان علم حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته توهان کي حقيقت کي تبديل ڪرڻ جي عمل ۾ حصو وٺڻو پوندو. جيڪڏهن توهان کي ناسپاتي جو ذائقو معلوم ڪرڻو آهي ته توهان کي پنهنجو پاڻ ناسپاتي کي کائڻو پوندو. جيڪڏهن توهان ايٽم جي ساخت ۽ خاصيتون ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته توهان کي پاڻ ايٽم جي حالت تبديل ڪرڻ لاءِ طبعي ۽ ڪيميائي عمل ڪري ڏسڻو پوندو جيڪڏهن توهان انقلاب جو نظريو ۽ طريقو ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته اوهان کي انقلابي جدوجهد ۾ حصو وٺڻو پوندو. سچو حقيقي علم سڌي سنئين تجربي مان ئي پيدا ٿيندو آهي پر انسان هر شيءِ جو سڌو سنئون تجربو نٿو ڪري سگهي. عجيب اتفاق اهو آهي ته اسان جو گهڻي ڀاڱي علم اڻ سڌي تجربي سان ئي حاصل ٿيندو آهي. گذريل زماني ۽ ٻاهرين ملڪن جا تمام علمَ ائين ئي حاصل ٿيا آهن. اسان جي وڏن يا ٻاهرين ملڪن جي رهواسين کي اهو علم سڌي سنئين تجربي سان حاصل ٿيو هو يا ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن انهن جي اهڙي تجربي دوران ”سائنسي تجريد“ جي شرط کي، جنهن جو ذڪر لينن ڪيو آهي، پورو ڪيو ويو هو يا آهي ۽ معروضي حقيقت جي سائنسي طريقي سان عڪاسي ڪئي وئي هئي يا آهي ته پوءِ اهڙو علم قابل قبول هوندو آهي، ان ڪان سواءِ ان تي اعتماد نه ٿو ڪري سگهجي. تنهنڪري انسان جو علم ٻن حصن تي مشتمل آهي، هڪ جيڪو اڻ سڌي تجربي سان حاصل ٿيندو آهي ۽ ٻيو جيڪو سڌي تجربي وسيلي حاصل ٿئي. جيڪو تجربو منهنجي لاءِ سڌو سنئون آهي. اهو ٻين ماڻهن لاءِ اڻسڌو تجربو آهي. تنهنڪري مجموعي حيثيت سان ڏٺو وڃي ته ڪنهن به علم کي تجربي کان جدا نٿو ڪري سگهجي. اسان جو پورو علم سندس جسماني حواسن ذريعي معروضي خارجي دنيا جي احساس سان حاصل ٿيندو آهي. جيڪو شخص اهڙي احساس کان، سڌي سنئين تجربي کان يا حقيقت کي تبديل ڪرڻ واري عمل ۾ بذات خود شريڪ ٿيڻ کان انڪار ٿو ڪري، اهو ماديت پسند نه آهي. اها ئي وجهه آهي ته (عالمِ ڪُل) کِل جوڳو هوندو آهي. هڪ پراڻي چيني چوڻي آهي ته ”شينهن جي ڏر ۾ داخل ٿيڻ کان سواءِ شينهن جا ٻچا ڪيئن ٿا پڪڙي سگهجن؟“ هيءَ چوڻي انسان جي عمل تي به پوري لهي ٿي ۽ علم جي نظريي تي به. عمل کان جدا ٿي ڪري ڪو علم حاصل نٿو ڪري سگهجي. حقيقت کي تبديل ڪرڻ واري عمل جي بنياد تي حاصل ٿيندڙ ڄاڻ جي جدلياتي مادي حرڪت جي وضاحت لاءِ يعني ڄاڻ جي گهرائي، اونهائي يا ئوس پٽي ڏانهن حرڪت جي وضاحت لاءِ ڪجهه وڌيڪ ٺوس مثال هيٺ ڏجن ٿا.

پنهنجي عمل جي پهرين دور ۾ يعني مشينون ٽوڙڻ ۽ خودرو جدوجهد جي دور ۾ پرولتاري طبقو سرمائيداري سماج بابت پنهنجي علم ۾ محض ڄاڻ جي محسوساتي مرحلي تي هو، هو صرف

سرمائيداري سماج جي لقائن جا چند پهلو ۽ خارجي تعلقن کان واقف هو. پرولتاري طبقو ان وقت تائين صرف ”طبقو بالذات يا پنهنجو پاڻ ۾ طبقو“ (Class in it self) هو. (يعني طبقو هجڻ جي حيثيت ۾ هُن کي پنهنجي طبقاتي وجود يا مفادن جي ساڄاهه نه هئي: سنڌيڪار) پر هو پنهنجي عمل جي ٻئي دور ۾ داخل ٿيو ته هو سرمائيداري سماج جي جوهر، سماجي طبقن جي وچ ۾ موجود استحصالي رشتن ۽ خود پنهنجي تاريخي فرض کي سمجهڻ جي قابل ٿي ويو ۽ ان کي اهو علم خود پنهنجي عمل، پنهنجي ڊگهي جدوجهد جي تجربي مان ئي حاصل ٿي سگهيو. مارڪس ۽ اينگلس ان ئي تجربي جي هر پاسي کي سائنسي طريقي سان چنڊي ڇاڻي پرولتاري طبقي جي تعليم لاءِ مارڪسزم جي نظريي جي جوڙجڪ ڪئي. ان کان پوءِ ئي پرولتاري طبقو ”پاڻ پنهنجي لاءِ طبقو“ (Class for itself) ٿي سگهيو. هر اها شيءَ جيڪا ”پنهنجي پاڻ“ ۾ هوندي يا جيئندي آهي اها ساڳئي وقت ٻين لاءِ جئندي آهي جڏهن ته ”پنهنجي لاءِ“ هجڻ يعني پنهنجي ذات ۽ مفادن جو شعور هجڻ ۽ ان جو اعلان ڪرڻ: سنڌيڪار)

چيني عوام کي سامراج جي باري ۾ علم به ان ئي ريت حاصل ٿيو. پهريون مرحلو سطحي محسوساتي علم جو مرحلو هو، جنهن جو اظهار ”تائپنگ“ واري آسماني سلطنت“ ۽ ”اي- هُو- توان“ جهڙن تحريڪن ۾ بنا ڪنهن فرق جي سڀني ٻاهرين ملڪن خلاف جدوجهد جي صورت ۾ ٿيو هو. اها ڳالهه صرف ٻئي مرحلي ۾ ئي ممڪن ٿي ته چيني عوام عقلي علم جي مرحلي ۾ پهتو. ان وقت هنن سامراج جي داخلي ۽ خارجي تضادن کي سمجهيو ۽ ان حقيقت کي به ڄاڻي ورتو ته سامراج چيني عوام کي ظلم، جبر ۽ ڦرلٽ جو شڪار رکڻ لاءِ چين جي ڇاڙتو جاگيردار طبقن سان اتحاد قائم ڪري ويٺو آهي. ان علم جي ابتدا 1919ع جي 4 مئي تحريڪ جي لڳ ڀڳ ٿي.

اچو هاڻ جنگ بابت غور ڪريون. جيڪڏهن اهي ماڻهو جيڪي جنگ جي رهنمائي ڪندا آهن، جنگ جو ڪو تجربو ئي نه رکندا هجن ته اهي ابتدائي مرحلي ۾ ڪنهن خاص جنگ (مثال طور اسان جي پوئين ڏهن سالن واري هارين جي انقلابي جنگ) جي رهنمائي ڪرڻ وارن پيچيده قانونن کي نه سمجهي سگهندا. ابتدائي مرحلي ۾ انهن کي صرف لڙائي ڪرڻ جو گهڻو تجربو حاصل ٿيندو ۽ ان کان اڳتي اهو ته انهن کي گهڻين ناڪامين کي سهڻو پوندو. پر اهو تجربو (ڪٿيل لڙائين ۽ خاص ڪري هارايل لڙائين جو تجربو) انهن کي ان قابل ناهي ڇڏي ٿو ته هو پوري جنگ جا اندروني لاڳاپا يعني انهن جا خاص قانون سمجهن، ان جي حڪمت عملي ۽ تدبير کي سمجهن ۽ اهڙي طرح نهايت ئي اعتماد سان جنگ جي رهنمائي ڪن. جيڪڏهن اهڙي موقعي تي جنگ جي ڪمان ڪنهن غير تجربيڪار ماڻهو جي حوالي ڪئي وڃي ته هو به ڪوڙ سارين ناڪامين کانپوءِ (تجربو حاصل ڪرڻ کانپوءِ) جنگ جي حقيقي قانون کي سمجهي سگهندو.

جڏهن ڪو ڪامريڊ ڪنهن ذميداري کي قبول ڪرڻ ۾ گهٻراهٽ محسوس ڪندو آهي ته اڪثر اهڙي قسم جا جملا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ته ”مون کي يقين ناهي ته مان هن ڪم کي پورو ڪري سگهندس“ هو پاڻ بابت ان بي يقيني واري ڪيفيت ۾ ڇو مبتلا هوندا آهن؟ ان ڪري ته هن کي ان ڪم جي خاصيتن ۽ حالتن سان باقاعده واقفيت ناهي هوندي يا ان ڪري ته هُن جو اهڙي نوعيت جي ڪم سان اڳ ۾ تمام ٿورو واسطو پيو هوندو آهي يا بلڪل ناهي پيل هوندو، تنهنڪري ان ڪم بابت قانون هن جي علم کان ٻاهر هوندا آهن. ان ڪم جي نوعيت ۽

حالتن جو تفصيلي تجزيو ڪرڻ ڪانپوءِ ئي هو پنهنجي پاڻ ۾ گهربل اعتماد محسوس ڪندو ۽ ان ڪي خوشيءَ سان ڪندو. جيڪڏهن هو ان ڪم تي ڪجهه وقت خرچ ڪندو ۽ تجربو حاصل ڪندو ۽ جيڪڏهن هو هڪ اهڙو شخص آهي جيڪو ڪليل ذهن سان مامرن جي چنڊ ڇاڻ ڪرڻ تي راضي آهي ۽ اهڙو شخص ناهي جيڪو مسئلن کي موضوعي، يڪ طرفو ۽ سطحي انداز سان سمجهي ٿو ته هو پاڻ ئي اهو نتيجو اخذ ڪري سگهندو ته ان ڪم کي ڪهڙي ريت سرانجام ڏئي، اهڙي طرح هو وڏيڪ جرئت مندي سان اهو ڪم ڪري سگهندو. صرف اهي ماڻهو جيڪي مسئلن جو موضوعي، يڪ طرفو ۽ سطحي اندازو لڳائيندا آهن، حالتن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ شين کي مڪمل طور (يعني انهن جي تاريخ ۽ مجموعي حيثيت ۾ انهن جي موجوده ڪيفيت) جانچڻ کان سواءِ ۽ شين جي جوهر (يعني انهن جي نوعيت هڪ شيءِ جي ٻيءَ سان باهمي داخلي تعلق) کي سمجهڻ بغير، هڪدم خودرو حڪم جاري ڪندا آهن، اهڙا ماڻهو يقينن منهن پر اچي ڪرندا آهن.

اهڙي ريت اها ڳالهه واضح ٿي وڃي ٿي ته ڄاڻ جو سلسليوار عمل ۾ پهريون قدم اهو آهي ته خارجي دنيا جي شين سان رابطو پيدا ڪيو وڃي. اهو احساس جو مرحلو آهي. ٻيو قدم اهو آهي ته حواسن ذريعي حاصل ٿيل ڄاڻ جي ترتيب ڏجي ۽ نئين سري سان ترڪيب جي ذريعي ڪيس ڳنڍيو وڃي، هي تصور، فيصلي ۽ نتيجي جو مرحلو آهي. حواسن ذريعي حاصل ڪيل ڄاڻ ان وقت ئي صحيح تصورن ۽ نظرين کي قائم ڪرڻ جي بنياد بڻجي سگهي ٿي جڏهن اها وسيع ۽ جامع هجي ۽ حقيقت سان مطابقت رکندي هجي. هتي ٻن اهم نڪتن تي زور ڏيڻ ضروري آهي. پهريون جنهن جو ذڪر مٿي ڪيل آهي پر ان جو ورجاءُ بي معنيٰ نه هوندو. اُهو اِهو ته عقلي علم جو انحصار محسوساتي علم تي هوندو آهي. جيڪو ماڻهو اهو سمجهي ٿو ته عقلي علم لاءِ اهو ضروري ناهي ته اُهو محسوساتي علم سان حاصل ڪيو وڃي، اُهو تصوريت پسند آهي.فلسفي جي تاريخ ۾ هڪ ”عقليت پسند“ مڪتب فڪر آهي جيڪو صرف عقل جي حقيقت کي تسليم ڪري ٿو ۽ تجربي جي حقيقت کي تسليم نٿو ڪري، اهو صرف عقل کي قابل اعتماد مڃي ٿو، ان وٽ محسوساتي تجربو قابل اعتماد ناهي. اهو مڪتب فڪر حقيقت کي ”ابتو بيهاري جانچڻ“ جي غلطي ڪري ٿو. عقلي علم صرف تڏهن ئي اعتماد جي قابل آهي جڏهن سندس ماخذ حَسي علم هوندو آهي، ٻي صورت ۾ هي اهڙي دريا جيان هوندو جنهن جو ڪو منڍ نه هجي يا اهڙي وڻ مثل هوندو جنهن جون پاڙون نه هجن، اهڙو علم موضوعي، ۽ اعتماد جوڳو نه هوندو. جيستائين ڄاڻ حاصل ڪرڻ جي سلسليوار عمل جو تعلق آهي، ان منجهه محسوساتي تجربو سڀ کان پهريان اچي ٿو. اسان ڄاڻ جي تدريجي عمل ۾ سماجي عمل جي اهميت تي صرف ان لاءِ زور ڀريندا آهيون ته صرف سماجي عمل ئي انساني علم کي جنم ڏئي سگهي ٿو ۽ صرف ان بنياد تي انسان معروضي خارجي دنيا منجهان محسوساتي تجربي کي حاصل ڪري سگهي ٿو. جيڪو شخص پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏي، ڪنن ۾ ڪپهه وجهي ڇڏي ۽ معروضي ۽ خارجي دنيا سان بلڪل تعلق ختم ڪري ڇڏي، اهو ڪوبه علم حاصل نٿو ڪري سگهي. علم جي ابتدا تجربي سان ٿيندي آهي. اهي ئي علم ان جي نظريي جا مادي بنياد آهن.

ٻيو نڪتو آهي ته علم ۾ اونهائي پيدا ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي يعني علم

کي محسوساتي مرحلي مان عقلي مرحلي تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي. اها علم جي نظريي جي جدليات آهي.[5] اهو چوڻ ”تجربيت پسندي“ جي تاريخي غلطي کي دهرائڻ برابر هوندو ته علم پهرين مرحلي يعني محسوساتي مرحلي تي خودمختار نموني بيهي سگهي ٿو ۽ اهو ته محسوساتي علم ئي اعتماد جوڳو آهي ۽ عقلي علم تي اعتماد نٿو ڪري سگهجي. ان نظريي جي غلطي اهو نه سمجهڻ ۾ آهي ته جيتوڻيڪ محسوساتي ڄاڻ معروضي خارجي دنيا جي ڪجهه حقيقتن جي عڪاسي ڪندي آهي (مان هتي تصوري تجربيت جي ڳالهه نٿو ڪريان جيڪا تجربي کي صرف باطني تجربي تائين محدود ڪري ڇڏيندي آهي) صرف هڪ طرفي ۽ سطحي هوندي آهي، شين جي اڌوري عڪاسي ڪندي آهي ۽ انهن جي جوهر تائين ناهي پهچندي. ڪنهن شيءِ جي مجموعي طور تي ڀرپور عڪاسي ڪرڻ لاءِ، ان جي جوهر کي پرکڻ لاءِ ۽ ان جي خاص داخلي قانونن کي ڄاڻڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته فڪر کي استعمال ڪندي حسياتي تجربي سان حاصل ڪيل وسيع ۽ ابتدائي ڄاڻ کي شروع کان ئي گڏ ڪيو وڃي، غير ضروري شين کي ڪڍي ۽ اصل شيءِ کي رکيو وڃي، سچ ۽ ڪوڙ ۾ فرق ڪندي هڪ شيءِ کان ٻي شيءِ طرف، ظاهر کان باطن طرف هلجي ته جيئن تصورن ۽ نظرين جو هڪ سرشتو ٺهي وڃي. ان سچي عمل لاءِ تمام ضروري آهي ته محسوساتي ڄاڻ کان عقلي علم طرف ڇال ڏني وڃي اهڙو علم کوکلو ۽ ناقابل اعتماد ناهي هوندو. ڄاڻ جي سلسليوار عمل ۾ عمل جي بنياد تي جيڪو ڪجهه سائنسي طريقي سان گڏ ڪيو ويندو آهي، اهو بقول لينن معروضي حقيقت جي وڌيڪ گهري، وڌيڪ سچي ۽ مڪمل عڪاسي آهي. ٻئي پاسي نالي

ڇڙهيا ”عملي ماڻهو“ تجربي کي ئي سڀ ڪجهه سمجهندا آهن ۽ نظريي کي اهميت ناهن ڏيندا. تنهنڪري سندن نظر ڪنهن معروضي سلسليوار عمل جو مڪمل گهيرو نٿي ڪري سگهي. سندن ڪوبه مقرر قبلو ناهي هوندو. انهن جي نظر منجهه دور انديشي ناهي هوندي. اهي وقتي ڪاميابين ۽ حقيقت جي معمولي جهلڪين منجهان ئي مطمئن ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن اهڙن ماڻهن کي انقلاب جي رهنمائي ڏجي هو ان کي ڪنهن اونداهي غار ڏانهن ئي وٺي ويندا.

عقلي علم جو انحصار محسوساتي علم هوندو آهي ۽ محسوساتي علم کي عقلي علم ۾ تبديل ڪرڻ ضروري هوندو آهي. اهو علم جو مادي جدلياتي نظريو آهي. فلسفي ۾ نه ته ”عقليت“ علم جي تاريخي يا جدلياتي نوعيت کي سمجهي سگهي آهي ۽ نه ”تجربيت“ (Empiricism) جيتوڻيڪ ٻنهي مڪتب ۾ صداقت جو هڪ پهلو موجود آهي. (منهنجي مراد مادي عقليت ۽ تجربيت سان آهي، تصوري عقليت ۽ تجربيت سان نه) پر ڄاڻ ۽ علم جي نظرئي جي مجموعي تجربي ۾ ٻئي غلط آهن. (ٻئي پاسي علم ۽ ڄاڻ جو مادي- جدلياتي نظريو ننڍي ۾ ننڍي شيءِ يا ڪم کان ويندي پوري سماج ۽ انقلاب جهڙين وڏين ۽ منجهيل شين جو پڻ مڪمل ۽ گهڻ رُخي تجزيو پيش ڪري ٿو.) (محسوساتي علم کان عقلي علم ڏانهن جدلياتي ماديت جي حرڪت، ڄاڻ جي ڪنهن معمولي تدريجي عمل جي باري ۾ صحيح آهي (مثال ڪنهن شيءِ يا ڪم ڪٿي ڄاڻڻ) يا ڄاڻ جي ڪنهن وڏي تدريجي عمل جي باري ۾ به صحيح آهي (مثال جي طور تي ڪنهن مڪمل سماج يا ڪنهن انقلاب کي ڄاڻڻ)

پر علم ۽ عقل جو سفر اتي ختم ناهي ٿيندو. جدلياتي ماديت مطابق جيڪڏهن علم جو سفر عقلي علم تي اچي

ڪري بيهي وڃي ته صرف اڌ مسئلو حل ٿيندو. جيستائين مارڪسي فلسفي جو تعلق آهي ته هي اڌ حصو به نسبتاً گهٽ اهميت جي قانونن کي سمجهڻ ۽ اهڙيءَ ريت ان جي تشريح ڪرڻ جي قابل ٿيڻ بنيادي مسئلو ناهي، پر سڀ کان اهم مسئلو اهو آهي ته دنيا کي سرگرمي ۽ عمل ذريعي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي) مارڪسي نقطئه نظر کان نظريو اهم آهي ۽ ان جي اهميت جو اظهار لينن جي ان ڳالهه مان پوريءَ طرح ٿئي ٿو ته ”انقلابي نظريي کانسواءِ ڪابه انقلابي تحريڪ نٿي پيدا ٿي سگهي“(6) پر مارڪسزم نظريي جي اهميت تي صرف ۽ صرف ان لاءِ زور ڏئي ٿو جو اهو عمل جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن اسان وٽ ڪو صحيح نظريو هجي پر اسان صرف ان بابت لفظ خرچ ڪندا رهون، ان کي پاسي تي رکي ڇڏيون ۽ ان مطابق عمل نه ڪريون ته اهڙي نظريي جي، ڀلي اهو ڪيترو ئي سٺو ڇو نه هجي، ڪابه اهميت نه هوندي. علم جي ابتدا عمل سان ٿيندي آهي ۽ علم کي، جيڪو عمل جي ذريعي حاصل ٿيندو آهي، وري عمل ڏانهن موٽڻ کپي. علم جو عملي ڪم نه صرف پنهنجي پاڻ کي محسوساتي علم کان عقلي علم ڏانهن عملي چال ۾ ظاهر ڪرڻ آهي (پر عقلي علم کي اڳتي وڌائي، چال ڏئي پنهنجو پاڻ انقلابي تبديليءَ ۾ پڻ ظاهر ڪرڻ آهي) جنهن علم ذريعي دنيا جي قانونن تي دسترس حاصل ٿئي، ان جو رخ دنيا کي تبديل ڪرڻ جي عمل ڏانهن موڙڻ گهرجي. ان علم کي نئين سري سان پيداواري عمل، انقلابي طبقاتي جدوجهد، انقلابي قومي جدوجهد ۽ سائنسي تجربي جي عمل ۾ آڻڻ کپي. اهو نظريي کي پرکڻ ۽ ترقي ڏيڻ جو سلسليوار عمل آهي اهو ڄاڻ جي پوري عمل جو ئي تسلسل آهي. احساس کان عقل ڏانهن علم جي مٿي ذڪر ڪيل ترقيءَ دوران اِهو مسئلو ته ڇا نظريو معروضي حقيقت سان مطابقت رکي ٿو يا نه، پوري طرح حل نٿو ٿئي ۽ نه ئي ٿي سگهي ٿو. ان مسئلي کي پوريءَ طرح حل ڪرڻ جو واحد طريقو اهو آهي ته عقلي علم جو رخ سماجي عمل ڏانهن موڙيو وڃي، (نظرئي کي عمل منجهه پرکڻ گهرجي) ۽ اهو ڏٺو وڃي ته ان مان گهربل مقصدن جي تڪميل ٿئي ٿي يا نه. فطري سائنس جي گهڻن نظرين کي صحيح تصور ڪيو ويندو آهي، ان جو سبب صرف اهو ناهي ته جڏهن فطري سائنسدانن انهن علمن جو بنياد وڌو هو ان وقت ئي انهن کي صحيح تصور ڪيو ويو هو، پر ان جو سبب اهو آهي ته سندن پيش ٿيڻ کانپوءِ ٿيندڙ چڪاس ۽ سائنسي عمل دوران انهن جي تصديق ٿي چڪي آهي. اهڙي ريت مارڪسزم- لينن ازم کي صحيح تصور ڪيو ويندو آهي ته ان جو سبب به صرف اهو ناهي ته جڏهن مارڪس، اينگلس، لينن ۽ اسٽالن سائنسي طريقي سان ان جي جوڙجڪ ڪئي هئي تنهن وقت ئي ان نظريي کي صحيح تصور ڪيو ويو هو پر ان جو سبب اهو آهي ته بعد ۾ انقلابي طبقاتي جدوجهد ۽ قومي جدوجهد جي عمل دوران ان جي تصديق ٿي چڪي آهي. جدلياتي ماديت عالمگير صداقت آهي ڇو ته عمل جي ميدان ۾ ڪوبه ماڻهو هڪ ان جي حدن کان ٻاهر نٿو رهي سگهي. انساني علم جي تاريخ اسان کي ٻڌائي ٿي ته گهڻن نظرين جي صداقت نامڪمل هوندي آهي ۽ انهن جي اڻپورائي جو تدارڪ عملي چڪاس سان ئي ٿيندو آهي. ڪوڙ سارن نظرين ۾ ڪوتون هونديون آهن ۽ صرف عمل جي ڪسوٽي تي پرکڻ کانپوءِ ئي انهن جي غلطين جو ازالو ٿيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو عمل سچائيءَ جي ڪسوٽي

آهي ۽ اها وجه آهي جنهنڪري لينن چيو ته ”زندگي بابت نقطئه نظر، عمل بابت نقطئه نظر ڪي علم جي نظريي ۾ اول ۽ بنيادي حيثيت حاصل هجڻ ڪپي“[7] اسٽالن چا خوب چيو آهي ته ”جيڪڏهن نظريي جو تعلق عمل سان نه هجي ته اهو بي مقصد ٿي ويندو آهي، بلڪل ائين جيئن انقلابي نظريي جي روشني نه هجي ته عمل اونداهي ۾ هٿوراڙيون هڻندو رهندو.“[8] پر سوال اهو آهي ته جيڪر اسان ان نقطي تي پهچي به وڃون ته چا علم مڪمل ٿي وڃي ٿو؟ ان جو جواب اهو آهي ته مڪمل ٿي به وڃي ۽ نه به. (فرد جڏهن سماج اندر ڪنهن خارجي لقاءُ (فطري توڙي سماجي) کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ته هڪ ڏاڪي تي پهچي هو پنهنجي ذاتي تجربي ۽ ان خارجي لقاءُ جي سندن ذهنن تي پوندڙ اثر ذريعي پنهنجي علم کي محز حسياتي چاڻ منجهان هڪ تڪيل توريل ۽ عقلي تجربي ۾ تبديل ڪري سگهن ٿا ۽ اهڙا خيال، منصوبا ۽ نظريا جوڙي سگهن ٿا جيڪي ان خارجي عمل جي قانونن سان ٺهڪاءُ ۾ هجن) (جڏهن سماج جا فرد ڪنهن خاص معروضي تدريجي عمل (خواه اهو فطري هجي يا سماجي) جي ارتقا جي ڪنهن خاص مرحلي ۾ ان معروضي تدريجي عمل کي تبديل ڪرڻ لاءِ عمل پيرا ٿيندا آهن ته هو پنهنجي ذهنن تي ان معروضي عمل جو عڪس ۽ پنهنجي شعوري مؤثر ڪردار کي استعمال آڻڻ جي بنياد تي پنهنجي علم کي محسوساتي کان عقلي مرحلي ۾ پهچائي سگهن ٿا ۽ اهڙا خيال، نظريا، منصوبا يا پروگرام گڏ ڪري سگهن ٿا جيڪي عمومي طور تي ان معروضي تدريجي عمل جي قانونن سان مطابقت رکندا هجن.) پوءِ هو انهن خيالن، نظرين، منصوبن يا پروگرامن کي ان ئي معروضي صورتحال ۾ عمل هيٺ آڻيندا آهن ۽ جيڪڏهن هو ان طرح گهربل مقصد حاصل ڪري سگهن، يعني جيڪڏهن هو ان ئي عمل دوران اڳواٽ ٺاهيل خيالن، نظرين، منصوبن کي حقيقت جي سانچي ۾ سموئي وڃن ته اهو چئي سگهجي ٿو ته ان خاص عمل جي حد تائين علم جي ترقي مڪمل ٿي وئي. مثال طور فطرت کي تبديل ڪرڻ دوران، انجنيئرنگ جي ڪنهن منصوبي جي تڪميل، ڪنهن سائنسي مفروضي جي تصديق، ڪنهن اوزار جي تياري يا فصل جو لابارو يا سماج کي تبديل ڪرڻ جي عمل دوران ڪنهن هڙتال جي ڪاميابي، ڪنهن جنگ ۾ ڪاميابي يا ڪنهن تعليمي منصوبي جي ڪاميابي، اهي تمام شيون گهربل مقصدن جي تڪميل سمجهي سگهجن ٿيون پر عام طور تي ڏسڻ ۾ آيو آهي ته فطرت کي تبديل ڪرڻ جي عمل دوران يا سماج کي تبديل ڪرڻ جي عمل دوران، ماڻهن جا ابتدائي خيال، نظريا، منصوبا يا پروگرام (تبديلين يا عملي سڌارن ڪانسواءِ تمام گهٽ ئي پورا ٿي سگهندا آهن. ان جو سبب اهو آهي ته حقيقت کي تبديل ڪرڻ جي جُهد ۾ مصروف ماڻهو پنهنجي دؤري حالتن تائين ئي محدود هوندا آهن (ڪين اچا مستقبل ۾ ايندڙ شين جو تجربو ناهي هوندو: ليڪڪ) هو نه صرف سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي طور پر خود تبديليءَ جي ان عمل ۾ ڪنهن خاص وقت ۾ موجود حالتن ڪري پڻ محدود هوندا آهن (چاڪاڻ ته ان وقت تائين ان عمل جا سارا پهلو ۽ سندس جوهر مڪمل انداز ۾ ظاهر ناهي ٿي سگهندو) ان ڪري ئي تبديليءَ جي ان عمل دؤران حالتن جي سلسليوار اؤسر ڪري خيالن، نظرين، منصوبن يا پروگرامن ۾ عموماً جزوي يا ڪڏهن ڪڏهن ڪُلي طور تبديلي ڪرڻي پوندي آهي.) يعني ائين ٿيندو آهي ته ابتدائي خيال، نظريا، منصوبا جزوي يا ڪلي طور تي حقيقت سان

مطابقت ناهن رکندا. اهي جزوي يا ڪلي طور تي غلط هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن مسلسل ناڪامين کي منهن ڏيڻ کانپوءِ ئي وڃي علم جي کوٽن جو پورائو ڪري سگهبو آهي. اهڙي طرح ئي موضوع کي معروض ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو يعني عمل دوران گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا. (پر جڏهن تبديليءَ جي ان عمل دؤران ذڪر هيٺ حقيقت يا لقاءُ تبديل ٿي وڃي (۽ اهو مخصوص عمل پورو ٿئي) تڏهن ان مخصوص ۽ دؤري لقاءُ بابت انسان جي ڄاڻ کي مڪمل سمجهبو)

(بحرحال! جيستائين سوال آهي معروضي حقيقت جي مجموعي ارتقا جو ته اهو عمل ڪڏهن به بيهي ڪونه ٿو ۽ ان بابت انساني علم مڪمل نه ٿو ٿئي.) معروضي عمل، ڀلي اهو فطري هجي يا سماجي، پنهنجي اندروني تضادن ۽ ڪشمڪش سبب اڳتي وڌندو ۽ ترقي ڪندو رهي ٿو، انساني علم کي به ان سان گڏ اڳتي وڌڻ يا ترقي ڪرڻ گهرجي. جيستائين سماجي تحريڪن جو تعلق آهي، (سچن انقلابي رهنمائن کي نه صرف حالتن جي اؤسر ڪري سندن خيالن، نظرين يا منصوبن ۾ ظاهر ٿيندڙ کوٽن کي پوري ڪرڻ جو ڏانءُ هجي، پر ان سان گڏوگڏ مجموعي تبديليءَ جي عمل دؤران جڏهن ڪو مخصوص عمل ترقي ڪري هڪ مرحلي کان ٻئي مرحلي ۾ داخل ٿئي ته وٽن پنهنجي ۽ پنهنجي ساٿين جي ان مخصوص عمل بابت ڄاڻ ۽ گهربل واڌاري جي اهليت پڻ هجي.) يعني انهن کي ان ڳالهه کي يقيني بنائڻ گهرجي ته مقرر ڪيل نوان انقلابي فرض ۽ نوان عملي پروگرام صورت حال ۾ نئين تبديلي سان مطابقت رکن، انقلابي دور ۾ صورت حال گهڻي تيزي سان تبديل ٿيندي آهي. جيڪڏهن انقلابن جي علم ۾ تبديل ٿيندڙ صورتحال مطابق ايتري ئي تيزي سان تبديلي واقع نه ٿيندي ته اهو انقلاب کي منزل تائين نه پهچائي سگهندو.

تنهن هوندي به اڪثر ائين ٿيندو آهي ته سوچ ۽ فڪر حقيقت کان پويان رهجي ويندو آهي، ان جو سب اهو هوندو آهي ته انسان جي ڄاڻ ڪوڙ سارين سماجي حالتن ڪري محدود بڻيل هوندي آهي. اسان انقلابي صفن ۾ اهڙن ڪٽرپڻي جي خلاف آهيون جن جو فڪر بدلجندڙ معروضي حالتن سان گڏ اڳتي ناهي وڌندو ۽ انهن ماڻهن جي اهڙي روش تاريخي اعتبار کان ساڄي ڌر جي متوقع پرستي جو اظهار هوندي آهي. اهڙا ماڻهو اها ڳالهه سمجهڻ کان معذور هوندا آهن ته تضادن جي ڪشمڪش معروضي عمل کي اڳتي وڌائي ڇڏيو آهي پر انهن جو علم پراڻي مرحلي تي ئي بيٺو آهي. انتهائي ڪٽر ماڻهن جي فڪر جي اها ئي خصلت آهي. سندن فڪر جو سماجي عمل سان ڪوبه تعلق ناهي هوندو ۽ اهي اڳتي وڌي سماج جي قافلي جي رهنمائي نٿا ڪري سگهن، اهي پويان پويان ئي هلندا رهندا آهن، اهي بڙ بڙ ڪندا رهندا آهن ته هي ڏاڍا تيز پيا وڃن ۽ قافلي کي پوئتي ڇڪڻ يا غلط/ ابتي طرف موڙڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن.

اسان "کاٻي ڌر" جي لفاظي جي به خلاف آهيون. "کاٻي ڌر جي ماڻهن" جو فڪر معروضي عمل جي سلسليوار ارتقا جي خاص مرحلي کان اڳتي نڪري ويندو آهي، انهن مان ڪجهه پنهنجي وهمن کي صداقت سمجهندا آهن ۽ ڪجهه موجوده حالتن ۾ هڪ اهڙو مقصد حاصل ڪرڻ جي فضول ڪوشش ڪندا آهن جنهن جي حاصلات مستقبل ۾ ئي ممڪن هوندي آهي. اهي عوام جي اڪثريت جي موجوده عمل ۽ پنهنجي زماني جي حقيقتن کان لنوائيندا آهن ۽ پنهنجي عملن ۾ مهم

جوئيءَ (adventurism) جو مظاهرو ڪندا آهن.

خيال پرستي (Idealism) ۽ ميڪينڪي ماديت، موقع پرستي ۽ مهم جوئي (Adventurism) (اهي سڀ موضوع ۽ معروض ۽ علم ۽ عمل جي وچوٽي جا اهڃاڻ آهن ۽ هڪ سائنسي ۽ سماجي ۽ عملي علم هجڻ جي ناتي علم جو مارڪسي- ليننني نظريو انهن سڀني خيالن کي رد ڪندي سندن مخالفت ڪري ٿو)

(مارڪسوادين جو مڃڻ اهو آهي ته ڪائنات جي ارتقا جي مجموعي ۽ عمومي سلسلي ۾ هر خاص ۽ وقتي لقاءُ يا عمل جي ارتقا اضافي (Relative) آهي. ان ڪري دائمي حقيقت ۾ ٿيندڙ مستقل تبديلين سبب ماڻهو جي ڪنهن خاص وقت تي ڪنهن خاص عمل بابت ڄاڻ محض اضافي سچ (Relative Truth) آهي ۽ اهڙن لامحدود اضافي سچن (Relative Truth) جو جوڙ ئي مطلق سچ آهي)(9) معروضي عمل جي ارتقا تضادن ۽ ڪشمڪش سان ٿيندي آهي ۽ اهو ئي حال انساني علم جي ارتقا جو به آهي. معروضي دنيا جون جدلياتي تبديليون جلد يا دير انساني علم ۾ اظهارجنديون، سماجي عمل ۾ ڪنهن شيءِ جي وجود ۾ اچڻ، وڌڻ ويجهڻ ۽ ختم ٿي وڃڻ جو عمل لامحدود آهي، اهڙي طرح انساني علم ۾ به شين جي وجود ۾ اچڻ، وڌڻ ويجهڻ ۽ ختم ٿي وڃڻ جو عمل لامحدود آهي. جيئن جيئن انسان جو عمل، جيڪو معروضي حقيقت کي ڪجهه خاص خيالن، نظرين، منصوبن، يا پروگرامن مطابق تبديل ڪري ٿو، اڳتي وڌندو رهي ٿو. تيئن تيئن انسان جو معروضي حقيقت بابت علم به گهري کان گهرو ٿيندو ويندو آهي. معروضي دنيا ۾ تبديلي جو سلسلو ڪڏهن ختم ناهي ٿيندو ۽ اهڙي طرح انسان، عمل جي ذريعي، صداقت جي جيڪا ڄاڻ حاصل ڪندو آهي ان جو سلسلو به لامحدود آهي. مارڪسزم- لينن ازم سچ جي سڀني ممڪن ذخيرن جو ڪو گهيرو ناهي ڪري ڇڏيو، پر اهو عمل دوران سچ جو علم حاصل ڪرڻ لاءِ مسلسل راهون کوليندو رهندو آهي. اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته موضوع ۽ معروض، نظريي ۽ عمل ۽ ڄاڻڻ ۽ ڪرڻ جي وچ ۾ ٺوس ۽ تاريخي ڳانڍاپو آهي ۽ اسان انهن تمام غلط نظرين (ڀلي اهي "ڪاٻي ڌر" جا هجن يا ساڄي ڌر جا) جي خلاف آهيون جيڪي تاريخ جا انڪاري آهن.

سماجي ارتقا جي موجوده دور ۾ تاريخ دنيا کي صحيح طور تي سمجهڻ ۽ ان کي تبديل ڪرڻ جي ذميواري پرولتاري ۽ سندس پارٽي تي رکي آهي. اهو سلسلو يعني دنيا کي تبديل ڪرڻ جو عمل جنهن جو تعين سائنسي علم مطابق ٿيندو آهي، دنيا ۽ چين ۾ هڪ تاريخي گهڙيءَ تائين اچي پهتو آهي. اهو هڪ اهڙو عظيم دؤر آهي جنهن جو مثال انساني تاريخ ۾ نٿو ملي. اهو دؤر دنيا ۽ چين مان اونداهي جو مڪمل خاتمو ڪرڻ ۽ دنيا کي هڪ اهڙي روشن دنيا ۾ تبديل ڪرڻ جو دؤر آهي، جنهن جو پهريان ڪڏهن ڪوئي وجود نه هو. هي پرولتاري ۽ انقلابي عوام جي دنيا آهي جيڪا اڳ ۾ ڪڏهن به موجود نه رهي آهي. پرولتاري طبقي ۽ انقلابي عوام جي دنيا کي تبديل ڪرڻ جي جدوجهد جو دارومدار معروضي دنيا کي تبديل ڪرڻ ۽ ان سان گڏ پنهنجي موضوعي دنيا ۾ به تبديلي پيدا ڪرڻ، پنهنجي ڄاڻ جي صلاحيت وڌائڻ ۽ موضوعي ۽ معروضي دنيا وچ ۾ رشتن کي تبديل ڪرڻ جهڙن ڪمن جي پورائي تي آهي.

دنيا جي هڪ حصي يعني سوويت يونين ۾ اها تبديلي اچي چڪي آهي ۽ اتان جا ماڻهو تبديلي جي اِن عمل کي اڳتي وڌائي رهيا آهن. چيني عوام ۽ دنيا جو عوام به تبديلي جي ان عمل مان گذري رهيو آهي

يا مستقبل ۾ گذرندو جنهن معروضي دنيا کي تبديل ڪرڻو آهي ان ۾ اهڙا ماڻهو به موجود آهن جيڪي تبديليءَ جي خلاف آهن، اهڙي ماڻهن کي تبديل ٿيڻ لاءِ جبر جي مرحلي مان گذرڻو پوندو تڏهن وڃي رضاڪاراڻي ۽ شعوري تبديلي جي مرحلي ۾ پهچندا. جڏهن تمام انسانذات رضاڪاراڻي ۽ شعوري طور تي پاڻ کي ۽ دنيا کي تبديل ڪري ڇڏيندي، ان وقت عالمي ڪميونزم جو دور اچي ويندو.

عمل ذريعي سچ تائين پهچو ۽ پوءِ عمل ذريعي ئي سچ جي تصديق ڪريو ۽ ان کي ترقي وٺرايو. محسوساتي علم کان ابتدا ڪريو ۽ ان کي عمل ذريعي عقلي علم تائين پهچايو ۽ پوءِ عقلي علم کان شروعات ڪريو ۽ موضوعي ۽ معروضي دنيا، ٻنهي کي تبديل ڪرڻ لاءِ سرگرمي سان انقلابي عمل جي رهنمائي ڪريو. عمل، علم، وري عمل ۽ وري علم. اهو چڪر ڪڏهن ختم ناهي ٿيندو ۽ هر چڪر سان عمل ۽ علم جي سطح بلندي ٿيندي ويندي آهي. اهو ئي علم جو مادي-جدلياتي ۽ مڪمل نظريو آهي ۽ اهو ئي جدلياتي ماديت جي ڄاڻن ۽ ڪرڻ جي وحدت جو نظريو آهي.

تشريحون

(1) وي آئي لينن ”هيگل جي (علم منطق) جو خاڪو“
(2) ڪارل مارڪس ”فيورباغ جي متعلق مقالو“ ۽ وي آئي لينن (ماديت ۽ تجربي تنقيديت) باب ٻيو.
(3) سان ڪوئين اي ”لوڪوان-چنگ“ جو مشهور چيني ناول آهي.
(4) وي آئي لينن ”هيگل جي (علم منطق) جو خاڪو“.
(5) وي آئي لينن ”هيگل جي (علم منطق) جو خاڪو“. جنهن ۾ هن چيو آهي ته ”سمجهڻ لاءِ تجربي سان ابتدا ڪري سمجهڻ، مطالعو ڪرڻ ضروري آهي ۽ تجربيت سان ڪليت جي سطح تي پهچڻ ضروري آهي.“
(6) وي آئي لينن ”ڇا ڪرڻ ڪپي؟“ باب پهريون، حصو چوٿون.
(7) وي آئي لينن (ماديت ۽ تجربي تنقيديت) باب ٻيو.
(8) جي وي اسٽالن ”لينن- ازم جا بنياد“ وي آئي لينن (ماديت ۽ تجربي تنقيديت) باب ٻيو، حصو پنجون.

”چو“ ۽ ”ڪيئن“ جهڙن سوالن کان وانجهيل اسان جو سماج

ڪامريڊ آزاد ماڇي

Life without discourse in unworthy of man.

ترجمو: بحث مباحثي کانسواءِ گهاريل زندگي انسان جي شان وٽان نه آهي.



هي قيمتي لفظ اڄ کان تقريباً 2400 سال پهرين يونان جي ڏاهي سقراط جا چيل آهن. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته انسان جنهن سماج ۾ رهندو آهي اتي بحث مباحثو يا ڳالهه ٻولهه ڪرڻ هڪ عام رواجي عمل هوندو آهي. ان عمل کانسواءِ ته سماج قائم به رهي نه ٿو سگهي ۽ اهو به آهي ته اهڙي قسم جي بحثن يا روزمرهه جي ڳالهه ٻولهه ۾ چو ۽ ڪيئن جا سوال به شامل هوندا آهن. پر ڌيان طلب ڳالهه هيءَ آهي ته سڀ ڪجهه ائين هوندي به اها ڪهڙي قسم جي ڳالهه ٻولهه آهي جنهن طرف سقراط اسان جو ڌيان ڇڪرائڻ چاهي ٿو. اهو ته پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته سقراط جو اشارو ان ڳالهه ٻولهه طرف بلڪل به نه آهي جيڪي اسين هر روز گهرن ۾، مٽن مائٽن، دوستن سان ڪيون ٿا. جن ۾ لازمي طور چو ۽ ڪيئن جا سوال موجود هوندا آهن. هاڻي سمجهو ته سقراط جو بحث مباحثي ڏانهن اشارو ان ڳالهه ٻولهه طرف اشارو آهي جنهن جي مدد سان بحث دوران انسان پنهنجي موضوعي ۽ معروضي لقائن کي پرکي سگهي ٿو ۽ پنهنجي هجڻ (Being) کي شعوري طور سمجهڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿو. پنهنجي وجود جي داخلي ۽ خارجي لقائن کي سمجهڻ لاءِ ان ڳالهه ٻولهه جو هجڻ انتهائي اهم آهي جنهن ۾ ”چو“ ۽ ”ڪيئن“ جهڙن سوالن پڇڻ تي ڪابه پابندي نه هجي ۽ پوءِ نتيجي طور اسان اهڙي قسم جي زندگي گذارڻ جي لائق ٿي ويندا سين جيڪا هڪ انسان هجڻ جي شان وٽان هوندي آهي.

سقراط هڪ اهڙو فرد هو جنهن کي ڪثرت سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جي عادت هئي جنهن ۾ هو جواب گهٽ پر سوال تمام گهڻا پڇندو هو. سوال پڇڻ واري ان غير رواجي حرڪت جي ڪري ايٿنز جا عام شهري ۽ اتان جا نام نهاد دانشور ۽ ڏاها سقراط کان تمام گهڻو چڙيل رهندا هئا. پر هي جوان ايٿنز جي شهرين جي ڪابه پرواهه نه ڪندو هو ۽ راهه هلندي ملندڙ ماڻهو کان هن قسم جا سوال پڇڻ شروع ڪندو هو. جهڙوڪ: انصاف ڇا هوندو آهي؟ توهان ڪهڙي شيءِ کي حق سمجهو ٿا؟ ڏاهپ جي باري ۾ اوهان ڇا چوندا؟ ڇا پلا انسان ڌرتي، سج، چنڊ، تارن، جبلن، دريائن، وڻن ۽ جانورن کي ڇڏي ڪري ان ڳالهه تي سوچي سگهي ٿو ته هو پاڻ ڇا آهي ۽ مستقبل ۾ هو ڇا ٿي سگهي ٿو؟ يا جيڪڏهن توهان ايٿنز ۾ رهو ٿا ته پوءِ توهان هتان جي رياست کي ڪيئن ڏسو ٿا؟ پلا ائين چو آهي ته ڪي جنرل، وزير، مشير توهان تي حڪومت ڪن ٿا ۽ ڪي ننڍڙا واپاري، هاري ۽ مزدور پاڻ سان گڏ پنهنجي حاڪمن جو ۽ انهن جي ٻچن جو پيٽ پالن ٿا؟ پلا توهان ملڪ جي عدالت کي ڪيئن پرکيو ٿا. توهان کي لڳي ٿو ته عدالت غريبن کي انصاف ڏئي رهي آهي؟ توهان ڇا ٿا سمجهو ته جيڪڏهن اسان ڪا نئين اخلاقيات لاڳو ڪيون ان سان ڪي

مسئلا ته نه اٿندا؟ اهڙا ۽ ان جهڙا ڪوڙ سارا سوال ذهن ۾ ڪنيو سقراط ايٿنز جي گهٽين ۾ گهمندو هو ۽ مختلف سوال پڇي ماڻهن کي نئي طريقي سان شين کي سمجهڻ لاءِ اڪسائيندو هو. سقراط جي شروع ۾ لکيل جملي جو مفهوم ئي اهو آهي ته جيڪڏهن ڪوبه انسان مٿين پڇيل سوالن تي سوچڻ بغير سماج ۾ جي رهيو آهي ته پوءِ اها هڪ اهڙي زندگي آهي جيڪا ڪنهن جانور کي ته ضرور سونهي ٿي پر هڪ انسان کي هرگز نه!!! اهو ئي ڪارڻ آهي جو سقراط پنهنجي باري ۾ چوندو هو ته مان خدا جي طرفان موڪليل اهو وڏو مکو (godfly) آهيان جيڪو اگهور ننڊ ۾ سُتل سست گهوڙي (ايٿنز) کي اٿارڻ ۾ مصروف آهي.

خير! اهو ته هو ايٿنز جو سماج، پر جڏهن اسان پنهنجي معاشري تي نظر ڊوڙائينداسين ته اسان تي به واضح ٿي ويندو ته اسان جو سماج به اهڙي ئي اگهور ننڊ ۾ سُتل سست گهوڙو (اسان وٽ گهوڙا گهٽ آهن ۽ هتي گڏهه گهڻا ٿين پر گڏهه ويچارو هونئين گهڻو خوار ڪيو ويو آهي) آهي جنهن کي سقراط جهڙي وڏي مَکي جي اشد ضرورت آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن سماج ۾ اسين رهون پيا ان کي بيمار بڻايو ويو آهي. ظاهر ڳالهه آهي ته جيڪڏهن سماج بيمار هوندو ته ان جو اثر انهن فردن تي پوندو جيڪي ان ۾ رهن ٿا. نتيجتاً توهان کي هتي لکين اهڙا فرد ملندا جيڪي جسماني طور ته توهان کي صحتمند لڳندا پر ذهني طور بيمار، ايترا بيمار جو سقراط جي ڏنل سوالن تي، جيڪي لکيل آهن، انهن تي سوچڻ به وقت جو زيان سمجهندا. بيمار سماج کي شروعاتي ڏاڪي ۾ جنهن شيءِ جي ضرورت هجي ٿي اها صتحمند سوچ آهي (۽ صحتمند سوچ جي پهرين تقاضا پنهنجي بيمارين ڏانهن حقيقت پسند ٿيڻ آهي نه ڪي پنهنجي بيمارين کي ازل جو فيصلو يا زندگيءَ جو لازمي ڊنگ ڪري پيش ڪرڻ) ۽ اهڙي صحتمند سوچ تڏهن پيدا ٿي سگهي ٿي جڏهن اسان جي سماج ۾ سقراط جي ڏنل سوالن يا ان جهڙن ٻين سوالن جيان ”ڇو“ ۽ ”ڪيئن“ جا سوال گهڻي مقدار ۾ موجود هوندا.

پر توهان ڄاڻو ٿا ته اهڙي قسم جا سوال هتي اڻ لڀ آهن. اهڙا سوال جيڪي اسان کي ان نظام جي اصل حقيقت پسڻ ۾ مدد ڏئي سگهن ٿا جيڪو نظام صدين کان اسان کان آزاد ٿي جيئڻ جو حق ڪسيو ويٺو آهي. ٻين لفظن ۾ اسان کي سوچڻو ڪيئن آهي، ان جو حق به ان نظام پاڻ وٽ رکيو آهي. هتان جي عوام کي ڇا سوچڻو آهي ۽ ڪيئن سوچڻو آهي اهو ڪم عوام جو نه آهي. رياست ڪوڙ سارا ٽي وي چينلز، اخبارون ۽ مذهبي حضرات ان ڪارِ خير لاءِ ڇڏي ڏنا آهن. هاڻي عوام کي صرف انهن جي ٻڌايل سچ کي مڃڻو آهي. جيڪڏهن ڪير نه مڃيندو ته پوءِ ان کي ڪافر، ملحد، سي آءِ اي يا هندستان جو ايجنٽ قرار ڏئي، اهڙي طرح سوچڻ جو حق کسي وٺبو ۽ همراهه جيڪڏهن اڃا به نه ٿو سڌري ته پوءِ ساڳيا الزام هڻي ان کي گم ڪيو ويندو يا قتل ڪيو ويندو ۽ ڪوڙ سارن ماڻهن جي ڪنن تي جونءَ به ڪانه چُرندي. ان جي ابتڙ اِهي ٻٽيهه ڏند ٻاهر ڪڍي کلندا ته چڱو ٿيو ڏقيڙ پيدا ڪندڙ همراهه مان جان ڇٽي.

ان ڪان اڳ جو اسان پنهنجي مضمون کي اڳتي وڌايون اهو سمجهڻ ضروري آهي ته اسان خود انهن ٻن سوالن ”ڇو“ ۽ ”ڪيئن“ کي ڇو سمجهون؟ يا انهن جي اهميت ڇا آهي ۽ ڪهڙي ريت اهي صحيح رُخ ۾ سوچڻ ۾ اسان جا معاون بڻجي سگهن ٿا. ڪيئن ۽ ڇو جهڙن سوالن جي پيدا ٿيڻ جي لازميت حڪمران فڪري قوتن (رياست، مذهب، سرمائيداري نظام) وٽ واضح هوندي آهي. تنهنڪري اهي

هميشه اهڙا ”ڪيئن“ ۽ ”ڇو“ جهڙا انيڪ سوال پيدا ڪنديون رهنديون آهن جن سان سندن حڪمراني تي ڪو بنيادي فرق نه پوي. سماج جي اهڙي غالب فڪري نظام ۾ هو عوام کي صرف ڏيکارڻ لاءِ ڏند ڏيندو آهي نه ڪي چڪ پائڻ لاءِ. تنهنڪري سوال صرف هڪ دفعو پڇيل ڪيئن ۽ ڇو جي سوال جو ناهي. پر سوال ”ڪيئن“ ۽ ”ڇو“ جهڙن سوالن جي هڪ اهڙي لڳاتار سلسلي جو آهي جيڪو سماج ۾ موجود فڪري نظام ۽ سوچ جي صورتن کي بحث هيٺ آڻي ٿو. هڪ اهڙو ”ڪيئن“ ۽ ”ڇو“ پنهنجي انقلابي بيهڪ سبب سماج جي عوام رواجي ”ڪيئن ۽ ڇو“ کان بلڪل ڌار ٿي بيهي ٿي. ڇو ته عام رواجي سوال هڪ تبديل ٿيندڙ ۽ اڻپوري حقيقت جا، نه تبديل ٿيندڙ ۽ پورا جواب لهندا آهن. انهن ٻنهي سوالن جي اهميت کي واضح ڪرڻ لاءِ جين پال سارتر جي ڪتاب ”Being and nothingness“ ۾ لکيل هيٺين سٽن تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. سارتر (Sartre) لکي ٿو ”انسان هجڻ ۽ شيءِ هجڻ ۾ فرق اهو آهي ته شيءِ مڪمل ٿيندي آهي ۽ انسان اڻ مڪمل. انسان هجڻ جي عظمت ان ڳالهه ۾ لڪل آهي ته انسان پنهنجي نامڪمل هجڻ جو شعور رکندو آهي. شعور رکڻ واري اها ڳالهه انسان کي مجبور ڪندي آهي ته هو پنهنجو پاڻ کي تخليق ڪندو رهي.“

پنهنجو پاڻ کي تخليق ڪرڻ واري عمل ۾ ”ڇو“ ۽ ”ڪيئن“ ۽ ان جهڙا ٻيا سوال انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن توهان واقعي ۾ انسان آهيو ته پوءِ پنهنجو پاڻ تي سوچڻ ۽ سماج ۾ موجود شين تي سوچڻ ۽ حقيقتن کي تلاش ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ”ڇو“ ۽ ”ڪيئن“ جا سوال ڪٿي سچ کي تلاش ڪندا وڃو ۽ ان سان گڏ پاڻ کي به تخليق ڪندا وڃو.

پر جيڪڏهن توهان پنهنجو پاڻ کي اهڙو انسان سمجهو ٿا جنهن وٽ سمجهڻ جي لاءِ ڪجهه به نه آهي، يا توهان اهڙا انسان آهيو جنهن وٽ سڀ ڪجهه آهي ۽ توهان ڇئن ئي پاسن کان مڪمل آهيو. يا توهان وٽ سچ کي ڄاڻڻ جي ڪا جستجو نه آهي ڇاڪاڻ ته توهان سمجهو ٿا ته سماج، مٽن مائٽن، روايتن ۽ درسي ڪتابن کان مليل سچ ئي سڀ ڪجهه آهي. ان سچ کان علاوه باقي ٻيو سڀ ڪوڙ آهي، يا توهان پنهنجو پاڻ کي عقل ڪُل (هتان جو مڊل ڪلاس، نام نهاد، سوٽڊ بوٽڊ ڊگري يافته مخلوق) سمجهو ٿا ته پوءِ معذرت سان مون کي اهو چوڻ جي اجازت ڏيندا ته توهان به هڪ شيءِ آهيو ۽ اها شين جي ئي خاصيت هوندي آهي ته اهي پنهنجو پاڻ کي تخليق ڪري نه سگهنديون آهن. اهي مڪمل هونديون آهن. هيگل چيو هو ته ”هر زنده حقيقت هميشه ڪٽل هوندي آهي.“ پنهنجو پاڻ، ان سماج ۽ ڪائنات تي نه سوچڻ جي سزا اسان کي اها ملي آهي جو اسين شيون بڻجي ويا آهيون. نتيجتاً ڪوبه سياسي ۽ مذهبي اڳواڻ آسانيءَ سان اسان کي پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ استعمال ڪري ويندو آهي. (هونئن به دانهن جو مقصد اسان کي شيون بڻائي پنهنجي استعمال هيٺ آڻن ئي هوندو آهي) ۽ جڏهن سماج جي اڪثريت شيءِ بڻجي وڃي ته مفاد پرست ٽولي لاءِ ان کان وڏيڪ خوشقسمتي جي ڳالهه ڪهڙي ٿيندي؟ باقي انسان هجڻ جي اصل معنيٰ اڻ مڪمل هجڻ جو احساس پيدا ٿيڻ آهي، جيڪو اسان وٽ ناپيد آهي. سچ جي اڻ هوند ۽ جهالت جي گهٽائيءَ کان واقف هجڻ هڪ وڏي نعمت آهي. (مان ڄاڻان ٿو ته مان ڪجهه به نه ٿو ڄاڻان، سقراط) ان نعمت جي بدولت انسان پنهنجي جهالت سان وڙهڻ سگهندو آهي ۽ سچ کي ڄاڻڻ جي جستجو ۾ پنهنجو پاڻ کي


تخليق ڪندو ويندو آهي ۽ اهڙي ريت انسان بڻجڻ جو شوق حاصل ڪري وٺندو آهي. جيڪڏهن توهان انسان هجڻ جو شوق حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته حق ۽ سچ کي تلاش ڪريو. جيڪڏهن نه ته پوءِ شين تي ڪهڙي معيار!!! پنهنجو پاڻ کي تخليق ڪرڻ واري عمل ۾ ڇو ۽ ڪيئن جا انقلابي سوال انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. انهن ڪانسواءِ سچ کي جاڻڻ واري تلاش ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ ته انهن سوالن ڪانسواءِ علم جي آگهي لاءِ توهان کي واٽ نه ملندي. "ڪيئن" جي سوال کي اڳيان رکي مان ڪن واقعن جو ذڪر ڪرڻ چاهيندم جن تي جڏهن مون "ڪيئن" جو سوال لاڳو ڪيو ته مون کي وڌيڪ شين کي ڄاڻڻ جو شوق پيدا ٿيو. هڪ واقعو ته هي آهي ته مون اڪثر ماڻهن کي اهو چوندي ٻڌو آهي ته جنهن گهر ۾ ڪتو ۽ تصوير هوندي آهي ان گهر ۾ فرشتا نه ايندا آهن. مون کي ياد آهي ته جڏهن به مون ان ڳالهه کي ٻڌو هر دفعي ان کي سچ سمجهي دل سان لڳائي ڇڏيو هو. پر هڪ ڏينهن "How" (ڪيئن) جي سوال ان تي وڌيڪ سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو. مثال طور مون سوچيو ته جيڪڏهن فرشتن جو ڪنهن گهر ۾ نه اچڻ جو ڪارڻ ڪتا يا تصويرون آهن ته پوءِ اهو "ڪيئن" ممڪن ٿي سگهي ٿو ته ڪو فرشتو زمين تي اچي سگهي؟ ڇاڪاڻ ته پاڙي ۾، شهرن ۾ ۽ ڳوٺن ۽ هن دنيا ۾ ڪتا ۽ تصويرون ته عام جام آهن. هاڻي اهو ڪيئن ممڪن آهي ته ڪو فرشتو زمين تي اچي؟ ٻيو واقعو هي آهي ته ڪنهن مشرڪ جي نڪ مان مڇر ٽپي وڃي ان جي مغز ۾ رهيو ۽ پورو هفتو ان جو دماغ کائيندو رهيو. مشرڪ جي مغز ۾ سور وڌندو هو ته ڪو ان کي مٿي تي جُتي هڻندو هو ۽ ڪجهه وقت لاءِ ان کي آرام ملندو هو. ننڍي لاءِ جڏهن به اهو واقعو ٻڌم دل سان سچو تسليم ڪري ويهي رهيس. پوءِ خيال آيو ته ائين ڪيئن ممڪن آهي ته پورو هفتو مشرڪ جي دماغ ۾ ويهي ان کي مارينڌڙ مڇر ايتري عرصي تائين پاڻ زنده رهيو؟ ماڻهو جي ڪن ۾ جيڪڏهن ٿلهي متاري مک هلي وڃي ته اها ڪجهه سيڪنڊن ۾ مري ويندي آهي. پوءِ هڪ ڪمزور مڇر ايتري عرصي تائين زنده ڪيئن رهيو؟ (جڏهن ته پورو مناسب ماحول ملڻ ڪانپوءِ به مڇر جي طبعي عمر 24 ڪلاڪ هوندي آهي) ۽ ٻي ڳالهه ته نڪ جي ذريعي اهو ڪهڙي رستي دماغ تائين پهتو؟ ڇاڪاڻ ته نڪ مان نڪرندڙ رستو اسان جي دماغ ڏانهن نه بلڪ اسان جي ڪاڪڙي طرف ايندو آهي؟ ان جهڙا ڪوڙ سارا واقعا سماج ۾ عام جام ٻڌايا ۽ ورجايا ويندا آهن ڇاڪاڻ ته ڪوڙ سارن سببن ڪري اهڙن واقعن تي "How" (ڪيئن) جو سوال نه پڇندا آهيون ۽ نتيجتاً اهڙي قسم جون عقل کان مٿي واريون شيون اسان وٽ علمي بڻجي وينديون آهن.

